
شاهه لطيف رح جا شيدائي
(حصو پهريون)
تحقيق ۽ ترتيب:
راهب علي لاڙڪ

شاهہ لطيف رحہ جا شيدائي

(حصو پهريون)

تحقيق ۽ ترتيب: راهب علي لاڙڪ

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
2016ع

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب نمبر (13)

ڪتاب جو نالو: شاهه لطيف رح جا شيدائي

حصو: پهريون

موضوع: تحقيق

تحقيق ۽ ترتيب: راهب علي لاڙڪ

ڇاپو: فيبروري 2016ع

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: ثاقب علي لاڙڪ/ شنڪر لال سڪواڻي

ٽائيٽل:

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد

ملهه: 250 روپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

پيتائي ڪتاب گهر حيدرآباد.. فڪشن هائوس حيدرآباد

ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد

قليچ ڪتاب گهر سنڌ لينگويج اٿارٽي حيدرآباد

ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد

ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو

مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گهر شڪارپور

سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر. تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس

راڻي بڪ ڊيپو مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.

راشد بوڪ اسٽور نوشهرو فيروز

ارپنا

آءُ پنهنجو قلمي پورهيو
پنهنجي والد محترم
مرحوم صيفل خان لاڙڪ
۽
پياري دوست
مرحوم شاعر ڪفايت حسين لاڙڪ
جي نانءُ ڪيان ٿو. ڏٽيءَ در التجا آهي تہ رب پاڪ
کين جنت الفردوس جون سڀئي نعمتون عطا فرمائي. آمين

لڏاڻيا لطيف چئي، ڪتون ڪنيائون،
آٽي ڪاڪ ڪنڌيءَ لڏا لاٿائون،
ميرا لاهي ڪپڙا اڇا اوڍيائون،
چارئي چني پاندڙا، چوڙي چڏيائون،
ڏڳ لتيائون ڏوڙ ۾، لڳ نہ لوڏيائون،
چڏي حيلا هليا، مومل ماڻيائون،
پيرو پڳائون وڃي آسڻ آرامي ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فھرست

مھاڳ	4
ڪتاب متعلق ٻہ اکر	10
پنھنجي پاران	13
اداري پاران	16
شاھ لطيف جو مختصر احوال	17
ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، حضرت شاھ عبداللطيف جو پھريون شارح	23
ڊاڪٽر-ايچ-ٽي-سورلي	27
جرڊ ليوپڪي(Gierd Lupke)	31
ايلسا قاضي	32
سر رچرڊ فرانسز برٽن	36
ڊاڪٽر ايني ميري شميل	38
ميجر ھينري ايف-جي-گولڊ سمڊ	41
شاھ لطيف جي درگاھ تي ڀاري ڏيندڙ روسي ليڪ گرجيف	42
ديوان ٿارومل (ھندو ليڪڪن ۾ پھريون قلمي نسخو لکرائيندڙ)	44
ڊاڪٽر ھرومل سدا رنگاڻي	45
چيتمل پرسرام گلراجاڻي	47
پروفيسر رام پنجواڻي	49
پيرومل مھرچند آڏواڻي	50
ھوتچند ولد مُولچند گربخشاڻي	52
ليلارام وطن مل خاڪي	56
پوپٽي ھيرانداڻي	58
ڏيارام گدومل	59
ديوان تاراچند شوقيرام	61
ڊاڪٽر پرسوجي گدواڻي	62
پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي	63
پروفيسر منگھارام ملڪاڻي	66
تيرٿداس ھوتچند	68

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر منوهر لعل بختراءِ متلاڻي 69
ٻلديو ولد بختراءِ متلاڻي 70
فتح چند منگترام واسواڻي 71
لالچند امرڏنومل جڳتياڻي 72
ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي 74
رائچند هريجن 75
ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيتلي 76
هري درياڻي دلگير 78
هيرو ٺڪر 79
ڊاڪٽر جگديش لچاڻي 82
ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي 84
ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي 86
هيرو شيوڪاڻي 89
پريتم پياسي 90
پروفيسر موهن لعل پريمي 93
جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي 94
ريتا شهاڻي 96
وينا شرنگي 97
لڇمي ڪلاڻي 99
شاهہ جو رسالو سهيڙيندڙ ٻاگوجي ولد ڏانوجي 100
موتيرام ايس رامواڻي 103
هولارام هنس 104
تيرٿ بسنت 105
نارايڻ شيام 106
پروفيسر ڪي-ايس ناگپال 107
ڊاڪٽر موتي پرڪاش 109
پرمانند ميوارام 110
پروفيسر ڄهامنداس ڀاٽيا 111

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي-جي-اتم	112
پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي	113
ڪيرت ٻاٻاڻي	114
گوبند ڪوڙومل خوشحالاڻي	115
ڊاڪٽر ايس-ايم جهانگياڻي	115
جهمٽمل نارومل وسناڻي	116
پروفيسر هاسارام پمناڻي	117
ٿانورداس ليلارام واسواڻي (ساڌوٽي-ايل-واسواڻي داداجي)	118
پروفيسر چيتن ماڙيوالا	119
قيمت هريسنگهاڻي	119
گوبند مالهي	120
پوڪرداس منشي	120
منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي	121
ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي شاد	121
نرمل جيوتاڻي	122
آسانند مامتوراءِ	123
لالسنگهہ اجواڻي	123
پياسي ڪمل ڪيولراماڻي	124
ٺڪر ڪرپالاڻي	124
مختلف ليکڪ	125
شاهہ لطيف جي لوڪ قصن تي مشتمل هندو ليکڪن جا ناٽڪ	133
شاهہ جي رسالي جو هندي ترجمو	138
ڀارت ۾ ڇپايل شاهہ جي رسالي جو انگريزي ترجمو	139
شاهہ جي رسالي جو گجراتي زبان ۾ ترجمو	140
گجراتي زبان ۾ شاهہ لطيف متعلق مختصر ڪتاب	141
شاهہ جي واين جو ديوناگري ٻوليءَ ۾ انيل ڪمار جو ڪيل ترجمو	143
شاهہ جي رسالي جي لغتن جو مختصر جائزو	143
آغا تاج محمد	145

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد سومار شيخ	152
شاهہ جو شيدائي مولائي شيدائي	156
شاهہ لطيف جو پارکو فقير استاد قربان علي ميمڻ	160
نورالدين سرکي	162
عبدالغفور الستي	166
شاهہ لطيف جي ورسي، جشنِ سالگره جو مختصر احوال	169
انٽرنيشنل لطيف سيمينار	175
مددي ڪتاب	178

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

شاهہ عبداللطيف جو سنڌ ۾ پيدا ٿيڻ ڪنهن وڏي معجزي کان گهٽ نہ آهي، شاهہ سائين سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ثقافت، ٻولي ۽ ادب جي سڃاڻپ آهي. اسين فخر سان سندس نالو دنيا جي وڏن شاعرن ۾ شامل ڪري سگهون ٿا.

اسان جي بدنصيبي اها آهي تہ سنڌي ٻولي جيڪا دنيا جي اهم ٻولين جي قطار ۾ بيهڻ جي لاءِ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي هئي تنهن کي ورهاڱي سبب ڪاپاري ڌڪ لڳو. هاڻي تہ سنڌ ۾ تعليم جي تباهي سبب سنڌي ٻولي بہ تباهي جي ڪناري تي اچي بيٺي آهي ۽ هڪ ننڍڙي ٻولي بنجي وئي آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ان ننڍڙي ٻولي جو شاعر آهي جنهن کي دنيا جي ادب ۾ اڃا اها جاءِ نہ ملي سگهي آهي جيڏو هو وڏو شاعر آهي.

راهب علي لاڙڪ ڏيهي ۽ پرڏيهي ليکڪن جا شاهہ عبداللطيف بابت ٽڙيل پکڙيل رايہ هڪ هنڌ گڏ ڪيا آهن اهو هڪ وڏو محنت طلب ڪم آهي، جنهن لاءِ وڏي جاکوڙ جي ضرورت هئي راهب علي کي جس هجي جنهن ايڏي جاکوڙ ڪري ان اهم ڪم کي پايہ تڪميل تي پهچايو آهي بلاشڪ اهو هڪ تحسين جوڳو ڪم آهي. اصل ۾ سنڌ ثقافت کاتي يا ٻئي ڪنهن علمي ادبي اداري کي اهو ڪم ڪرڻ کپندو هو، جيڪو راهب علي لاڙڪ اڪيلي سر، بنا ڪنهن سرڪاري مدد جي ڪيو آهي.

شاهہ عبداللطيف جي رسالي جا ٻين ٻولين ۾ ڪجهہ ترجما ٿيا آهن. انهن مان ڪجهہ ترجمن جهڙوڪ انگريزي، هندي، گجراتي زبانن کان سواءِ رسالي جي ديوناگري واري ڇاپي جو راهب علي هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي. پر اڃا ڪي ترجما رهجي ويا آهن، جيئن شيخ اياز، رشيد احمد لاشاري، آغا محمد يعقوب، آغا سليم ۽ ٻين جا ڪيل ترجما آهن. شايد ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ انهن ترجمن جو ذڪر شامل ڪيو ويندو.

شاهہ جي رسالي ۾ گهڻا سر لوڪ داستانن تي مشتمل آهن. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ۽ پوءِ انڊيا ۾ سنڌي ليکڪن رسالي جي لوڪ داستانن وارن سرن جي آڌار تي اسٽيج ڊراما لکيا ۽ پيش ڪيا. راهب علي لاڙڪ انهن سمورن

اسٽيج ڊرامن جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ سنڌ ۽ هند ۾ شاهه جي ورسين بابت احوال لکيو آهي.

منهنجي خيال ۾ راهب علي لاڙڪ جو هي نهايت اهم ڪم آهي، جيڪڏهن سنڌ ثقافت کاتو يا ڀيو ڪو ادارو ان جو انگريزي ۽ اردو ۾ ترجمو ڪرائي ته اهو دنيا ۾ شاهه عبداللطيف جو بهترين تعارف ٿيندو.

شوڪت حسين شورو

Date: - 20-10-2015

ڪتاب متعلق ٻہ اکر

راهب علي لاڙڪ سنڌي ادب ۾ شاهہ لطيف جي حوالي سان ڄاڻ رکندڙن ۾ هڪ نمايان نالو آهي، پاڻ هن ڪتاب کان اڳ ڪتاب "لطيفي معلومات موضوع وار" 2006ع ۾ شايع ڪرايائين، جيڪو پڻ گهڻو معلوماتي ۽ شاهہ لطيف بابت ڪوئز جو پنڊار آهي. خصوص بالخصوص ريڊيو لسنرن لاءِ هڪ اثاثو آهي.

" شاهہ لطيف جا شيدائي" سندن ٻيو ڪتاب اٿن. ان کان سواءِ سندس شاهہ لطيف متعلق لکيل مضمون مختلف رسالن ۾ بہ شايع ٿيل آهن.

پيشي جي لحاظ سان پاڻ استاد آهن ۽ شوق جي لحاظ سان پاڻ شاهہ جا شيدائي ۽ ڄاڪوڙي انسان آهن. اڄ کان تقريباً ٻہ سال اڳ ڏسان تہ منهنجي در تي هڪ همراهہ اچي پهتو. مون سندس مختصر خاطر تواضع ڪئي ۽ حال احوال ورتو. پاڻ فرمايائون تہ آءٌ توهان جي شاهہ لطيف بابت لکيل ٿيسز "شاهہ لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو" جي ڳولا ۾ آهيان. سو مون سندس اها خواهش پوري ڪئي ۽ پوءِ پيا حال احوال اورياسين. ڏٺم تہ پاڻ نہ صرف شاهہ لطيف بابت پر سنڌي ادب، تاريخ ۽ ثقافت بابت گهڻي معلومات ٿا رکن ۽ وٽن هڪ ذاتي لائبرري آهي. خاص ڪري پاڻ شاهہ لطيف متعلق نون ڪتابن خريد ڪرڻ جا گهڻا شوقين آهن، بس اهو ڏينهن ٿيو ۽ پوءِ ڪو نئون ڪتاب آيو ناهي ۽ منهنجو ساڻس رابطو ٿيو ناهي، خاص ڪري شاهہ لطيف جي باري ۾ لکيل ڪتابن جي ڊائريڪٽري آهن. ان سلسلي ۾ منهنجي رهنمائي ڪندا رهندا آهن.

راهب علي لاڙڪ هڪ لائق فائق انسان ۽ لطيف شناس کان علاوه ريڊيو لسنر طور مشهور آهي. هي منهنجو بهترين دوست آهي. پاڻ ۽ غلام شبير پيراهين عنايت ڪري مون وٽ مهمان ٿيندا آهن ۽ ٻئي ماشاءَالله علم ۽ ادب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي اچون ٿا سندس بئي ۽ موجوده ڪتاب تي، پاڻ هن ڪتاب ۾ بہ جاکوڙ ڪري وڏو مواد ڏنو اٿن. مٿي ذڪر ڪري آيا سون تہ هن ڪتاب جو نالو آهي ”شاهه لطيف جا شيدائي“ حصو پهريون، هن ڪتاب ۾ ڏيهي پرڏيهي مسلم ۽ غيرمسلم ليکڪن جو شاهه لطيف ۽ گڏوگڏ علم ادب ۽ تاريخ تي ڪيل ڪم جو جائزو ورتو اٿائون.

هن ڪتاب جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

هن ڪتاب ۾ مهاڳ، بہ اکر، ارپنا ۽ پنهنجي پاران لکڻ کان پوءِ شاهه لطيف جو مختصر احوال پيش ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي شروعات ۾ شاهه سائينءَ جي ابن ڏاڏن کان وٺي لطيف سائينءَ جي ولادت بابت دعائون، سندن تعليم تربيت ۽ راند روند ۽ سندس ٻاراڻا دوست ۽ استادن جو ڀرپور ذڪر ڪيو ويو آهي. ازانسواءِ وقت جي جيد عالمن سان شاهه حبيب جون پٽ لطيف کي ملاقاتون ڪرائڻ بہ شامل آهن، ان کان علاوه شاهه لطيف جي سيرسفر بابت ۽ ان بعد حبيب شاهه ۽ لطيف جي وصال بابت ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ گهڻين روايتن سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

ان بعد لطيف سائينءَ جي شارحن ۽ پارکن جو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ کان وٺي ذڪر ڪيو ويو آهي. گڏوگڏ ڊاڪٽر سورلي جو پڻ ڀرپور ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ڊاڪٽر سورلي لطيف سائينءَ کان ڪيئن متاثر ٿيو هو. ان بعد ڪافي شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ تقريبن 161 شخصيتن جا مضمون، مقالا ڏنل آهن. هندو ليکڪن ۾ ديوان ٽارومل کان وٺندي ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جو ڀرپور ذڪر ڪيو ويو آهي. هنن ليکڪن جو لطيف سائينءَ بابت ڪيل ڪم سان گڏوگڏ سندن زندگيءَ جو احوال پڻ ڏنو ويو آهي. خاص ڪري راهب علي لاڙڪ هندو ڏيهي ۽ پرڏيهي ليکڪن جو ڀرپور ذڪر ڪيو آهي.

هندن جو هر دؤر ۾ شاهه لطيف بابت نثر توڙي رسالن جي ميدان ۾ ڪم ڪيل آهي، پر هن ڪتاب ۾ انهن سڀني هندو ليکڪن ۽ شارحن کي يڪجاءِ ڪيو ويو آهي. ايڏي وڏي پايي واري ڪم ڪرڻ تي راهب علي لاڙڪ ڪيرون لهڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ازانسواءِ شاهه لطيف جي سير سفر وارو پاسو اجان تائين تشنئہ تحقيق رهيو پيو آهي خاص طور تي اتر سنڌ ۾ لطيف سائينءَ جي سير سفر بابت گهٽ لکيو ويو آهي. راقم پڻ ان سلسلي ۾ ڪجهہ ڪم ڪيو آهي. پر ان سلسلي ۾ راهب علي لاڙڪ ڪي گذارش آهي تہ اتر سنڌ ۾ لطيف سائينءَ جي تڪين ۽ اوتارن بابت پڻ ڪم ڪن تہ هي لطيف سائينءَ جي سير سفر جي حوالي سان تاريخ رقم ٿي پوندي.

شاهه سائينءَ جو سير و سفر، ٿر، سانگهڙ، حيدرآباد، لاڙ ۽ ان جي پير پاسي بابت پيرومل، شيخ سومار، معمور يوسفاڻيءَ ۽ نواز ڪنڀر ذڪر ڪيو آهي پر اتر سنڌ ۾ لطيف جي تڪين ۽ اوتارن تي لکڻ لاءِ ميدان کليو پيو آهي ۽ اهي اوتارا اڄ تائين موجود آهن صرف اتي وڃڻ جي ضرورت آهي. تنهنڪري اهو ڪم بہ راهب علي لاڙڪ ڪري تہ سندس هڪ وڏو احسان ليکبو.

آخر ۾ دعا آهي تہ الله سائين راهب علي لاڙڪ کي وڏي عمر ڏئي تہ جيئن علم ادب، تاريخ، ثقافت ۽ شاهه لطيف بابت وڌيڪ ڪتابن سان سنڌي ادب جي آبياري ٿئي ۽ سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ لاڀ حاصل ڪري سگهن.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو
C-55 شريف اسڪوائر، حسين آباد حيدرآباد.
موبائيل نمبر:- 03073507476
Date: 2015-10-21

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنھنجي پاران

منڙي مالڪ ۽ لاڪيٽي لطيف جي مون ناچيز تي ڪرم نوازي آهي جو مون کي قلم جي سگھہ وسيلي لکڻ ۽ لطيفي لڙهيءَ کي سموهڻ جي لائق بڻايائين. آءٌ جڏهن 1987ع ۾ مرشد لطيف جي آسڻ تي حاضري ڀرڻ لاءِ ويس تہ لطيفي صحن ۾ اڻ ڳڻين پتنگن ۽ پروانن فقيرن جي اوجاڳيل اکڙين مان لاڪيٽي لطيف سان سندن پريم ۽ پريت جو اهڙو تہ پيچ نظر آيو جو منھنجي اندر مان آهہ نڪتي تہ شل مون کي بہ اهڙو هڳاءُ ميسر ٿئي. رب سائين جا سهسين شڪرانہ جو منھنجي آس پوري ٿي ۽ پتائيءَ سان لئون لڳي، پوءِ ٿيو ائين جو ڪتابن گڏ ڪرڻ جو جنون جاڳيو ۽ غربت دوران بہ ڪتاب خريد ڪندو رهيس تہ وري اديب دوستن بہ اعزازي ڪاپيون موڪلڻ شروع ڪيون. اهڙي طرح وقت جي وِير وهي وئي ۽ ڏک ڏولاوا ڏور ٿيا ۽ ڪجھہ عرصي بعد شاهہ لطيف جي سايي ۽ ڇپر ڇانوَ ۾ هڪ ڪتاب "لطيفي معلومات موضوع وار" ترتيب ڏئي سال 2006ع ۾ شايع ڪرايم تنھن بعد هي ٻيو ڪتاب " شاهہ لطيف جا شيدائي" هن ڪتاب جي جلد پهرين ۾ شاهہ لطيف جي ڪجھہ اوائلي ليکڪن جي لکڻين، ترجمن ۽ ورسين جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. جيئن تہ بقايہ سوانح نگار جن ۾ مير علي شير قانع، مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وغيره جو شاهہ لطيف جي سوانح حيات تي ڪيل ڪم ۽ ٻين لاتعداد ليکڪن، محققن، شاهہ لطيف جي ڪلام جا اردو، عربي، فارسي، پنجابي، سرائيڪي، بلوچي، براهوي ۽ انگريزيءَ ۾ جيڪي ترجما ڪيا آهن. سندن احوال ڪم انشاءَ الله ايندڙ ڪتاب ۾ ڏنو ويندو.

مشهور جرمن مشترق ڊاڪٽر اينيمري شمل هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ورلي ڪو اهڙو سنڌي اديب هوندو، جنھن شاهہ لطيف تي قلم کڻي ڪيس خراجِ عقيدت پيش نہ ڪيو هجي.

اڪثر ڪري هند سنڌ جي ليکڪن جنھن بہ شخصيت جي سوانح ۽ قلمي پورهيي کي نروار ڪيو آهي، ان ۾ مختلف رخن سان عيان ڪيو آهي. مون انھن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصيتن جي لطيف شناسي تي ڪيل ڪم ڪي ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هند-سنڌ جا اديب ۽ جيڪر لطيف شناس شخصيت جي سوانحي خاڪي ۾ علمي، ادبي ڪاوشن سان گڏ ان پارکوءَ جو لاڪيٽي لطيف تي ڪيل ڪم ڪي ۽ شامل ڪن تہ ان شخصيت بابت بهترين معلومات ملندي.

”شاهه لطيف جا شيدائي“ مون هن ڪتاب ۾ انگريز ۽ هندو ليکڪن جي مختصر سوانح حيات سان گڏ سندن شاهه لطيف متعلق تحقيقي تحريرون ترتيب ڏنيون آهن. ان ڪان علاوه ڪجهہ مسلم ليکڪن جا مضمون، مقالا ۽ شاهه لطيف جون ڪجهہ اوائلي ورسيون، سيمينار جن ۾ شاهه سائين سان اظهارِ عقيدت بيان ڪيل آهي. انهن جو مختصر وُچور ترتيب ڏئي پيش ڪيو آهي.

شاهه سائينءَ جي شائقن، محققن کي بخوبي علم آهي تہ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي هن ڌرتيءَ جو عظيم شاعر ڪان علاوه سنڌ جي جاگرافيءَ جو بحرالعلوم هو سندس ڪلام ۾ بي بها موتي ۽ روحاني راز سمايل آهن سندس ڪلام مان برِ صغير جي ليکڪن مختلف عنوان چونڊي بيشمار ڪم ڪيو آهي ۽ اهو اڻ کٽ سلسلو قيامت تائين هلندو رهندو.

مونکي هن ڪتاب لکڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ تقريبن ۽ سال لڳي ويا انهي عرصي دوران محترم غلام شبير ڀيراهين، ياسر عبدالغني خاصخيلي، مزار خان فراش ۽ FM جي آواز جي جادوگر حاڪم علي جسڪاڻي صاحب هن ڪتاب متعلق منهنجي حوصلہ افزائي ڪئي.

هي مواد ثاقب علي لاڙڪ ڪمپوز ڪيو ۽ ڪتاب جا پروف صوفي نزاڪت علي سومري چيڪ ڪيا. تنهن بعد مون ان تي نظرثاني ڪئي آهي.

آخر ۾ آءٌ سائين شوڪت حسين شورو صاحب ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙي صاحب جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي قلمي پورهيي تي پنهنجا قيمتي ويچار ونڊيا سندن وڏا وڙ.

اميد تہ منهنجي هن ننڍڙي ڪوشش مان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عقيدتمندن ۽ پارکن ڪان علاوه اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ ڪوئيز مقابلن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن کي هن ڪتاب مان ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ لاڀائتو مواد ميسر ٿيندو. هن ڪتاب جي مطالعي بعد ڪتاب ۾ ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڻائي يا پروفن جي نظر چُڪ سبب ڪا غلطي ٿي هجي ته منهنجي اصلاح ضرور ڪندا. شڪريه.

خادم العلم
راهب علي لاڙڪ
03013528644-03337092473
پوسٽ آفيس ڪاهي راهو
وايا ضلعو نوشهرو فيروز
Date: 04 -01-2016

اداري پاران

اها اسان جي خوشقسمتي آهي جو جتي سنڌي ادبي جي واڌ ويجهہ جو سبب بڻجندڙ اڻ ڳڻيا ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن، اتي موجوده نفسانفسي واري دور ۾ بہ پڙهندڙن جو وسيع حلقو موجود آهي، ان حوالي سان خاص طور نثر نگاري ۾ اهڙن ڪتابن جي اڻاٺ محسوس ٿئي ٿي، جن جو پڙهندڙ هميشہ متلاشي رهي ٿو. سنڌ ۾ شاعرن جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي، شاعري ۽ فڪري اڏام متعلق وقت بوقت ڏيهي توڙي پرڏيهي محقق ۽ شارح پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ آڌار ايندڙ نسلن لاءِ ڀرپور مواد ڇڏيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ شاهہ لطيف ڪي هر دور جو شاعر سڏيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي لطيف سرڪار جي فڪري اڏام جي جيترن پاسن يا پهلوئن تي جيترو بہ لکيو وڃي اهو گهٽ آهي.

راهب لاڙڪ جي تحقيق ۽ ترتيبي مشتمل هن ڪتاب ”شاهہ لطيف جا شيدائي“ ۾ انهن املهہ شخصيتن متعلق ڀرپور معلومات شامل آهن، جن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي، شاعري ۽ فڪري اڏام جي مختلف پهلوئن ڪي وس آهر قلمي پورهئي سان نوازيو آهي. راهب لاڙڪ جو هي ڪتاب لطيفي لات جي ان سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي عشاقن جهڙي نموني پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو ڀرپور نموني اظهار ڪيو آهي، ان تي لطيف سرڪار ڀين شيدائين لاءِ رشڪ اچڻ فطري عمل آهي. شاهہ لطيف جي شيدائين جي ڊگهي قطار مان راهب لاڙڪ هن ڪتاب ڀهرين حصي ۾ جن اهم شخصيتن جي چونڊ ڪئي آهي انهن مان اڪثر هن وقت هن دنيا ۾ موجود ناهن. پر سندن خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪري سچ تہ راهب لاڙڪ پاڻ بہ شاهہ لطيف جي شيدائي هجڻ جو ثبوت پيش ڪيو آهي. هي ڪتاب يقيني لطيف سرڪار سان بہ تحاشہ عشق رکندڙ ليکڪن، شاگردن ۽ عام پڙهندڙن جي معلومات ۾ واڌاري جو سبب بڻجندو ۽ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران خصوصن هن ڪتاب جي اشاعت تي انتهائي سرڳائي محسوس ڪئي پئي وڃي. اميد تہ ڀين ڪتابن جيان راهب لاڙڪ جي هن محنتن جي بہ پڙهندڙن پاران ڀرپور موٽ ملندي.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون
شاهہ لطيف رحہ جو مختصر احوال

سيد حبيب شاهہ ولد عبدالقدوس شاهہ متعلوي ساداتن مان هو.عربي ۽ فارسي بخوبي ڄاڻندو هو ۽ پاڻ شاعري بہ ڪندو هو ان کان علاوه فارسي جا بيت مٺي آواز ۾ لي سان پڙهندو هو. ڪيس شاهہ ڪريم، قاضي قادن ۽ شاهہ عنايت رضوي جا بيت بہ ياد هوندا هئا. پاڻ پنهنجي تر ۾ وڏو حاذق حڪيم بہ هو. سندس مريد ۽ معتقد اڪثر ڏيرا، هالا ۽ دل قوم وارا هئا جن کي دوا سان گڏ دعا ۽ سڳا شفا طور ڏيندو هئو. هي بزرگ بني ٻاري جي ڪم ڪان سواءِ نماز پابنديءَ سان ادا ڪندو هو. سندس اوتاري تي مسافرن لاءِ هميشہ لنگر جاري هوندو هو.

سيد حبيب شاهہ هڪ شادي پنهنجن عزيزن مان ڪئي. (روايتن مان مغل قوم مان) ۽ ٻي شادي عرس فقير ڏيرو وٽان ڪئي. ان مان ئي لاڪيٽي لطيف جو جنم ٿيو. سيد حبيب شاهہ کي اولاد نہ پئي ٿيو تہ تي پيرا متياريءَ جي بزرگ سخي سيد هاشم وٽ پُٽاڻي اولاد لاءِ دعا لاءِ ويو هو. ڪيس ان جي دعا سان اولاد تہ ٿيو پر جمندي ئي گذاري ويو. وري ٻيهر پاڻ سخي هاشم شاهہ وٽ ويو. جنهن ڪيس چيو تہ "پُٽ ضرور ٿيندئي" پر سندس نالو عبداللطيف رکجانءِ. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪيس پُٽ ڄائو پر اهو بہ گذاري ويو. ٽيون ڀيرو سيد حبيب شاهہ، سخي هاشم کي عرض ڪيو تہ "مهنجا ٻہ فرزند الله تعاليٰ کي پيارا ٿي ويا آهن. وري دعا ڪريو تہ پُٽ عطا ٿئي" سخي هاشم ڪيس فرمايو! "ابا الله قادر آهي توکي اسان جي دعا وارو پُٽ ضرور ڀاڳن ۾ پلئہ پوندو. ڳڻتي نہ ڪر الله پاڪ ڪريم آهي تنهنجي جهولي ضرور سائي ٿيندي". ڪجهہ عرصي کان پوءِ سخي هاشم جي دعا رنگ لاتو ۽ شاهہ حبيب جي گهر ۾ داين ۽ ٻانهين جي واتان خوشيءَ جا گيت ۽ شادمانا شروع ٿيا. آيا آس ٿيام ٻاروچا ڀنيور ۾.

(ليکڪ عاصي عبدالواحد هڪڙو پنهنجي مقالي وتائي فقير جون ڪشف ۽ ڪرامتون، ۾ لکي ٿو تہ شاه لطيف جو جنم وتائي فقير جي دعا سان ٿيو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحوم فقير امداد علي سرائي ڪتاب ڪستي منجهہ ڪٺان ڇاپو آگسٽ 1995ع صفحي 28 تي لکي ٿو تہ حبيب شاهہ جي لاڪيٽي ۾ صالح پُٽ هڪ مڪرم ماءُ فاطمہ جي پيٽان 1102هہ ۾ امرت ويل صبح سوير جنم باعثِ برڪت ٿيو.

شاهہ لطيف جي ولادت جون واڌايون سڀ کان اول حبيب شاهہ کي مائي جنان اچي ڏنيون. تنهن کان پوءِ ٻين مُريدن فقيرن بہ سائين جن کي مبارڪون ڏنيون. شاهہ لطيف جي جمڻ وقت دهليءَ ۾ اورنگزيب عالمگير جي حڪومت هئي.

مختلف ليکڪن شاهہ لطيف جي جنم جي تاريخ ۾ هنڌ بہ مختلف لکيا آهن. اهي ماڳ پيڙهءِ پور، موسيٰ ڪٽياڻ، متياري، هالا حويلي ملن ٿا ۽ ولادت 2_1101هہ مطابق 90_1689ع لکي آهي.

جديد تحقيق مطابق شاهہ لطيف کي جنم ڏيڻ جو شرف عرس فقير جي ننڍي نياڻيءَ کي مليو جيڪا شاهہ حبيب جي ٻي گهرواري ڇٽي وجي ٿي. (ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق) لطيف سائينءَ جو جنم پهرين رجب 1102هہ مطابق 8 يا 16 نومبر 1689ع تي هالا حويليءَ ۾ ٿيو. سندس والد ڪيس ڪن ۾ اذان ۽ اقامت چئي،ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سيد حبيب شاهہ لطيف کي تنجڻ سوڌو سخي سيد هاشم شاهہ ڏانهن کڻي ويو تہ ان ويل درويش وتايو فقير بہ اتي موجود هو.سخي هاشم شاهہ اٿي بيٺو ٽي مس تہ وتايي فقير رڙ ڪري سائين حبيب شاهہ کي سُڪيرون ڏنيون تہ اهو اٿئي اسان جو شاهہ لعل لطيف، ائين چئي ڪانئس ننڍڙو لطيف ونئي، وڃي درياهہ ۾ ٽُٻو ڏنائين تہ، وچ درياهہ ۾ سندن ملاقات حضرت خواجہ خضر سان ٿي تہ ان وقت خواجہ خضر لطيف کي بہ املهہ گل ڏنا. ٿوري دير بعد وتايو فقير، شاهہ عبداللطيف ابهم ساڻ درياهہ مان نڪتو ۽ رڙ ڪري چيائين ”حبيب شاهہ پنهنجو پُٽ وٺ مان هاڻ هن جو علمي بار نٿو کڻي سگهان“.

لطيف سائين ٻاراڻي واري عمر ۾ پنهنجي ماسات محمد عالم ڏيرو سان ڪيڏيو ان کان سواءِ جاني فقير ڏيرو سندس ننڍڙي هوندي جورفيق هو. سندس سنگت ۾ رفاقت فطري طور ڏيرن فقيرن جي ٻين ٻارن سان بہ ٿي، انهن مان اجن فقير ڏيرو ۾ سڪ فقير ڏيرو اڳتي هلي شاهہ لطيف جي حاضرات جا فقير ٿيا.

پنجن ورهن کان پوءِ لطيف کي سندس والد سخي هاشم وٽ وٺي آيو هن بزرگ لطيف کي ڏسي فرمايو!

”حبيب جو پُٽ اڃان پڇي راس نہ ٿيو آهي“

روايتن موجب شاهہ حبيب کيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ استاد ميون نور محمد ڀٽي کان وانئين (وائي) ڳوٺ ۾ مڪتبي تعليم پوري ڪرائي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي تحقيق موجب،شاهہ حبيب آخوند نورمحمد کي پاڻ وٽ رهايو هو ۽ پوءِ هن شفيق استاد پنهنجي سعادتمند شاگرد لاکيڻي لطيف کي مڪتبي تعليم پوري ڪرائي هئي.

روايت آهي تہ لطيف سائين جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو تہ ميين عيسيٰ کيس ڏسي فرمايو تہ ”ڪو ڏينهن ٿيندو جو هن پار مان اهي، گل نڪرندا جن جي سڳنڌ ساري عالم کي سرهو ڪري ڇڏيندي“.

ڪجهہ وقت کان پوءِ سيد حبيب شاهہ، مخدوم نوح سرور جي درگاهہ تي زيارت لاءِ ويو تہ ”قبر مان آواز آيس“ ”اي حبيب وَڃُ “ ۽ ”لطيف کي وَنڊُ ڏي“ پوءِ موٽي اچي کيس باروتڻ کان بلوغت تائين پاڙهيندو ۽ سمجهائيندو رهيو. تنهن بعد کيس اسم ذات جي تلقين ڪري قادري طريقي جو خرقو ڍڪايائينس.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق مطابق، شاهہ لطيف جي ننڍپڻ وارا ڪم ازڪم ٻارنهن سال ڪن پنهنجن ناناڻن ڏيرن فقيرن ۾ سئي قندر ۽ گنبات واري تر ۾ گذريا، انهيءَ عرصي ۾ ٻين ٻارڙن سان گڏ، گنبات سان لاڳو اولهہ طرف واريءَ ايراضي ۾ ننڍڙي لطيف ٻارن سان گڏ ڏاڪ چميءَ، سيڙهہ ڪينهوڙي ۽ پاٽيءَ ۾ ڪُندروءَ جهڙيون رانديون بہ کيڏيون.

شاهہ لطيف جڏهن سترهن، ارڙهن سالن جي عمر جو ٿيو تہ، حبيب شاهہ کيس سخي هاشم شاهہ وٽ وٺي آيو.سخي هاشم، لطيف کي ڏسندي دعا ڪئي تہ:

”لطيف جو چراغ روشن ٿيندو“.

ان کان پوءِ جلد ئي سخي هاشم شاهہ 12 ربيع الاول سن ـ 1120هہ (1708ع ۾) وصال ڪيو. سخي هاشم شاهہ جي وصال کان پوءِ شاهہ لطيف متياريءَ ۾ ڏهہ سال چلہ ڪشي ڪئي هئي.

شاهہ لطيف کي جوانيءَ ۾ سندس والد صاحب طريقت جي راهہ ڏسي ۽ نفساني خواهشن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ زهد، عبادت، رياضتن ۽ مشاهدن جي تلقين ڪيائين. اهڙي طرح شاهہ سائينءَ تي تلقين جو اهڙو تہ اثر ٿيو جو پاڻ تهجد نماز کان پوءِ فجر جي آذان تائين سؤ پيرا هنن لفظن جو ذڪر ڪندو هو. ”هُئين بہ تون. آهين بہ تون، هوندين بہ تون. ٻيو نہ ڪير هُئين بہ تون- فاني سڀ- باقي تون- تون هين تون- ٻيو نہ ڪير- تون هين تون“.

سيد حبيب پنهنجي پٽ کي وقت جي جيد عالمن سان بہ ملاقاتون ڪرايون. ان بعد شاهہ لطيف، شاهہ عنايت رضوي جي صحبت مان گهڻو ڪجهہ پرايو. تہ وري ٻُڪيرن جي شهر ۾ بزرگ قائم الدين قلندري کان بہ فيض ورتائين. لاڙ جي سفر دوران پاڻ شاهہ ڪريم جي (مماتيءَ واري) خليفي ميون مرکيو جوڻيجو کي پنهنجو روحاني رهبر ۽ مرشد ڪري مڃيائين (منصور حلاج کي روحاني پير ڪري مڃيائين) .

شاهہ لطيف جي شادي مرزا مغل بيگ جي نياڻي سيده بيگم (سعيده بيگم) سان ٿي. ان وقت لطيف جي عمر 22 کان 23 سال هئي.

شاهہ لطيف کي عشق جي چوٽ (عشقِ الاهي) مختلف سفر ڪرايا. سندس مکيہ سفر گنجي ٽڪر کان شروع ٿيو. جڏهن پاڻ پنهنجي ڳوٺ کان نڪتا تہ گهر ڏانهن هيءُ الوداعي پيغام چوائي موڪليائون.

اڄ ملينديس ماءِ ڏاڄا ڪنديس ڪپڙا،
جيجان جوڳياڻي ٿيان، مون کي پل مَ پاءِ،
هوت ٻاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

پاڻ سفر دوران قرآن شريف، شاهہ ڪريم جو ڪلام (بيان العارفين) ۽ مثنوي مولانا روم جي نسخي (نور محمد ڪلهوڙي کيس مثنوي مولانا روم تحفي ۾ ڏني هئي) جو مطالعو ڪندو هئا.

هڪ اندازي مطابق شاهہ لطيف پنج-ڇهہ سال سير و سفر ۾ گذاريا. ٻي ڪٿ موجب 22 سال سير سفر ۾گذاريائون. انهن سفرن ۾ پاڻ ٿر، ڪڇ، ڀڄ، کنيات، گجرات ديبل بندر، پنيور، ڪلاچي، لسٻيلو مانجهند، ترائي (شڪارپور) ملتان جي بزرگن، درويشن عالمن سان ملاقاتون ڪيائون ۽ سماواتي ايراضي ۽ لاڙ تان لاتعداد پيرا ڪيائون. ساهتي پرڳڻي ۾ ڪاهي راهو، آگرا، ڪوٽڙي محمد ڪبير کان درازا، بکر، گهوٽڪي، ملتان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راولپنڊيءَ تائين سير سفر ڪيائون. جن ۾ ماڳن تي شاهہ لطيف پريت جا پير گھمايا انهن ماڳن تي اڄ ٻہ لطيفي لوڙھا، اوتارا ۽ تڪيا موجود آهن. پاڻ انهن ماڳن تان ڦيرا ڪري پوءِ سن 1142هہ ۾ ڀٽ ڪي وسايو. ٻي تحقيق مطابق 1140هہ ـ 1142هہ (1727ـ28ع ـ 1729ـ30ع) ڌاري شاهہ لطيف ڪجھہ فقيرن سان گڏ ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪئي.

تنهن بعد پاڻ ڀٽ تي جايون نهرائڻ شروع ڪيائين. سيد محمود شاهہ ان وقت اميري ترڪ ڪري پاٽيءَ جو ڪوزو ڪٽي اچي سندن پهريون مريد ٿيو هو. ڀٽ تي شاهہ سائين جي فقيرن جو تعداد وڌندو ٿي ويو. ان وقت تمر فقير کي ڀٽ تي لٽ (ڪانيءَ) سان جاءِ ليڪي ڏنائين ۽ ڪجھہ فقيرن جي مختلف ڪم ذمي لڳايائين سال 1144هہ ۾ ڀٽ تي سماع، ذڪر ۽ راڳ جو ادار قائم ڪيائين. سماع ۽ ذڪر جو اڳواڻ سندس ماسات ۽ وڏو خليفو محمد عالم ڏيرو مقرر ٿيو ۽ راڳ جو اڳواڻ تمر فقير کي ڪيائين.

شاهہ لطيف جي عمر 42 سالن جي قريب ٿي تہ سندس والد صاحب بيمار ٿي پيو. پاڻ ان جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪيائون پر ڦڪين فرق نہ ڪيو، آخر اهڙو وقت بہ آيو جو شاهہ حبيب جو وصال ٿيو. ان وقت شاهہ صاحب ٻاهر آيو تہ سندس فقيرن ڪانئس حبيب سائين جو حال پڇيو، تڏهن پاڻ جواب ڏنائين تہ:

اوٺي اڀرا ٿيا ٻيٺا تنگ ڪشين،
ڪڇن پڇن ڪينڪي ورندي وات نہ ڏين،
لاڪيٺا لطيف چئي، ٿا منجهئون لوڪ لڏين،
نيڻ نماٽا ڪٽيو هنجهون ٿا هارين،
سي جنگ جواب نہ ڏين، ڪنهن ڏاڍي ڪيف ڪڪوريا.

شاهہ حبيب سال 1144هہ ۾ وفات ڪئي تہ کيس ڀٽ تي دفنائڻ وقت شاهہ لطيف هي بيت پڙهيو هو.

ڪڙهہ سوڙهي سورگهٽا ڪٽي سانديان ساهہ،
نہ ڪري نہ ڪڙڪو نہ بازيگر جو واءِ،
لڳن مٿان ماهہ، سڪيو وڃي سيد چئي.

شاهہ صاحب زندگيءَ جا پويان ويهارو سال گهٽي قدر ڀٽ تي فقيرن ۽ طالبن جي روحاني تربيت ڪئي ۽ سماع وراڳ جو طريقو جاري ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪارو ويس ڍڪي ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ماتم ۾ سُر ڪيڏارو چيو. جيڪو سندس آخري ڪلام هو (هڪ روايت ۾ سُر سهڻي جي وائي ”ڪهڙي منجهه حساب، هئڻ منهنجو هوت ري“ چئي).

پاڻ پورا ايڪيهه ڏينهن خلوت اندر رهيا. انهي ساري عرصي ۾ ٻن ويلن جيتري ماني مس کاڌائون. جڏهن ٻاهر نڪتا، تڏهن غسل ڪري چادر اوڍي، مراقبي ۾ ويهي، فقيرن کي سماع سرود جو اشارو ڪيائون. ٽي ڏينهن برابر سماع پئي هليو. آخر راڳ بند ڪري، فقير شاهه جي ويجهو وڃي ڏسن، ته شيءِ وڃي ڏٽيءَ کي پهتي آهي. اها سن 1165هه مطابق 1 يا 2 جنوري 1752ع صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي. سندس جسم کي غسل آخوند ميين نور محمد ڀٽيءَ جي فرزند ميين ولي محمد ڏياريو. سندس وصيت موجب ڪيس مخدوم محمد الزمان لنواريءَ واري جي ڏنل چادر (اجرڪ) ڪفن طور اوڍائي وئي. شاهه صاحب جو جسم مبارڪ سندس وصيت موجب محمود شاهه جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. ستت ئي سندس تربت مٿان روضو حاڪمِ سنڌ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي مڪمل ڪرايو. جيڪو زمين کان نيل تائين 67 فوٽ مٿي آهي. سندس روضو سکر بکر جي عيدن رازي 1167هه ۾ مڪمل ڪيو. روضي لاءِ رقم غلام شاهه ڪلهوڙي فراهم ڪئي. شاهه لطيف جي وفات بعد درگاهه ڀٽائيءَ جو پهريون سجاده نشين سيد جمال شاهه (وفات 1204هه) ٿيو.

ڪجهه عرصي بعد مير نصير خان جي ٻن سوٽن مير نور محمد درگاهه اڳيان وڏو ڪوهه کوٽرايو. جيڪو اڃ بہ موجود آهي ۽ مير محمد خان ٽالپر اوپر ۾ چانديءَ وارو دروازو نصب ڪرايو جيڪو پڻ اڃان تائين موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، حضرت شاهه عبداللطيف جو پهريون شارح

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جو جنم جرمنيءَ جي ننڍڙي ڳوٺ ايلز فيلڊ(السفيلڊ) ۾ 13 مارچ 1828ع ۾ جارج ٿامس ٽرومپ جي گهر ۾ ٿيو. سندس امڙ جو نالو ساران هو. ٽرومپ جو والد ڊڪاٽڪي ڪم جو وڏو ماهر هو. سندن سڄو خاندان سخت مذهبي هوءِ هنن جي سڄي علائقي ۾ عيسائي مذهب جو غلبو هو.

هن کي ٻچپن کان مختلف ٻوليون سکڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. سندس اهو شوق ڏسي پڻس کيس ٻوليون سکڻ جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتي هو لاطيني ۽ يوناني(گريڪ) ٻوليون سکيو. ڪجهه عرصي بعد پروفيسر روڊولف وون روٿ کان سنسڪرت ۽ هاڪاري پروفيسر ايچ-اوالڊ کان عربي سکيو. ڪجهه وقت کان پوءِ موقعو مليس ته ايٿوپيا جون سامي صفت ٻوليون سکي ورتائين. هندوستاني ۽ سامي صفت ٻوليون ڄاڻڻ ڪري کيس هندي اسلامي ٻولين سکڻ ۾ سهوليت ٿي پئي.

ٽرومپ جڏهن ايسٽ انڊيا هائوس ۾ اسسٽنٽ لائبريرين مقرر ٿيو هو ته سندس خداداد صلاحيتن کي ڏسي، چرچ مشن سوسائٽيءَ وارن کيس هندوستان وڃڻ جي آڇ ڪئي ته جيئن هو اتي وڃي اتان جي زبانن جو گهرو مطالعو ڪري ۽ انهن زبانن جون ڊڪشنريون ۽ گرامر تيار ڪري ته جيئن اينڊڙ مشنريز لاءِ اهي ڪتاب مددگار ثابت ٿين. هن اها آڇ قبول ڪئي ۽ آگسٽ 1854ع ۾ هندوستان پهتو هن پوني شهر وڃي اتان جي پنڊتن کان ديوناگري رسم الخط جي ڄاڻ حاصل ڪئي. تنهن بعد 12 سيپٽيمبر 1854ع تي ڪراچي بندر اچي لٿو. ڪراچيءَ ۾ ڏينهن رات محنت ڪندو رهيو پر نيٺ هڪ ڏينهن ڪراچيءَ جي آبهوا کيس بيمار ڪري وڌو اتان علاج خاطر فلسطين هليو ويو. اتي هڪ خوبصورت سوئز ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين. جنهن مان هڪ پال نالي سان پٽ ڄائس. پهرئين زال جي وفات کان پوءِ هڪ آرٽسٽ جي ڌيءُ سان شادي ڪيائين. ٽرومپ سن 1858ع ۾ وري بيهر ڪراچي موٽي آيو جتان پشاور پهتو. تن

هفتن اندر پشتو زبان جو ايڏو تہ ماهر ٿي ويو جو گورا توڙي پناڻ حيرت ۾ پئجي ويا. ارنيسٽ ٽرمپ پشتو ٻولي سکڻ کان پوءِ براهوي ۽ دادري ٻولين بہ سکيو. کيس 1870ع ۾ سکن جي پاڪ ڪتاب ”آدي گرنٿ“ جي ترجمي ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جيڪو هن 1872ع ۾ مڪمل ڪيو ۽ اهو ڪتاب 1877ع ۾ شايع ٿيو.

ٽرمپ پنهنجي تحقيقي اشاعتن جو سلسلو سنڌي ٻوليءَ سان شروع ڪيو. سنڌيءَ سان سدائين اُنس رهيس. توڙي جو يوناني، عبراني، عربي يا ٻين مختلف ٻولين جو اڀياس بہ ڪيائين.هو 1883ع ۾ ميونخ يونيورسٽيءَ ۾ سامي زبانن جو پروفيسر مقرر ٿيو. ارنيسٽ حبشي، عربي، ڪشميري ٻولين جو بہ ڄاڻو هو.

هندوستاني زبان ۾ سندس پهريون ڪتاب ”سنڌي ريڊر“ هو جيڪو ”عيسائي تبليغي سوسائٽيءَ“ عربي ۽ سنسڪرت ٻنهي ٻولين جي اکرن ۾ لنڊن مان 1858ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ هيٺين چئن ڪتابن جي نسخن جو ذڪر آيو آهي، (1) لعل اڏيرو (2) سورٺ (3) سسئي (4) ڪا سين ڪامروپ.

ٽرمپ سنڌيءَ ٻوليءَ بابت پنهنجا رايا سڀ کان پهريائين ”سنڌي ريڊر“ ۾ پوءِ پنهنجي ٻئي ڪتاب ”سنڌي گرامر“ ۾ پيش ڪيا. پاڻ سنڌي گرامر 1872ع ۾ لکيائين.

شاهہ جي شاعري پڻ ڊاڪٽر ٽرمپ جي تحقيق جو مرڪز رهي. هي پهريون پرڏيهي اديب هو جنهن پهريون دفعو شاهہ جو رسالو جرمني جي ليپزگ شهر مان سن 1866ع ۾ هيٺئين عنوان سان شايع ڪرايو. سنڌي ادب: شاهہ عبداللطيف جو ديوان، جيڪو شاهہ جي رسالي جي نالي سان مشهور آهي. چيپيندڙ F.A.B بروڪحس. ليپزگ صفحا 739.

ٽرومپ رسالي جي تياري وقت بہ پراڻا قلمي نسخا هٿ ڪيا هئا ۽ رسالي شايع ڪرڻ کان اڳ هن سنڌي صورتخطي جوڙي ۽ پاڻ سنڌي، عربي ۽ فارسي طرز تي الف–ب لاءِ لوهي ٽائيپ رائيٽر جوڙائي پوءِ رسالو شايع ڪرايو. هن اهو ڪم سنڌ جي محسن ۽ هردلعزيز ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي همٿائڻ ۽ سندس تعاون ۽ هند سرڪار جي منظوري ۽ مدد سان شايع

ڪرائڻ ٿي چاهيو. پر جيئن تہ انگريز سرڪار وٽان ڪيس رسالي جي ڇپائي لاءِ ايتري رقم ڪانہ ملي سگهي جو هو سڄو رسالو ڇپرائي سگهي. تنهن ڪري مجبورن ڪي سر ڇڏي ڏنائين. پوءِ پنهنجي جاءِ ڪي گروي رکي رسالي جي 35 سرن مان فقط 26 سر منتخب ڪري رسالو شايع ڪرايائين. هن ڇاپي جو مهاڳ اَنِن انگريزي صفحن ۾ تاريخ 10 مارچ 1866ع تي لکيل. هن ڇاپي ۾ جملي 2529 بيت ۽ 159 وايون. 26 سر آهن. (1) سر ڪليان (2) سر جمن ڪليان (3) سر ڪنيات (4) سر سريراڳ (5) سر سامونڊي (6) سر سهڻي (سهڻي ڇوٽڪو) (7) سر سارنگ (8) سر ڪيڏارو (9) سر آبري (آبري ڇوٽڪو) (10) سر معذوري (11) سر ديسي (12) سر ڪوهياري (13) سر حسيني (14) سر سورٺ (15) سر بروو سنڌي (سربروو سنڌي ڇوٽڪو) (16) سر مومل راڻو (17) سر ڪاهوڙي (18) سر رامڪلي (19) سر رپ (20) سر ليلان چنيسر (21) سر بلاول (22) سر ڏهر (23) سر ڪاپائتي (ڪاپاتي مت) (24) سر پرڀاتي (25) سر گهاتو (26) سر آسا.

ٽرومپ جيڪو شاهہ جي رسالي جو متن تيار ڪيو هو سو 1217 يا 1215 صفحن تي پکڙيل هو. جنهن ۾ 35 سر آيل هئا.

ثقافت کاتي جي سيڪريٽري حميد آخوند، ٽرومپ جو ترتيب ڏنل شاهہ جو رسالو هوبهو ساڳئي ريت 1985ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ان جو انتساب سنڌ جي تڏهوڪي گورنر جنرل جهانداد خان جي نالي ڪيو ويو آهي. هن ۾ 739 صفحا آهن. ثقافت کاتي هن رسالي جو ٽيون ڇاپو 2008ع ۾ شايع ڪيو.

غلام رباني آگرو ٽرومپ متعلق لکي ٿو تہ ٽرومپ شاهہ جي رسالي ايڊيٽ ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ کان اڳ 1863ع ۾ سورٺ راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي تي جرمن زبان ۾ تحقيقي ڪم ڪيو هو. جيڪو هڪ طرح خود شاهہ جي رسالي تي بہ سندس تعارف آهي. گل محمد عمراڻي مقالي "حضرت شاهہ عبداللطيف جا اوائلي انگريزي زبان جا سوانح نگار ۽ شارح" ۾ لکي ٿو تہ ارنيسٽ ٽرمپ جرمني جي شهر لائيپزگ مان 1866ع ۾ سر سورٺ جو اصل سنڌي متن ۽ شاهہ عبداللطيف جي حيات ۽ فڪر تي هڪ عالماڻو جامع

مقدمو لکي يورپي دنيا کي هڪ عظيم شاعر سان پهريون دفعو متعارف ڪرايو هو. (سُر سورٺ متعلق آگري صاحب جو ليک درست لڳي ٿو)

ڊاڪٽر بلوچ جي بقول تہ ارنيسٽ ٽرومپ شاهہ جي سوانح جي احوال کي مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي ڪتاب ”معيار سالڪان طريقت“ کي نظر ۾ رکي تحرير ڪيو آهي.

ٽرومپ، شاهہ لطيف متعلق لکي ٿو تہ شاهہ لطيف جي ڪلام جي مقبوليت جو وڏو سبب اهو آهي تہ هن صوفياڻي شاعريءَ جا بنيادي نڪتا عوام ۾ مقبول عشقيہ داستانن ذريعي ظاهر ڪيا آهن. جيڪي سندس ملڪ ۾ مشهور آهن. پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي شاهہ لطيف جي هر مصرع مان پنهنجي ڌرتي جا اهڃاڻ ۽ ان جي سچاٽپ جا سوين سبق ملن ٿا.

هن شاهہ جي شيدائيءَ کي لکڻ ۽ پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو ان سبب هن جي اکين جو نور موڪلائي ويو. سندس آخري ڏينهن ذهني مريضن جي هڪ اسپتال ۾ گذريا. هن عظيم اسڪالر 5 اپريل 1885ع ۾ هي جهان ڇڏي وڃي مالڪِ حقيقي سان مليو. ٽرومپ جي حياتي ۽ ڪارنامن تي ڊاڪٽر اينيمري شميل هڪ ڪتاب ” Ernest Tarmp: A Brief Account of his life and work“ لکيو.

هن ليکڪ جي محنتن کي مان ڏيڻ لاءِ 13 مارچ 1961ع تي ٻڙهي ياسين ۾ هن جي 75 سالہ ورسي ملهائي وئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر شميل، ٽرومپ تي هڪڙو مقالو پڙهيو. اتي ڊاڪٽر ٽرومپ جي تصوير سندس گهر ۾ گهراڻي جي تصويرن جي بہ نمائش ڪئي وئي هئي.

ڊاڪٽر_ايچ_ٽي_سورلي

ڊاڪٽر هربرٽ ٽاورسورلي (Herbert Tower Sorly) جو جنم جي_ٽي_سورلي "Doctor_J_T Sorly" جي گهر ۾ 12 اپريل 1892ع ۾ اسڪاٽ لينڊ ۾ ٿيو.هن شروعاتي تعليم ابرڊين گرامر اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ تنهن بعد ابرڊين يونيورسٽي، ڪرائسٽ چرچ ۽ آڪسفورڊ مان تعليم پرايائين. 1914ع ۾ انڊين سول سروسز جو امتحان پاس ڪري بمبئي پريزيڊنسي نوڪري ڪيائين. 1915ع کان بمبئي حڪومت ۾ مختلف عهدن تي نوڪري ڪندو رهيو. جن ۾ روينيو کاتي ۾ مئجسٽريٽي ۽ سنڌ ۾ ڪليڪٽر جي عهدي تي رهيو. محترم مختيار احمد ملاح، ڪتاب مغربي سنڌ شناس ۾ لکي ٿو تہ 1932ع ڌاري سورلي کي سنڌ ۾ڪليڪٽر جي عهدي تي فائزڪيو ويو هن مجموعي طورسکر، شڪارپور، حيدرآباد، نوابشاهہ، ٿرپارڪر۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. سکر جي وقتي ڪليڪٽر جي منصب دوران هن 17 جون 1933ع تي چيلا سنگهہ سيتلداس (سي اينڊ ايس) ڪاليج شڪارپور جو افتتاح ڪيو ۽ ڪاليج جو پهريون پرنسپال پروفيسر ڪيپٽن جي. پي هزاري مقرر ٿيو. ايچ_ ٽي_سورلي جي خاص وندر پوپٽ گڏ ڪرڻ هئي. 1952ع ۾ رٽائرمنٽ بعد هن 20 هزار پوپٽ سنڌ حڪومت کي وڪڻي ڏنا هئا، اهي پوپٽ خاص فريمن وارن ڪبٽن ۾ بند هئا.

ڊاڪٽر سورلي شاهہ سائينءَ کان ڪيئن متاثر ٿيو؟ ان جي پويان هڪ کهاڻي آهي. ڪتاب شاهہ جون آڪاڻيون ڇاپو 1994ع سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد صفحي نمبر 26 تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ 13 اپريل 1919ع تي ويساکيءَ جي شُڀ ڏينهن تي امر تسر ۾ جليانوالا باغ ۾ سوين بيگناهہ پارت واسين جو قتل ڪيو ويو. انهي تان سڄي ديش ۾ جوش جي لهر ڦهلجي وئي. ڄيٺمل پرسرام"هند واسيءَ" ۾ برطانيہ سرڪار جي ظلمن ۽ اره زوراورين تي زوردار لفظن ۾ چوهہ چنڊيا. شاهہ لطيف جي ڪلام مان هڪ بيت جي تڪ پنهنجي سمپادڪي ويچارن جو سرو ٽايائين. اها هيٺ ڏنل بيت جي آخري سٽ هئي.

اڳيان اڏن وٽ پوين سِر سنبا هيا،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾ مچڻ پائين گهٽ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان مُهاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلا لڪي هٿ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي.

بس اهو ليڪ پڙهندي ئي ممڻ مچي ويو. 16 مئي 1919ع تي، ڄيٺمل کي، انهي سمپادڪي ليک لکڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو. پوءِ ڄيٺمل تي سورلي نالي هڪ انگريز جج جي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. پوليس جيڪي گواهہ پيش ڪيا تن انهي بيت جي معنيٰ سمجهائيندي چيو تہ اِنهي ذريعي عوام کي بغاوت ڪرڻ ۽ قتل عام ڪرڻ لاءِ سڏ ڏنو ويو آهي. سورلي ويچارو انهي زماني ۾ سنڌي ٻولي ايتري نہ ڄاڻندو هو. جو انهي بيت جي صحيح مفهوم کي سمجهي سگهي. شاهدن جي غلط سمجهاڻين تي ويساهہ ڪري هن ڄيٺمل کي ٽن سالن لاءِ قيد جي سزا ڏني. ڄيٺمل سزا جو سال کن ڀوڳي چڪو هئو تہ برطانيہ سرڪار مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين سياسي اڳواڻن سان ناهہ ڪري، سياسي توڙي ٻين قيدين سان گڏ ڄيٺمل کي بہ سزا کان آجو ڪيو. پر ٻئي طرف ايچ-ٽي-سورلي کي شاهہ لطيف اهڙو تہ قيد ڪيو جو سورلي عمر پر ان مان آجو ٿي نہ سگهيو. ڪيس هلائيندي هن شاهہ لطيف ۽ سنڌس ڪلام بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌو هو. انهي ڪري سندس جڳياسي من ۾ سياويڪ اُڻ تڻ پيدا ٿي تہ اهڙي اعليٰ شاعر جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪجي جنهن جي فقط هڪ بيت جي جدا جدا ماڻهو الڳ معنيٰ ڪن ٿا.

هيءُ سنڌ ۾ ملازمت دوران سنڌي ٻولي، سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ شاهہ لطيف تي باقائده تحقيق ڪرڻ طرف مائل ٿي ويو.

1932ع ۾ جڏهن پاڻ سکر جو ڪليڪٽر مقرر ٿيو هو تڏهن هن شاهہ لطيف جي ڪلام تي ماهوار تقريرون ڪيون ۽ قاضي احمد جو ڏنل منتخب شاهہ جي رسالي جو ترجمو ڪري ان تي انگريزيءَ ۾ تشريح ۽ تبصرو ڪندو هو. ڊاڪٽر سورلي جو سنڌ لاءِ اهم ادبي ڪارنامو هن جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تي لکيل ٿيسز آهي. هيءَ لطيف سائينءَ تي پهرين انگريزيءَ ۾ ٿيسز هئي. ڪيس هن ٿيسز تي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري ملي ۽ هيءَ ٿيسز ڪتابي صورت ۾ 1940ع ۾ لنڊن مان"Shah Abdul Latif of Bhit" ”ڀٽ جو شاهہ“ جي نالي سان شايع ٿي. ان کان پوءِ هي ڪتاب سستي اشاعت جي صورت ۾ سال 1966ع ۾ شايع ٿيو.

چاپو ٻيون- شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ. سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي 1989ع- صفحا 432.

انگريزيءَ ۾ ڪتاب”شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ“ جو ٻيون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1988ع ۾ شايع ڪيو.

ڪتاب شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ جو سنڌي ترجمو عطا محمد ڀنڀرو صاحب, بعنوان”ڀٽ جو شاهہ“ ادارو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران پهريون ڇاپو 1992ع ۾ شايع ٿيو. ڪل 621 صفحا.

هي ڪتاب ٽن حصن تي مشتمل آهي. پهرئين حصي ۾ ڇهہ باب آهن. انهن ڇهن بابن ۾ مختلف عنوانن ۾ جن ۾ سنڌ 1690ع کان 1760ع تائين سنڌ جي تاريخ, مغل دور حڪومت, ڪلهوڙن جي دور جو جائزو, سنڌ ۾ سترهين صديءَ جا مشهور سياح, ايسٽ انڊيا ڪمپني جا ڪارناما۽ شاهہ لطيف جي سوانح عمري ڏني وئي آهي. حصو ٻيون, سٽن بابن ۾ ورهايل آهي. هن ۾ ادب ۽ تنقيد کان سواءِ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ شاعريءَ جا بنيادي اصول ۽ شاهہ لطيف تي عربي, فارسي, هندي, بلوچي, اردو جو اثر ۽ تصوف بابت مثال ڏنل آهن.حصي ٽئين ۾ صفحي 395 کان فقط شاهہ سائين جي رسالي مان 24 سُرن مان بيتن جو انتخاب ڪري انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

ايچ-ٽي-سورلي پهريون مستشرق هو جنهن عظيم صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري, سندس فڪر ۽ ان دور بابت تفصيلي ڄاڻ ڏئي پنهنجو قلمي پورهيو سنڌين کي ارپيو آهي. سورلي ڪتاب جو مهاڳ 31 مارچ 1938ع تي لکيو مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ,صوفياڻي شاعري جو هي مجموعو جنهن کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو سڏيو وڃي ٿو. هڪ اهڙو منفرد شاهڪار آهي جيڪو سنڌي ٻوليءَ گهري تخلياتي ادب جي دنيا ۾ هيستائين پيدا ڪيو آهي ان جو تت ڏنل آهي. هن ڪتاب جو مقصد ٻٽو آهي. پهريون تہ انگريزي ٻولي ڄاڻندڙ کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي هن عظيم شاهڪار سان سڃاڻ ڪرائجي. ٻيو اهو تہ ان دور جي تاريخي ۽ سماجي ماحول جي حوالي سان ان جي وضاحت ڪجي. سورلي لکي ٿو تہ مون سڄي رسالي جو ترجمو ڪونہ ڪيو آهي پر هڪ اختصار کي انگريزيءَ جو ويس ڍڪايو اٿم, جيڪو منتخب سڏجي ٿو. ”ارڙهين صديءَ جي هن سنڌي شاعر جي ڏکين بيتن مان سارو وقت مون ان جي روح کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ٽيسن ۾ رومي، خيام، عطار ۽ ٻين فارسي، عربيءَ جي شاعرن جي ڪلام سان شاهه عبداللطيف جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي.

ان کان سواءِ سُربروو سنڌي سُر آسا ۽ سُر معذوري وغيره مان ڪجهه مثال ڏيندي هن ٽيسز ۾ شاهه صاحب جي يورپ جي شاعرن شيلي، فرئنسز ڪارلس، جورج هربرٽ، رچرڊ ڪرئشا ۽ آئزڪ واٽسن جي ڪلام سان شاهه جي ڪلام جي ڀيٽ ڪري شاهه کي دنيا جي ستن مهان شاعرن کان عظيم ڄاڻايو آهي.

ڊاڪٽر سورلي شاهه جي تصوف لاءِ لکي ٿو ته ”شاهه عبداللطيف جي سچي شاعري ۾ جيڪو تصوف پريو پيو آهي، سو عشقيه تصوف آهي. جنهن جي مذهبي اهميت به آهي. حقيقت ۾ رسالي ۾ موجود پيغام جي معنيٰ کي ٻائيتاليهه مذهبي نظمن مان سمجهائي سگهجي ٿو“.

ڊاڪٽر سورلي پهريون محقق هو جنهن شاهه لطيف جي شاعريءَ تي سائنسي انداز ۾ تحقيق ڪري سندس ڪلام کي دنيا ۾ متعارف ڪرايو.

ڊاڪٽر سورلي 1953ع ۾ هڪ ٻيو ڪتاب ’موسا پيراگنس‘ (Musa Peragons)لکيو. جيڪو لنڊن مان شايع ٿيو. هن جو به سنڌي ترجمو ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب ۾ يوناني لاطيني، عربي، فرانسيسي، اردو ۽ سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام سان شاهه لطيف جي ڪلام جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. هن ۾ دنيا جي 13 عظيم شاعرن جي سوانح سان گڏوگڏ انهن جي ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ۽ ان جو تقابلي جائزو ورتل آهي. هن ڪتاب ۾ انهن ڪلاسيڪل شاعرن جو ذڪر ڪيل آهي جن دنيا جي ادب تي راڄ ڪيو آهي. هو وڏيڪ لکي ٿو ته ”شاهه انهن سڀني شاعرن جو سرتاج آهي، جن جو چونڊ ڪلام آءُ هن مجموعي ۾ ڏيئي رهيو آهيان. بيشڪ شاهه دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي“. ڪتاب Musa Peragans ڇاپو پهريون 2002ع، نئون ڇاپو 2014ع سنڌيڪار عطا محمد ڀنڀرو، ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، صفحن جو تعداد 188.

ڊاڪٽر سورليءَ ٽيون ڪتاب ”Gazetteer of West Pakistan“ جي نالي سان ترتيب ڏنو. جيڪو سنڌ جي تاريخ، نباتات، حيوانات، جاگرافي، جيالاجي جهڙن عنوانن ۾ ورهايل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ بابت بهترين معلومات ڏنل آهي.

هن لطيف شناس محقق جو لاڏاڻو 17 آگسٽ 1965ع ۾ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جرڊ ليوپڪي (Gierd Lupke)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سڀ کان پهريون رسالو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ مرتب ڪيو هو. جيڪو جرمن اسڪالر هو. ايلسا قاضي بہ بنيادي طور جرمن خاتون هئي، جنهن شاهہ جو رسالو سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. محترمہ اينيميري شميل پڻ شاهہ سچل ۽ ٻين سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن ۽ نثر نويسن تي جرمني ۾ مقالا لکيا ۽ تقريرون ڪيون. ان تسلسل جي هڪ ڪڙي جرڊ ليوپڪي بہ آهي.

جرڊ ليوپڪي جو جنم 19 مئي 1920ع تي جرمنيءَ ۾ ٿيو. هو ريڊيو انائونسر، ريڊيائي ليکڪ، مترجم، محقق، نقاد، لسانيات جو ماهر ۽ لطيف جو پارکو هو. سندس ننڍپڻ وريومين ۽ مڪلينبرگ ۾ گذريو. شروع ۾ هڪ اسڪول ۾ جرمن ٻوليءَ جو استاد مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ صحافيءَ طور ڪم ڪرڻ لڳو. سندس ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب جرمن ٻولي ۾ شايع ٿيل آهن. هن اسڪالر 3 آڪٽوبر 2002ع تي وفات ڪئي.

جرڊليوپڪي سنڌي شاعري بابت ڪيترائي مقالا لکيا ۽ بہ ڪتاب شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست تي لکيا. هو سنڌي شاعريءَ سان محبت ڪندو هو. سنڌي شاعريءَ تي ايترو تہ عاشق هو جو 45 سال سنڌي شاعريءَ تي ڪم ڪيائين.

سندس جرمن ڪتاب "Das Buch Shah Abdul Latif" جو ترجمو طارق محمود "The Book of Shah Abdul Latif" جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ڪيو آهي. (نوٽ هن ڪتاب جو مسودو 1998ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب تڏهوڪي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر فهميده حسين کي ڏنو ۽ ان ڪتاب جو پيش لفظ ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي). هي ڪتاب شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، يونيورسٽي آف ڪراچي پاران 2000ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر فهميده حسين هن ترجمي لاءِ لکيو آهي تہ هي ڪتاب مختلف عنوانن ۾ ورهايل آهي. پهرين باب ۾ شاهہ جي دور جي ملڪي حالتن جو تعارف ڏنو ويو آهي. ٻئي باب ۾ پهرين "صوفي ازم" ان کان پوءِ شاهہ لطيف کان پهرين سنڌي ادب جي ادبي روايَن جي باري ۾ لکيو ويو آهي. ان کان پوءِ شاهہ لطيف جي همعصر شاعرن ۽ عالمن جو بيان ڪيو ويو آهي. جن ۾ بلهي شاهہ روحل فقير، شاهہ عنايت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رضوي، شاهہ عنايت جهوڪ شريف وارو، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد الزمان لنواري وارو، مخدوم هاشم ٺٽوي، سچل، سامي ۽ ٻين جو ذڪر مليل آهي. ٽيون باب شاهہ جي حياتي جي باري ۾ آهي. هن باب کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. سڀ کان پهرئين حصي ۾ شاهہ جو ننڍپڻ، پوءِ جواني ۽ آخر ۾ پيري ۽ وفات جو ذڪر ڪيل آهي. چوٿين باب ۾ ليکڪ هندوازم ۽ صوفي فقر جي اثر جو ذڪر ڪيو آهي. جن جو شاهہ جي شاعريءَ ۾ واضع نموني ذڪر موجود آهي. ڪتاب جو پنجون باب شاهہ جي رسالي جو مڪمل اپياس چئي سگهجي ٿو. ڇهين باب ۾ ليکڪ ”سر ليلا چنيسر“ جو خصوصي طور جائزو ورتو آهي. ڪتاب جو ستون حصو خاص آهي جنهن ۾ ليکڪ شاهہ جي ٻولي، موسيقي ۽ رسالي ۾ عورت جي ڪردار کي بيان ڪيو آهي. اٺين باب ۾ شاهہ لطيف بابت موجود مواد جي سلسلي ۾ ڪتابن جي فهرست ۽ ماڻهن جا نالا وغيره ڏنا ويا آهن. سڄو ڪتاب انتهائي محنت لگن ۽ محبت سان لکيل آهي.

جر ڊليوپڪي يورپي دنيا ۾ شاهہ جو نالو معروف ۽ مقبول ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هو شاهہ لطيف بابت لکي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف پنهنجي شاعر، فلاسافر، مبلغ آهي، سندس ڪلام اڄ جي حالتن تي بہ لاڳو آهي ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿو. ”شاهہ لطيف جو سمورو ڪم، سندس حياتيءَ وانگي اسلامي تصوف ۽ هندستاني صوفي ازم سان پرپور آهي“ .

جر ڊليوپڪي، شاهہ لطيف جي غير اُمي يا امي هجڻ واري موضوع تي بحث ڪندي لکي ٿو تہ شاهہ لطيف هڪ پڙهيل لکيل شاعر هو. ان کان علاوه دنيا جي سير وسفر ۽ حالتن جو بہ گهرو مطالعو سندس شاعري ۾ جا بجا ملي ٿو. سندس شاهہ لطيف متعلق مواد هيٺين ڪتابن ۾ بہ ڏنل آهي.

(1) Song of mid night_First Edition_Sindh printing press Hyd_1970_pages_10

(2) Shah Abdul Latif_Shah Abdul Latif Bhit Shah culturalCentre committee_1994

(3) The Book of Shah Abdul Latif_2000

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايلسا قاضي

هن جو اصل نالو ايلسا گريٽيٽيوڊ لوئسڪ هو سندس جنم جرمنيءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ريوڊل اسٽيڊ ۾ 3 آڪٽوبر 1884ع تي ٿيو. سندس والد موسيقار هو. ايلسا جو ننڍپڻ کان مصوريءَ ۽ شاعريءَ ڏانهن لاڙو هو. 19 صديءَ جي آخر ۾ سندن خاندان جرمني مان لڏي ڪٽي انگلينڊ ۾ اچي رهيو. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ سان سندس پهرين ملاقات لنڊن ۾ هڪ ريل جي ڊبي ۾ ٿي اهڙي طرح ٻنهي جي هڪ ٻئي سان دلي هم آهنگي ۽ پاڻ ۾ محبت ٿي وئي. تنهن بعد علامہ آءِ آءِ قاضيءَ 1910ع ۾ ايلسا سان شادي ڪئي ۽ سال 1919ع ۾ ايلسا، علامہ صاحب سان گڏ حيدرآباد سنڌ ۾ رهائش اختيار ڪئي، قاضي صاحب جي صلاح سان انگريزيءَ ۾ شاعري ۽ تصنيف تاليف جو ڪم شروع ڪيائين. ان دور ۾ سندس شاعري انگريزي اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳي. ان بعد سندس شعرن جو مجموعو حيدرآباد جي اسٽئنڊ رڊ پرنٽنگ ورڪس جي مسٽر آڏواڻيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن جي انگريزي ڪتابن ۾

(1)old English Garden Temptation.

(2)Symphony Novel Civilization. Through The.

(3)Drama Ages.

ڪار آمد خيالات سمايل آهن. ان کان علاوه هن تصوف جي اثر هيٺ تصوف تي ڪتاب ”تهذيب جو سفر“ لکيو هو.

هن شاهہ سائين جي رسالي جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو هو. شاهہ سائين جي سرن پيغام ۽ فلسفي تي سندس هيٺيان مضمون مقالا ادبي ڪيتر ۾ مقبول آهن.

(1) To Shah Poet laurate of sindh_1960.

(2) I do not see the crown, king of Melody Shah latif_1964.

(3) Sur music, Bhitai_1980.

(4) Sarang_Bhitai_1980.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايلسا کي شاهہ سائين سان ايترو تہ انس هو جو هن آڪسفورڊ ۽ هارورڊ يونيورسٽي ۾ بہ شاهہ لطيف تي ڪم ڪيو.

ايلسا جو لکيل مقالو ”شاهہ عبداللطيف جا سر“ ڪتاب ”سنڌي موسيقي جا سرتار“ سنڌيڪار-خليل الرحمان شيخ. ڇاپو پهريون 2011ع واري ڇاپي ۾ شايع ٿيل آهي. هن مقالي ۾ شاهہ لطيف جي رسالي مان 25 سرن جي چونڊ ڪري انهن سرن جي جامع معلومات ڏنل آهي.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ متعلق سندس آخري ڪتاب-شاهہ جو رسالو(منتخب) انگريزي منظوم ترجمو Resalo of Shah Abdul Latif(Selections) ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد جون 1965ع صفحا 252. ڇاپو ٻيون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سيپٽمبر 1981ع صفحا 252. ڇاپو ٽيون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سيپٽمبر 1982ع.

هن رسالي جو مهاڳ 27 صفحن تي ماهر قانوندان اي-ڪي بروهيءَ لکيو آهي. هن ترجمي کي نهايت گهڻو پسند ڪيو ويو ان جو سبب هي آهي تہ قاضي صاحب ترجمي ڪرڻ ۾ سندس ساٿ ڏنو هو. هن ڪتاب ۾ ايلسا قاضيءَ ڪل 29 سرن جو مفهوم ۽ تشريح بيان ڪئي آهي. جن سرن جو انگريزي منظوم ترجمو ڪيو ويو آهي اهي هي آهن.(1) ڪلياڻ (2) يمن ڪلياڻ (3) کنڀات (4) سورٺ (5) آسا (6) پرڀاتي (7) رام ڪلي (8) ڪاهوڙي (9) پورب (10) بلاول (11) سارنگ (12) سريراڳ (13) سامونڊي (14) ڪاموڏ (15) سسئي (16) سسئي ديسي (17) سسئي ڪوهياري (18) سسئي معذوري (19) سسئي حسيني آبري (20) ليلا (21) مومل راڻو (22) برووسنڌي (23) ڏهر (24) گهاتو (25) ڪاپائتي (26) رپ (27) ڪارايل (28) مارئي (29) سهڻي.

ايلسا قاضيءَ جي ترجمي جو نمونو بيت-

وڳر ڪيو وتن پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻهئان ميٺ گهڻو.

The birds in flocks together fly,
Comradeship they do not decry,

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Behold, among the birds there is more loyalty
Than among us, who call ourselves humanity

هن جرمن خاتون کي سنڌ ۾ ”مدر ايلسا“ جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. سندس وفات آچر جي ڏينهن اڍائي بجي 28 مئي 1967ع ۾ ٿي. سندس مزار ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ڪيمپس ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم جي پير ۾ آهي. سندس خدمتن جي عيوض يادگار طور سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس تي ايلسا قاضي ڪئپمس نالو رکيو ويو آهي.

ميڊم ايلسا قاضي هڪ وڏي درجي واري اديبہ، موسيقار، مضمون نگار، مصوره هئي. سندس ٺاهيل تصويرون اڄ بہ ڪيترن ئي وڏن گهراڻن جي ڊرائينگ رومن ۾ سجايل آهن. سندس مشهور تصويرن ۾ علي نواز ”ناز“ جي راڻي باليءَ جي تصوير آهي. هن کي سنڌ سان تمام گهڻي محبت هئي، سنڌ جي سر زمين جي سونهن پنهنجي پورٽريٽ ۾ اوتي پيش ڪندي هئي. وري لطيف سائين سان بيحد عقيدت جو اظهار ڪندي لکيائين تہ ”جيڪر آءُ شاهہ سائين جي ميلي واري ڏينهن تي هن جهان فاني کي ڇڏيان“ .

سر رچرڊ فرانسز برٽن

سر رچرڊبرٽن جو جنم 19 مارچ 1821ع ۾ توروڪي، ڊيون ۾ ٿيو. برٽن جو والد جوزف نيٽرول برٽن پڻ برطانوي فوج ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي تي فائز هو. سندس والده مارٿا، هر فرڊ شائر جي شاهوڪار خاندان سان تعلق رکندي هئي.

برٽن برجستو سپاهي، قابل مترجم، لسانيات جو عالم، شاعر، طبيب، ٻوٽن ۽ وڻن جو ماهر، آثار قديم ۽ علم الارض جو ماهر ۽ ڪامياب جاسوس هو. ڪيس پنجويهن ڪان ٿيه زبانون ايندڙيون هيون. پاڻ چوندو هو تہ مون هڪ اهڙو فارمولا ڳاهيو آهي جنهن سان دنيا جي ڪابہ ٻولي سکي سگهجي ٿي. زبانن جي ڄاڻ سبب هُو چارلس نيپيئر جو ترجمان مقرر ٿيو. سنڌ ۾ هن ڪي واهن جي پيمائش جو ڪم ڏنو ويو ۽ سنڌ ۾ چار سال رهيو. هن پنهنجي سير ۽ سفر تي ٽيتاليهہ ڪتاب لکيا ۽ سؤ ڪان وڌيڪ متفرقہ مضمون لکيائين. انگريزيءَ ۾ سنڌ تي چار ڪتاب لکيائين.

(1) Sindh or the unhappy valley.
(2) Sindh and Races that inhabits in valley of Indus.
(3) Falconry in the valley of Indu.
(4) Sindh Revisited_(1877).

1851ع ۾ سر رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون_ Sindh and the races that in habit the valley of indus“ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت احوال ڏنو آهي. جيڪا انگريزيءَ ۾ پهرئين ۽ بنيادي ڄاڻ ليکجي ٿي. هي ڪتاب ڊبليو ايچ ايلن ۽ ڪمپني لنڊن شايع ڪيو. سپ ڪان پهريائين هن ڪتاب کي محمد حنيف صديقي ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون“ جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو پهريون دفعو سال 1971ع. ڇاپو ٻيو سال 1976ع ۽ ڇاپو ٽيون سال 1995ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو.

هن ڪتاب ۾ تيرهن باب ڏنل آهن. ڪتاب جي چوٿين باب ۾ ٽن مشهور بزرگن جن ۾ مخدوم هاشم، مخدوم عبدالله ۽ سيد عبداللطيف جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ احوال ڏنل آهي. ان ئي باب ۾ شاهہ سائين جي لوڪ قصن، سسئي پنهونءَ مارئي جي ڪهاڻي تفصيل سان ڏنل آهي. پنجين باب ۾ شاهہ سائين جي ٻين لوڪ قصن جن ۾ مومل ۽ راڻو سهڻي ۽ ميهار جو تفصيلي احوال بيان ڪيل آهي. ڪتاب جي ٻين بابن ۾ سنڌ جي تهذيب، تصوف، علم ادب، ثقافت، جاگرافي، پوشاڪ، سنڌ جي قبيلن مطلب تہ هر لحاظ کان معلومات ڏنل آهي.

برٽن، شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو تہ هو پنهنجي شعر جي سونهن، حرف تجنيسي، معنيٰ ۽ ترنم وارن لفظن جي وڻندڙ ٻوليءَ جي اشارن سان پڻ ڪري ٿو ۽ ڪن جاين تي انهن جي عبارتن جا حوالا بہ ڏئي ٿو. هن جو سمورو ڪلام انهن خيالن ۽ مضمونن سان واسطو رکندڙ آهي جن کان هن جا هم وطن اڳ ئي واقف آهن. شاهہ عبداللطيف کي سندس ڏيهي سنڌ جو حافظ سڏن ٿا ۽ انهن مان ڪي پڙهيل تہ ڪي اڻ پڙهيل آهن. برٽن وڏيڪ عالمانہ رايو ڏيندي لکي ٿو تہ "پٺائي نيٺ سنڌي هئڻ سبب مخدوم هاشم ۽ مخدوم عبدالله جي تخليقن کان مجموعي طور هڪ اهم جڳھہ والاري ٿو" . شاهہ لطيف جي هر مصرع مان پنهنجي ڌرتيءَ جا اهڃاڻ ۽ ان جي سڃاڻ جا سوين سبق ملن ٿا.

هن مغربي لطيف شناس ۽ سنڌ شناس جو موت(ٽريسٽ_انگلينڊ) 20 آڪٽوبر 1890ع ۾ دل جي دوري سبب ٿيو. سندس موت کان پوءِ سندس گھر واريءَ آسابيل سندس ڪيترين ئي لکڻين ساڙي ڇڏيون.

ڊاڪٽر ايني ميري شميل

سنڌ پيار، محبت، امن، مھمان نوازي ۽ صوفي فقيرن جو ديس آھي. پرڏيھي ماڻھن کي جيڪو ھتان جو قرب ۽ سڪون مليو سو انھن ماڻھن پنھنجي ديس وڃي سنڌ جا گيت ڳائي سڄي دنيا کي ٻڌايا. انھن مان ھڪ نالو ڊاڪٽر ايني ميري شميل جو بہ آھي. جنھن زندگيءَ جو ڳچ حصو سنڌ ۾ گذاريو.

ڊاڪٽر اينيميري شميل Dr. Annemarie Schimmel جو جنم جرمنيءَ جي شھر ايرفرٽ ۾ 7 اپريل 1927ع ۾ ٿيو. (جنم 7 اپريل 1922ع. امام راشدي) سندس والد مسٽر پال پوسٽ آفيس ۾ ڪم ڪندو ھو ۽ مڊل ڪلاس فيملي سان تعلق رکندو ھو. اينيميري ننڍي ھوندي کان ذھين ھئي. تعليم جا ڏاڪا چڙھندي ننڍي عمر ۾ 19 سالن جي عمر ۾ سن 1941ع ۾ برلن يونيورسٽيءَ مان اسلاميات ۾ ڊاڪٽر آف فلاسافي جي ڊگري ورتائين. ان کان علاوہ ھوءَ دنيا جي مختلف يونيورسٽين ۾ پڙھائيندي رھي. پاڻ اسلامي فلسفي کان متاثر ھئي. ھن کي عربي، فارسي ۽ ترڪي ٻولين ۾ مھارت حاصل ھئي. سندس علم و ادب کي سڀ کان اول ترڪيءَ ۾ ئي قدر جي نگاھ سان ڏٺو ويو ۽ کيس انقرہ يونيورسٽيءَ ۾ ”شعبہ الاھيات“ ۾ ”علم تقابل اديان“ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. جتي صوفين بزرگن جي فن ۽ فڪر جي مطالعي کان پوءِ سندس لاڙو تصوف ڏانھن ٿيو.

تصوف جي ڇڪ سبب 1958ع ۾ پھريون پيرو سنڌ آئي ۽ پير حسام الدين راشدي سان گڏ مڪلي گھمڻ وئي، تڏھن پير صاحب کيس چيو ھو تہ مڪلي جي باري ۾ مواد مان فائدو اھو ئي وٺي سگھي ٿو جنھن کي سنڌي اچي، ان ڳالھ کي چئلينج سمجھندي ھن ھڪ سال ۾ سنڌي سکي ورتي. ان کان پوءِ مسلسل ھن سنڌي لوڪ ادب شاعري ۽ تصوف تي انگريزي ۽ جرمن زبانن ۾ مضمون ۽ ڪتاب لکيائين. سندس ھينيان مضمون شاھ لطيف جي ڪلام بابت آھن.

(1) Shah Abdul Latif Sur Sarang
Shah Latif a poet for all Times,
First Edition, Sindh Graduates Association_1978_PP: 146

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) Shah Abdul of Bhit, Shah Abdul Latif his mystical poetry_

Shah Abdul Latif cultural center Bhit Shah and Hyderabad 1991_PP: 254

(3) Shah Abdul Latif of Bhit, poet laurate of Sindh_ Directorate of information Hyderabad_1961

ڊاڪٽر اينيميري جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، انهن مان ڪجهہ ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا.

(1) Look this is love (2) Islam_An introduction (3) Sindhi literature (4) Giabrial wing(on Iqbal)

German Books.

(2) Shah Abdul Latif_A buletin published by Embassy of Pakistan in west Germany_1960

(3) Shah Abdul Latif on Bhit_An article published in latif magazine, Shah Abdul Latif culture center, Hyderabad_1960

ڊاڪٽر شميل صاحبہ شاهہ جي ڪلام جو جرمني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ڪان سواءِ جرمنيءَ ۾ شاهہ لطيف تي ٻارهن ليڪچر ڏنا.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ متعلق لکي ٿي تہ ”شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙن موضوعن جو انتخاب ڪيو جن جو عوامي زندگي سان ويجهو ۽ گهرو تعلق آهي. هن اجنبي موضوعن ڪان منهن موڙيو حسب توقع هن فارسي يا حافظ شيرازيءَ جي مقابلي ۾ پنهنجي ديس جي شين متعلق مواد پيش ڪيو آهي. سندس شاعري سندس ذاتي مشاهدن جو آئينو آهي“ .

شميل صوفي شاعرن جي تمام گهڻي مداح هئي. اهو ئي سبب آهي جو هيءَ عظيم صوفي شاعرن تي لکندي رهي، جن ۾ منصور حلاج، شاهہ ڪريم، قاضي قادن، شاهہ لطيف، سچل سرمست، عبدالرحيم گروهڙي، بيدل ۽ خواجہ ميردرد جا نالا اهم آهن.

هن 1976ع ۾ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب ”Pain and grace“ ”درد ۽ لطف“ ”ارڙهين صديءَ جي ٻن مسلم هندستاني صوفي شاعرن جو اڀياس“ لکيو. هن ڪتاب ۾ خواجہ ميردرد ۽ شاهہ سائين جو ڀيٽوار اڀياس ڏنو ويو

آهي. ٻنهي شاعرن جي اختلافن ۽ هڪ جهڙاين تي مشتمل هي ڪتاب نهايت ئي سهڻو ۽ اعليٰ معيار وارو ليکجي ٿو. هي ڪتاب لنڊن اي جي برڪ شايع ڪيو.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو لکي ٿو تہ 1986ع ۾ ڊاڪٽر اينيميري شميل انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب(سنڌ جا موتي سنڌ و ثقافت جو اپياس) لکيو. جنهن ۾ سر سارنگ جي اهميت بيان ڪندي لطيف سائينءَ جي ان سر ۾ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي عظمت جو اظهار ڪرڻ بابت ذڪر ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري شايع ڪيو آهي. انگريزي ۾ لکيل سندس مضمون ”Shah Abdul Latifs Sur Sarang“ هن جو سنڌي ترجمو خليل الرحمان شيخ ڪيو. اهو مضمون بعنوان ”شاهہ عبداللطيف جو سر سارنگ“ ڪتاب سنڌي موسيقي جا سر تار ۾ 2011ع ۾ شايع ٿيو.

مٿئين مضمون ۾ اينيميريءَ جو خيال آهي تہ ”شاهہ لطيف مينهن جي موسم کي پنهنجي بيتن ۾ ڳائي سنڌيءَ ۾ پهرين ’جاگرافيائي‘ شعر“ جو بنياد رکيو آهي. جنهن ۾ مختلف جڳهن جو ذڪر ڪيل آهي.

شاهہ جي شيدائن ۾ هي واحد خاتون هئي جيڪا سورنهن زبانون ڄاڻندي هئي ۽ سورنهن زبانن ۾ ئي لکندي هئي. هن پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي ڏانهن خط لکيا ۽ روبرو ادبي رهاڻيون پڻ ڪيون. ڊاڪٽر تنوير عباسي جي اسرار تي ڊاڪٽر شميل 30 آڪٽوبر 1987ع بمطابق 3 ربيع الاول 1408هہ تي راڻيپور کان گمبٽ موڙ تي سچل درجو افتتاح ڪيو.

سندس عملي خدمتن طور مختلف ملڪن مان ڪيس ڪيترائي انعام ۽ ايوارڊ مليا. حڪومت پاڪستان سندس ڪم جي عزت افزائي ڪندي 1965ع ۾ کيس ”تمغہ پاڪستان“ عطا ڪيو ۽ کيس پاڪستان جو اسٽيٽ گيسٽ قرار ڏنو. دنيا جي هيءَ مشهور مشترقہ 27 جنوري 2003ع ۾ جرمنيءَ ۾ وفات ڪري وئي. ان وقت سندس وفات تي سڄي دنيا سان گڏ سنڌ ۾ بہ غم جي لهر ڇانيل هئي.

ميجر هينري ايف_جي_گولڊ سمڊ

ميجر جنرل سرهينري فريڊڪ جان گولڊ سمڊ ” ,Henery Frederic Jonhn Goldsmid“ جو جنم 19 مئي 1818ع ملان اٽليءَ ۾ ٿيو. هن ڪنگز ڪاليج لنڊن مان تعليم حاصل ڪئي ۽ 1839ع ۾ 21 سالن جي عمر ۾ مدراس آرمي ۾ شموليت اختيار ڪيائين. 1845ع ۾ کيس هنديءَ ۽ 1849ع ۾ فارسيءَ جو ترجمان مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته 1851ع ۾ کيس عربي زبان لاءِ ترجمان رکيو ويو.

سندس هڪ وڏو ڪارنامو اهو به هو ته هن سنڌ سميت بلوچستان ۽ هندستان ۾ ٽيليگراف جو بنياد وڌو_1865ع ۾ کيس انڊويورپين ٽيليگراف جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو.

ميجر گولڊ سمڊ سنڌ جي تعليم لاءِ پاڻ پتوڙيو هن ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ خاص طور تي اسڪول کولرايا. هن استادن جي سکيا لاءِ حيدرآباد ۾ نارمل اسڪول جو بنياد وڌو ۽ 1846ع ۾ شڪارپور ۾ ”ثانوي مڊل اسڪول“ جو پڻ بنياد رکيو جيڪو بعد ۾ 1873ع ۾ هاءِ اسڪول بڻيو. ميجر گولڊ سمڊ جو هڪ وڏو ڪارنامو اهو به هو ته هن سنڌ جي مشهور قصي، شاهه سائين جي مشهور ڪردار سسئي پنهون جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري 1863ع ۾ لنڊن مان شايع ڪرايو. اهڙي طرح هن سنڌ جي مشهور قصي سسئي پنهونءَ کي يورپي دنيا ۾ متعارف ۽ مشهور ڪيو. سسئي پنهون جي قصي جو ترجمو اڄ به ترجمي جي دنيا ۾ خصوصي ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿو.

سنڌ جي زرعي ترقي ۽ سنڌ جي بهترين تعليم لاءِ سٺو ڪردار ادا ڪندڙ جاکوڙي ميجر گولڊ سمڊ جو لاڏاڻو 12 جنوري 1908ع ۾ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف جي درگاهہ تي ڀهاري ڏيندڙ روسي ليکڪ گرجيف

گرجيف (G_I_Giurdjieff) کي برِصغير جي صوفي آستانن ۽ ادب ۾ ”جورجي زادي“ جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. جارج اوانو وچ گرجيف 13 جنوري 1866ع تي اليگزيندرو پول (روس) ۾ جنم ورتو ۽ سندس انتقال 29 آڪٽوبر 1949ع تي فرانس جي هڪ آمريڪي اسپتال ۾ ٿيو.

هي جوان ٿيندي ئي سنڌ، هند، مصر، تبت ۽ روم جي صوفين درويشن، بزرگن جي درگاهُن تان پنهنجي اندر اجارڻ واري سکيا لاءِ جاکوڙيندو رهيو. دنيا گردي جي ياترا دوران افغانستان کان پشاور وارو رستو وٺي سنڌ ۾ آيو هو. جتي هي گهمندو ڦرندو شاهه لطيف جي درگاهه تي حاضري ڀري شاهه لطيف جو شيدائي ٿي ان جي ڪلام مان جدوجهد جو سبق پرايائين. شاهه سائين جي درگاهه جي آڳر ۾ ڀهاريون ڏيندڙ گرجيف، شاهه جي ڪلام جو ڳوڙهو مطالعو ڪرڻ سان گڏ صوفين سان رنگ رهاڻ جون محفلون مچائي ڇيريون ٻڌي رقص جا مزا پڻ ماڻيا. ڪافي عرصو درگاهه تي رهي پٽائيءَ جو راڳ ٻڌڻ کان علاوه لطيف سائين جي پارکن کان شاهه جي ڪلام جي سمجهاڻين ۽ ان جو مفهوم معلوم ڪيائين. پٽائيءَ جي ڪلام ۾ موجود ڪردارن جي جدوجهد کيس باعمل صوفي بڻائي ڇڏيو.

لطيفيات جي مطالعي دوران ”سرگهاتو“ جي منڊڙي، پربهادر ڪردار_ موڙي جي شاندار جدوجهد سندس من ۾ کُپي وئي. هيءُ سچ جي تلاش لاءِ جهد ڪري سنڌ جي سامين، صوفين، درويشن ۽ عالمن سان رهاڻيون ڪندي سالڪن جي صحبت ۾ گيان جا انبار حاصل ڪري 1912ع ڌاري واپس وطن موٽي ويو. گرجيف پنهنجي سموري سفر توڙي تدريسي عمل جو احوال پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنو آهي. اهي ڪتاب هي آهن.

(1) ميٽنگس وٿ رمارڪ ايبل مين_ Meetings with Remarkable Man

(2) دي هيرالڊ آف ڪمنگ گڊ_ The Hearald of coming Good

(3) آل اينڊايوري ٿنگ_ All and Every thing

(4) بيلزيبوزٽئلس ٽوهزگرانڊ سن- Beelzebubs Tales to His girandson

(5) ويوز فرام دي رئيل ورلڊ-Views from the Real World

هن جا روحاني استاد عبدالقادر قالين فروش ۽ حسن ڪربلائي هئا. جن سان سندس ملاقات سفر دوران ٿي هئي.

گرجيف جي شاگرد اوسپنسڪي پڻ پنهنجين لکڻين ۾ مورڙي ميربحر جي جدوجهد واري ڳاله کي نواڻ ڏني. پنهنجن ٻن ڪتابن ۾ ان قصي کي بيان ڪيو آهي. ان قصي مان سموري يورپي دنيا اڄ تائين متاثر ٿيندي نظر اچي ٿي.

مشهور روسي صوفي پي-ڊي-سپنسڪي جي انهن ٻنهي ڪتابن ۾ بيان ڪيل شاهه لطيف جي سر گهاتوءَ جي ڪردار مورڙي ميربحر(اصل ذات ٻهليم) کان متاثر ٿي هاليووڊ جي ٻن پائرن هدايتڪار-اينڊي وڪاسڪي ۽ ليري وڪاسڪي، مورڙي جي جدوجهد کي آڏو رکي جديد سائنسي مسئلن ۽ سائبر دنيا سان لاڳاپو ڏيکاري "ميٽرڪس" جي ڪهاڻي لکي 31 مارچ 1999ع تي آسٽريليا ۾ 136 منٽن جي هڪ فلم ٺاهي. 60 ڪروڙ 30 لک ڊالرن جي بجيٽ واري فلم "ميٽرڪس" کي دنيا جو چوٿون نمبر بهترين سائنسي فلم قرار ڏنو ويو هو.

ديوان ٺارومل (هندو ليکڪن ۾ پهريون قلمي نسخو لکرائيندڙ)

نصرپور جو مشهور حڪيم ۽ فارسي دان ديوان ٺارومل شاهه لطيف جو پهريون هندو شيدائي هو. جنهن پنهنجي خرچ تي شاهه سائين جو قلمي نسخو 1270ھ ۾ هدايت الله هالائيءَ کان اجوري تي لکرايو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق مطابق هن قلمي نسخي ۾ سر ۽ بيت ڳاڙهي مس سان لکيل آهن. هن نسخي جي شروعات سر ڪلياڻ سان ۽ اختتام سر ڪارايل سان ڪيل آهي. هن نسخي ۾ شاهه ڪريم جا 8 بيت تلسيداس جا ٻه دوها ۽ ”غزل فرمود شاهه شرف عرف بوعلي قلندر“ جو ڪلام پڻ ڏنل آهي. نسخي جي بلڪل آخري صفحي تي هي بيت لکيل آهي

توٽي اوڙن پري ساڻ توٽي پري پچار،
ڪئو پيا اوڏيهڙا جي پرين ڪان ڏار.

مجموعي لحاظ سان هي جڻ ته سڄو رسالو ئي آهي. هن نسخي ۾ ڪل 32 سر، 3247 بيت ۽ 226 وايون شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي

ڊاڪٽر هرومل پٽ ايسرداس سدارنگاڻي 22 آڪٽوبر 1913ع تي شهدادپور ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ درجي جو شاعر اديب، محقق، مترجم ۽ لطيف جو پارکو هو.

ڊاڪٽر هرومل ابتدائي تعليم شهدادپور ۾ حاصل ڪئي. تنهن کان پوءِ سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد، ڊي-جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ اسماعيل ڪاليج بمبئي ۾ پڙهيو. پاڻ سنڌ جي فارسي شاعرن تي تحقيق ڪري 1946ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ هن ڊي-جي ڪاليج ڪراچي ۾ به نوڪري ڪئي.

پاڻ سنڌي ادبي بورڊ طرفان نڪرندڙ مشهور رسالي "مهراڻ" جو پهريون ايڊيٽر مقرر ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. فارسي زبان ۾ مهارت جي ڪري کيس تهران يونيورسٽي ۾ وڌيڪ تحقيق ۽ تعليم پرائڻ جو موقعو مليو. پاڻ اتي 1956ع ۾ "پارسي گويان هند و سنڌ" جي عنوان سان پنهنجو تحقيقي مقالو مڪمل ڪيائين. سنڌ جي حوالي سان سندس ڊاڪٽوريٽ لاءِ لکيل مقالو "پرشين پوئٽس آف سنڌ" جيڪو سپ کان پهريائين 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيس. هرومل شاعريءَ ۾ "خادم" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس شعري مجموعا "پره جي باک" ۽ "خوشبوءَ جو سفر" گهڻو مشهور ٿيا. ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي- 6 ڊسمبر 1992ع تي دهليءَ ۾ ديهانت (لاڏاڻو) ڪيو.

هرومل هندستان جي پارليامينٽ ۾ نائب اسپيڪر جي عهدي تي فائز ٿيڻ بعد پهرين ڊسمبر 1957ع تي دهلي ۾ "هندي سڀا" اندر سنڌي ٻوليءَ جي بيمثال شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مجسمي جي نقاب ڪشائي ڪئي ۽ پنهنجي تقرير ۾ شاهه سائينءَ جو تعارف ڪرايو هو.

هرومل سدا رنگاڻي جو لطيفيات تي ڪم جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

ڪتاب "ڪنورپاڙون پاتار ۾" 1984ع ۾ شايع ٿيس. هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي ڪلام تي عربي، فارسي، هندي، سنڌي ۽ پنجابيءَ زبان جي مختلف شاعرن جي شعر جو اثر ڏيکاريو ويو آهي. رسالو "شاهه جو چونڊ شعر" ساهتيه اڪيڊمي نئين دهلي ڇاپو پهريون 1961ع. هن انتخاب ۾ فقط شاهه سائين جا چونڊ بيت ڏنل آهن. هن منتخب رسالي جو ٻيو ڇاپو 1982ع ۾ ڇپيو. ان کان علاوه شان هرنام سنگهه جي لکيل ڪتاب "سسئي

پنهون“ جو ترجمو ڪيائين. جيڪو ساهتيہ اڪيڊميءَ نئي دهلي پاران 1970ع ۾ شايع ٿيو.

پاڻ لطيف سائينءَ متعلق ڪوڙ سارا مضمون ۽ مقالا لکيائين، جن ۾ مضمون ”شاهہ لطيف سندس زندگي ۽ شعر“. ماهوار نئين زندگي حيدرآباد ڊسمبر 1957ع. ”مضمون شاهہ جي شعر تي پارسيءَ جو اثر“ ٽماهي مهراڻ شمارو-3 1985ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. مضمون ماٽڪ منڊ هٿان (شرح لطيفي) مهراڻ جنوري 1988ع. مقالو شاهہ صاحب جي شعر تي عربي اثر مهراڻ شمارو-1984.4ع. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. مضمون شاهہ لطيف عالم هئو- ماهوار اديون ڪراچي اپريل 1985ع. مضمون ”پارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ شاهہ لطيف“ ڪتاب فڪر لطيف مرتب قربان علي ميمڻ ادارو فڪر و نظر پبليڪشن سکر. ڇاپو پهريون 1987ع.مقالو شاهہ جي ڪلام تي مڪاني شاعرن جو اثر ڪتاب گوهر لطيف، سنڌي اردو ادارو سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي مرتب سيد صفدر علي شاهہ ڇاپو آڪٽوبر 1986ع. مضمون ”ڀٽائي جو سورميون“ ڪتاب شاعرن جو سرتاج مرتب خديجہ دائود پوٽو 1963ع ۾ شايع ٿيس.

ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي

ڄيٺمل پٽ پرسرام گلراجاڻي جو جنم ڀريـن آڪٽوبر 1885ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ مشهور اديب، صحافي ۽ شاهہ لطيف جو شيدائي هـو. تصوف جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ 1923ع ۾ هـڪ رسالو”روح رهاڻ“ پڻ جاري ڪيائين. 1902ع ۾هـي استادي پيشي سان وابستہ ٿيو. سنڌ جي صحافت ۾ ڄيٺمل جو بينظير ۽ اڻمٽ ڪم ٿيل آهي، هـن 1917ع ۾ سنڌي اخبار ”هند واسي“ جاري ڪيائين. جنهن جو مکيـہ مقصد سنڌي عوام ۾ قـومي سجاڳيءَ جـو جـذبو پيـدا ڪـرڻ هـو. ان ڪانسواءِ 1914ع ۾ لعلچند امرڏنيمل سان گڏجي حيدرآباد سنڌ ۾”سنڌي ساهت سوسائٽيءَ“ جـو بنياد رکيائين. هن اداري لطيف سائين متعلق سڀ کان ڀريون ڪتاب ”شاهاڻو شاهہ“ شايع ڪيو جيڪو لعلچند امرڏنيمل جو لکيل آهي. سن 1922ع ۾ ڄيٺمل ”نئين سنڌي لئبريري“ نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو شايع ڪرڻ شروع ڪيو. انهي سلسلي ۾ ڄيٺمل جيڪو ڀريون ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيو. اهو آهي ”شاهہ جون آکاڻيون“ ڀاڱو ڀريون ليکڪ ڄيٺمل. هـن ڪتاب ۾ شاهہ جي رسالي مان ڇهہ آکاڻيون جن ۾ ”سهڻي-ميهار“ ”حسن-ع حسين عہ “ مومل راڻو راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، چام-تماچي ۽ نوريءَ جي چونڊ ڪري تفصيلي جائزو ورتل آهي. ڄيٺمل جو مرتيو 6 جولاءِ 1948ع ۾ رات جو ٻي بجي بمبئي ۾ ٿيو.

سندس لطيف سائين متعلق ڪتاب،مضمون ۽ مقالا هند ۽ سنڌ جي مختلف ادارن شايع ڪيا آهن. تن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي. ڪتاب شاهہ جون آکاڻيون (ڀاڱو ڀريون) ڇاپو ڀريون نئين سنڌ لائبرري حيدرآباد 1922ع. ڀاڱو ٻيو ڇاپو ڀريون 1923ع هـن ڀاڱي ۾ (1) عمر مارئي (2) سسئي پنهون ۽ (3) هيررانجهو. آکاڻين جي سمجهاڻي ڏنل آهي. ڪتاب شاهہ جون آکاڻيون (ٽئي ڀاڱا گڏ) ڇاپو ڀريون اُسات ساهت مالها دهلي. 1990ع. نوٽ:-هن گڏيل ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي ۾ هـي آکاڻيون شامل آهن. سهڻي ميهار- مومل راڻو راءِ ڏياچ، ليلان چنيسر، هنج ۽ ٻگهہ، عمر مارئي، سسئي پنهون. ڪتاب شاهہ جون آکاڻيون”سمجهاڻيءَ سميت“ 3

ياڱا گڏ. سنڌ ۾ ڇاپو ڀھريون سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد. ڊسمبر 1994ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب شاھ جون آڪاٽيون ۽ انھن جي سمجھاڻي. ڇاپو پھريون. صداقت بڪ ڊيپو آگسٽ 1985ع ھن ڇاپي ۾ ٽئين ياڱي واريون آڪاٽيون ڏنل آھن. ڪتاب سنڌي ساھت جو خزانو (شاھ جو رسالو) صحيح نسخو ڇا کي چئجي؟ ڇاپو پھريون. پارتواسي پريس حيدرآباد ڪتاب. شاھ پيتائيءَ جي حياتي. 1915ع ۾ شايع ٿيس.

جيٺمل پرسرام جا شاھ لطيف بابت رسالي مان قصن ڪھاڻين متعلق چونڊ مضمون جيڪي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آھن. انھن جو وچور ھن ريت آھي. مضمون ھنگلاج ۽ گرنار. رسالو روح رھاڻ. نومبر 1922ع. تقرير. شاھ عبداللطيف سنڌ جو رھبر. مھراڻ جلد پھريون ڪراچي. آڪٽوبر. نومبر 1946ع. مضمون سسئي ۽ سچ. لطيف ڊائجسٽ ڪراچي مارچ 1986ع. مضمون ڄام تماچي ۽ نوري نماڻي. لطيف ڊائجسٽ جون 1985ع. مضمون مارو ۽ مليرـ لطيف ڊائجسٽ ڊسمبر 1985ع. مقالو رابندرناٿ ٽئگور ۽ شاھ لطيف. ماھوار سنڌو. 1941ع ۽ 1988ع ۾ شايع ٿيس. مضمون ياڳوت ۽ شاھ. روح رھاڻ. آڪٽوبر 1954ع. مضمون ليلا چنيسر (آڪاٽيءَ جي سمجھاڻي) روح رھاڻ فيبروري 1922ع. مضمون سرڪارايل (ھنج ۽ بگھ) روح رھاڻ. اپريل 1922ع مضمون لطيفي لاٽ. مخزن. ڊي. جي سنڌ ڪاليج مسلني. 1913ع ۾ شايع ٿيس. مضمون دنيا جي دردن جو دارون لعلڻ لطيف جا ڏس. حوالو ڪتاب نذر لطيف اطلاعات کاتو سنڌ 1954ع. مضمون پٽ شاھ. ماھوار سنڌو. لکي گيٽ شڪارپور سيپٽمبر 1932ع واري پرچي ۾ شايع ٿيس. مضمون. مرشد کي ڪيئن ملندين. روح رھاڻ. آڪٽوبر 1922ع واري پرچي ۾ شايع ٿيس. مقالو. شاھ ڪريم ۽ شاھ لطيف. حوالو. ڪتاب. شاھ ڪريم سنڌي شاعريءَ جو وھائو تارو. سھيڙيندڙ. رکيل مورائي. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. ڇاپو پھريون ڊسمبر 2012ع ۾ شايع ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر رام پنجواڻي

پروفيسر رام پنجواڻي جو پورو نالو رام پرتابراءِ پنجواڻي هو ۽ سندس ادبي تخلص "رام" هئس. سندس جنم 20 نومبر 1911ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. پاڻ اعليٰ درجي جو ناول نويس، شاعر، گلوڪار، اداڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ لطيفي ليکڪ ٿي گذريو آهي.

رام پنجواڻي مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ بي، اي پاس ڪئي ۽ ڏي جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو استاد مقرر ٿيو. هن ڀارتي سنڌي فلمن جهولي لعل- هو جمالو- لاڏلي ۽ اَمي يا مَمي (وغيره) لاءِ گيت لکيا سال 1968ع ۾ فلم شل ڏيئر نہ ڇمن ۽ 1964ع ۾ سنڌي فلم جهولي لعل جون ڪهاڻيون لکيون، اُهي تمام ڪامياب ٿيس.

پاڻ ڀارت ۾ سنڌين لاءِ "سيتا سنڌو ڀون" نالي سان هڪ خوبصورت آستان قائم ڪرايائين جنهن ۾ سنڌ جون يادگار شيون محفوظ آهن. ان ڪري ڪيس "سنڌين جو سفير" سنڌين جو ايلچي ۽ "سنڌين جو ابو" جي لقبن سان ياد ڪيو ويجي ٿو. پهرين اپريل 1987ع ۾ سندس وفات ٿي، پيو سن وفات 1978ع بہ ملي ٿو جيڪو غلط آهي. درست سن 1987ع آهي.

سندس ڪتابن جو تعداد 25 کان 30 ٿيندو.هن ناول لطيف 1945ع ۾ شايع ڪرايو.ان کانسواءِ ڪتاب "سنڌ جون ست ڪهاڻيون"پهريون ڇاپو سن 1952ع ۾ بمبئي مان ان ڪتاب جو ٻيون ڇاپو سن 1977ع ۾ سنڌي ٽائيمس اُلهاسنگر مان شايع ڪرايائين. هن ڪتاب ۾ شاهہ جي بيتن سان گڏ انهن ڪهاڻين کي پيش ڪري، پوءِ هر هڪ تي جوڙيل ناٽڪ بہ ڏنو ويو آهي. سندس هينيان ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيا ويا جيڪي تمام گهڻو ڪامياب ٿيا. اهي هن ريت آهن:- ليلا چنيسر، مومل راڻو عمر مارئي، راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي ۽ سهڻي ميهار شامل آهن.

هن ڀارت ۾ لٽرري اينڊ ڪلچرل سينٽر ۽ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سهڪار سان شاهہ سچل، سيمينار منعقد ڪرايو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند آڏواڻي

ڪاڪو پيرومل پٽ مهرچند آڏواڻي 4 ڊسمبر 1876ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ وڏو محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نويس، شاعر ۽ لطيف شناس ٿي گذريو آهي. پاڻ 1896ع ۾ ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. اتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ نومبر 1924ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ عارضي طور سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ پاڻ ڪراچي کان بمبئي لڏي ويو. شاعريءَ ۾ "غريب" تخلص استعمال ڪندو هو. 3 جولاءِ 1950ع تي پوني ۾ رستي ويندي ڌڪ لڳڻ ڪري هن جي پنيءَ جو ڪنڊو ڀڄي پيو. جنهن سبب 7 جولاءِ 1950ع ساسون اسپتال ۾ وفات ڪري ويو.

ڪاڪو پيرومل سنڌي ٻولي ۽ تاريخ سان گڏ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو بيحد شيدائي هيو. 17_18 سالن جي ننڍي وهيءَ ۾ ئي شاهه جي رسالي جي لغت ناهڻ شروع ڪيائين. ان کان پوءِ سن 1907ع ۾ "ڪتاب غريب اللغت" نالي سان، شاهه جي رسالي جي لغت جو پهريون ڀاڱو ڇپائي پڌرو ڪيائين. انهي ۾ رسالي جي پهرين ٽن سرن (سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ ۽ سر ڪنيات) جي اهنجن لفظن ۽ جملن جي معنيٰ ڏنائين. انهي لغت تيار ڪرڻ ۾ هن مرزا قليچ بيگ، ديوان نرملداس فتحچند سجانسنگهاڻي، پرمانند ميوارام جهڙن بزرگن عالمن کان معنائن جي تصديق ڪرايائين. سن 1909ع ۾ "جوهر نظم سنڌي" نالي سان سنڌي شعرن جو هڪ مجموعو ڇپايائين. هن ڪتاب ۾ شاهه عبدالڪريم، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خليفي گل محمد ۽ سچل سرمست جا چونڊ شعر ڏنائين. ڪجهه عرصي بعد ڪتاب گربخشاڻيءَ وارو رسالو منهنجي نظر ۾ ڇاپو پهريون. اُسات ساهت مالها نئين دهلي. 1992ع ۾ شايع ٿيس ساڳيو ڪتاب ڇاپو پهريون "سنڌ ۾" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1995ع ۾ شايع ڪيو.

نوٽ:_ ڪتاب گربخشاڻيءَ وارو رسالو منهنجي نظر ۾، هن ڪتاب (سنڌ واري ڇاپي) جي صفحي 12 تي پيرومل جي ڪتاب لطيف سٺر جي شايع ٿيڻ جو سال 1927ع لکيل آهي، جڏهن تہ سنڌ جي سيني محققن، ليڪڪن ڪتاب لطيفي سٺر جي ڇپجڻ جو سال 1928ع لکيو آهي. ڪتاب _ لطيفي سٺر _ ڇاپو پهريون اين_ايچ پنجابي ڪمپني ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1928ع ۾ شايع ٿيو. شاهه سائين جي سير و سفر متعلق هي پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ گنجي ٽڪر ڪان ڪينجهر، ننئو هنگلاج، پنيور، حب ندي، ڪلاچي، هاڙهو ۽ هنگول، لاهوت، گرنار، ڪڇ، ڀڄ، هالار، دوارڪا، پوربندر، ڪنيات، جهونا ڳڙهه ڪاڪ، جيسلمير ۽ ٿر جي مختلف ماڳن ۽ لطيفي ٽڪين جو تذڪرو تفصيلي انداز ۾ مليو ٿو. هن ڪتاب کي پڙهندڙ ائين محسوس ڪندو ڄڻ ته پاڻ به لطيف سرڪار سان گڏ فقيري سُنگ ۾ سير و سفر ڪري رهيو آهي. ڪتاب لطيفي سئر. ڇاپو پهريون سنڌي ڪتاب گهر حيدرآباد. 1946ع ۽ ڇاپو ٻيون 1983ع. ڇاپو چوٿون. شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1989ع ۾ ڇاپو پنجون 2012ع ۾ شايع ٿيو. ان کان سواءِ ڪتاب ڀٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف جي ورسي. ڇاپو پهريون سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ ڪراچي 1942ع ۽ ڪتاب چونڊ ڪلام 1941ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف سان گڏ ٻين شاعرن جو چونڊ ڪلام ڏنل آهي. ڪتاب سُر سورٺ ڇاپو پهريون ڪيمچند شيوڪرام بوڪ سيلرس حيدرآباد 1909ع/1917ع. ڪتاب سنڌ جو سيلاني. 1923ع ۾ شايع ٿيس. ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ مطالعو. ادارو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي مئي 1997ع ۾ شايع ڪيس.

شاهه سائين متعلق شايع ٿيل مضمونن جو مختصر وچور- مضمون 1- شاهه جي سنڌي- رسالو ڪينجهر (شاهه لطيف نمبر) 1982ع لاڙڪاڻو. 2- مقالو شاهه عبداللطيف جا مکيه سير، ماهوار سنڌو مئي 1939ع. سنڌو ساهتيه منڊل شڪارپور. مٿيون مقالو ماهوار سنڌوءَ ۾ قسطوار شايع ٿيس.

مختلف موضوعن تي سندس 70 کان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن. ڪجهه ڪتابن جو وچور-

گلقند. ڀاڱو پهريون 1925ع. (2) گولن جا گوندر (3) گلزارِنثر. ايڊٽ ڪيل 1929ع. (4) نوبهار شاعري 1926ع. (5) موهني ٻائي (ناول 1917ع). (6) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (تحقيق فيبروري 1941ع). (7) قديم سنڌ 1944ع. (8) انگلينڊ جي تاريخ 2 ڀاڱا (9) سنڌ جي هندن جي تاريخ 2 ڀاڱا (10) سنڌي گرامر (ويا ڪرڻ) 2 ڀاڱا وغيره سنڌ ۾ سندس ادبي سرمايو آهن.

هوتچند ولد مُولچند گربخشاڻي

شاهہ جي رسالي جو پهريون شارح ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي 8 مارچ 1884ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. 11 فيبروري 1947ع ۾ سنڌس ديهانت ٿيو. هن ابتدائي تعليم ڪنهن مڪاني پرائمري اسڪول ۾ ورتي هئي. سيڪنڊري تعليم اين. ايچ. ائڪيڊمي حيدرآباد ۾ ورتي، 1899ع ڌاري مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين. هو 1900ع ڌاري ڏيارام ڄيٺمل آرٽس ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. جتان 1905ع ۾ هن بي-اي جي ڊگري حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ هي بمبئي جي ولسن ڪاليج ۾ ويو. جتان 1907ع ۾ هن ايم-اي جي انگريزي ۽ فارسي ۾ ڊگري حاصل ڪئي. ان بعد ٿوري وقت لاءِ هي انهيءَ ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿي رهيو. ٻئي سال 1908ع ۾هي موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ ڊي-جي سنڌ ڪاليج ۾ فارسيءَ جو پروفيسر ٿي ملازمت ڪرڻ لڳو. ان ڪان پوءِ سمورو وقت انهيءَ ڪاليج ۾ نوڪري ڪندو رهيو. انهيءَ ڪاليج ۾ گهڻو وقت وائيس پرنسپال ٿي رهيو ۽ پوءِ 7 آگسٽ 1943ع ڪان وٺي پرنسپال جي عهدي تي رهيو. ڪتاب (جنب گذاريم جن سين جلد پهريون ۽ ٻيو ليڪ جي-اي-سيد. روشني پبليڪيشن ڪنڍيارو 2004ع صفحہ 426 تي لکي ٿو تہ 1937ع ۾ پرنسپال جي عهدي تي مقرر ٿيو.وچ ۾ 1928ع ۾هي وڌيڪ تعليم لاءِ ولايت ويو جتان لنڊن يونيورسٽيءَ مان "انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف" جي عنوان تي Ph.dجي سند ورتائين. سنڌ جو هي پهريون Ph.d هولڊر عالم هو.

پاڻ هندو مسلم ايڪتا جو حامي هو. سنڌس اسلام دوستي مشهور هئي، ايتري قدر جو ڪيس هوتچند بدران هوت خان بہ سڏيو ويندو هو.

سال 1943ع ۾ ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچي ۾ شيخ عبدالرزاق "راز" ۽ سنڌس ساٿين گڏجي ترقي پسند تحريڪ جي پهرين ادبي تنظيم "سنڌي ادبي سرڪل" جو بنياد وڌو. هن جو پهريون صدر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي هو ۽ سيڪريٽري شيخ عبدالرزاق کي مقرر ڪيو ويو. هن سرڪل جو مقصد شاگردن ۾ شاعري، افسانہ نويسي ۽ مضمون نگاري جي معاونت ڪرڻ هو. "سنڌي ادبي سرڪل" سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين جماعت هئي. جنهن ۾ چار ادبي نشستون ٿينديون هيون. چوٿين نشست ۾ ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شعر“ هن مشغلي ۾ مجلس کي ”شاهه ڪلاس“ چيو ويندو هو. جنهن ۾ مختلف عالمن کان شاهه لطيف جي شعر جي مختلف فني ۽ فڪري پهلوئن تي ليڪچر ڪرايا ويندا هئا. اهو سلسلو هلندو رهيو. ٽن سالن جي عرصي بعد ”سنڌي ادبي سرڪل“ پبليڪيشن جو سلسلو شروع ڪيو ۽ پهريون ڪتاب ”لهرون“ ترتيب ڏئي ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڪيس ننڍي هوندي کان صوفيانہ تعليم ۽ تربيت مليل هئي، مثنوي مولانا روم، ٻين پارسي شاعرن جي ڪلام ۽ شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ خاص درڪ هوندو هوس. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ 1923ع ۾ جڏهن رسالي جو پهريون جلد معنيٰ ۽ شرح سميت ڇپائي پڌرو ڪيو تہ ان وقت پروفيسر ڄيٺمل گلراجاڻي هن رسالي تي اخبارن ۾ تنقيدي مضمون لکيا. ان وقت گربخشاڻيءَ پنهنجي رسالي جي واڪاڻ لاءِ ان دور جي وڏي عالم ۽ شاعر سيد قاضي اسد الله شاهه ٽکڙائيءَ کان ٿوريون سٽون لکائي ورتيون هيون، جيڪي ڪيس سند حجت طور هٿي ڏينديون رهيون مگر پوءِ بہ هن رسالي تي تنقيد ٿيندي رهي. ڊاڪٽر هوتچند شاهه جي ڪلام تي تحقيقي ڪم ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي سان گڏجي ڪيو.

هن کي لطيف سائينءَ سان ايترو تہ پريم هو جو رسالي جا 3 جلد ڇپايائين ۽ آخري پساهن تائين شاهه جي رسالي تي تحقيق ڪندو رهيو. پر آخري چوٿون جلد پورو نہ ڪري سگهيو. هندو ليکڪن ۾ هي پهريون ليکڪ آهي. جنهن سڀ کان وڏيڪ سرن جي معنيٰ ۽ شرح لکي، سندس لطيفي پورهيو هيٺ ڏجي ٿو. ”شاهه جو رسالو“ جلد پهريون- ڪمشنر پريس ڪراچي- ڇاپو پهريون 15 ڊسمبر 1923ع هن ۾ ڪل پنج سر- ڪلياڻ- يمن ڪلياڻ- ڪنيات- سريراڳ- سامونڊي- ”شاهه جو رسالو“ جلد ٻيو. ڪمشنر پريس- ڇاپو پهريون 19 ڊسمبر 1924ع هن ۾ ڪل ڇهہ سر- سُهڻي- سسئي آبري- معذوري- ديسي- ڪوهياري- حسيني- ”شاهه جو رسالو“ جلد ٽيون ڪمشنر پريس ڪراچي. ڇاپو پهريون 27 اپريل 1931ع ۾ هن ۾ ڪل ست سر- سر ليلان چنيسر- مومل راڻو- مارئي- ڪاموڏ-

گهاتو۔ سورٺ ۔ڪيڏارو. سندس ترتيب ڏنل”شاهہ جو رسالو“ ٻين مختلف ادارن ڇپرايو جن ۾ شاهہ جو رسالو جلد پهريون۔ اداره آواز ادب نوحيدرآباد ۽ ڇاپو ٻيون 1967ع۔ شاهہ جو رسالو (گڏيل) ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڇاپو پهريون 1399هہ / 1979ع هن ۾ جملي 18 سر آهن. ساڳئي اداري ڇاپو ٽيون 1985ع ۾ شايع ڪيو. ساڳئي اداري هن رسالي جو ڇاپو چوٿون 2012ع ۾ شايع ڪيو. شاهہ جو رسالو گڏيل ڇاپو نيرون پبليڪيشن ڪراچي 1993ع. شاهہ جو رسالو (گڏيل) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ڇاپو پنجون 1993ع ساڳئي اداري ساڳيو رسالو 1998ع ۾ بہ شايع ڪيو.

ڪتاب مقد مہ لطيفي ڇاپو پهريون 1926ع. هن ڪتاب جو ڇاپو ٻيو منسٽري آف ايجوڪيشن ۽ ڪلچر نيو دهلي 1983ع ۽ 1900ع ۾ بہ شايع ٿيو. ڪتاب مقد مہ لطيفي. آزاد بوڪ ڊيپو حيدرآباد ڇاپو ٻيو۔ 56۔ 1955ع هن ڇاپي ۾ ڪل صفحا 231 آهن. هن جو ڇاپو چوٿون روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1993ع ۾ ۽ ساڳئي اداري ساڳيو ڪتاب 2005ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ ڪل 10 فصل آهن. فصل جي شروع ۾ شاهہ جي سوانح بابت مختلف ليکڪن جي لکيل اوائلي ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ شاهہ سائين جي اصل، نسل، ولادت، تعليم، شعروشاعري۔ سير و سفر ۽ آخري ايامن تي جامع معلومات ڏنل آهي.

”ورسٽي سنڌي پبليڪيشن“ هي ادارو ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جي ڇئن استادن قائم ڪيو. هن اداري ڪتاب مقدمہ لطيفي مارچ 1977ع ۾ شايع ڪرايو. حوالو نئين زندگي نومبر 1977ع.

ڪتاب روح رهاڻ. هن ڪتاب ۾ ليلا ۽ چنيسر، مومل ۽ راڻو عمر ۽ مارئي، نوري ۽ ڄام تماچي، سهڻي ۽ ميهار سسئي ۽ پنهون، مورڙو مير بحر، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ ۽ ڪربلا جو قضيو. تحت عنوانن ۾ تحقيقي مواد ڏنل آهي. هي ڪتاب مڪتبہ بُرهان اردو بازار ڪراچي 16 مارچ 1933ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب روح رهاڻ سنڌي ڪتاب گهر حيدرآباد ڇاپو پهريون. 1933ع ساڳئي اداري ڇاپو ٻيو 1940ع. ڪتاب روح رهاڻ. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڇاپو ٽيون 1980ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب سر مومل راڻو۔ ڇاپو پهريون ڪراچي 1941ع. ڪتاب سر مارئي ڇاپو پهريون راما

بـڪ ڊيپـو حيـدرآباد 1936ع سـاڳئي اداري سـاڳيو ڪتـاب ڇـاپو ٻيـون 1961ع ۾ شايع ڪيو. مهارا شترا سرڪار ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو شاهه جو رسالو ٽئي جلد گڏ 2004ع ۾ شايع ڪرايا.

ڊاڪٽر هوتچند ولـد مولچند گربخشاڻيءَ جا شاهه سائين متعلق لکيل ڪجهه مضمون هي ملن ٿا. ”شاهه جو شعر ۽ شاعري“ هـي مضـمون ڪتـاب ”جي تو بيت ياڻئيا“ ۾ شايع ٿيل آهـي، مضـمون، شاهه عبداللطيف جـو هـڪ همعصر شاعر- رسالو سنڌوشڪارپور جنوري 1934ع. مضـمون شـاهه جـي سنڌي، رسـالو سـنڌو جُون 1938ع. مضـمون- شـاهه جـي حيـاتيءَ تـي نئـين روشني- رسـالو اخبـار تعليـم- حيـدرآباد مئـي 1937ع. مضـمون شـاهه جـي صورت ۽ سيرت. رسالو- ڳوٺ سڌار- حيدرآباد (شاهه لطيف نمبر) سيپٽمبر 1958ع واري پرچي ۾ ڇپيو.

لطيفي ادب کان سواءِ سندس ٻيا ڪجهه ڪتاب جـن ۾ نورجهـان (نـاول) ۽ لنـواري جـا لعـل 1934ع ۽ 1987ع ۾ لنـواري شـريف اڪيـڊميءَ شـايع ڪرايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليلارام وطن مل خاڪي

ديوان ليلارام ”خاڪي“ پٽ وطن مل ٽيڪواڻي 13 آڪٽوبر 1867ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سٺو غزل گوشاعر، نقاد، ناٽڪ نويس ۽ شاهہ جو شارح ٿي گذريو آهي. مئٽرڪ- بي-اي ۽ بعد ۾ ايل-ايل-بي ڪرڻ کان پوءِ جج مقرر ٿيو. 1918ع ۾ ان عهدي تان رٽائر ڪيائين. ملازمت دوران نثر ۽ نظم لکندو هو. شاعريءَ ۾ ”خاڪي“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس غزلن تي مشتمل ديوان- 1921ع ۾”ديوان خاڪي“ جي نالي سان ڇپيو.

پاڻ انگريزي زبان ۾ لطيف سائين جي حياتي فن ۽ فڪر بابت ڪتاب ”شاهہ لطيف جي زندگي مذهب ۽ شاعري“ ’The life Religion and Poetry of Shah Latif‘ 14 مارچ 1889ع ۾ لکي مڪمل ڪيائين. هي ڪتاب 1890ع ۾ شايع ٿيو ليلارام ڪتاب کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي.هن ڪتاب جي پوين هڪ سؤ اسي صفحن ۾ رسالي جي اهڃن لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن. ليلارام ڀٽائيءَ جو اولين اڀياسي هو. ڪتاب- شاهہ لطيف جي زندگي مذهب ۽ شاعري. انگريزي زبان ۾ ڇپيل هيءَ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاهہ ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ فن جو باترتيب اڀياس ڪيو ويو آهي. هن بزرگ شاهہ سائين جي شاعريءَ جي صحيح ادراڪ ۾ پرجهڻ جي لاءِ نہ فقط اونهو اڀياس ڪيو پر لاڳيتا ٻہ سال عربي زبان ۾ قرآن شريف مطالعو انگريزي اردو ۽ فارسي زبانن ۾ ڪيائين. ان کان سواءِ هندي، انگريزي ۽ اردو گرامر جو بہ مطالعو ڪيائين. هن کي سڄي ڪتاب لکڻ ۾ اٺ سال لڳا. هي صاحبِ شاعر بہ هو ۽ سندس اشلوڪ ”لطيفي لات“ جي سري هيٺ شايع ٿيا هئا. هن پلوڙ ليڪڪ جو مرتيو سن 1941ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو.

The life Religion and poetry of Shah Abdul Latif
First Edition, Phoenix press Karachi 1890

هن ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ڇاپو ٻيو. ادارو سنڌي ڪتاب گهر، انڊس پبليڪيشن ڪراچي 1985ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب جو ڇاپو ٽيون

سنگ ميل پبليڪيشن لاهور پاڪستان 1987ع ۾ شايع ڪيو ۽ ان ڪتاب کي ٻن حصن ۾ ورهايو. تنهن بعد ان ئي اداري 1994ع ۾ ٻيهر شايع ڪيو.

ڪتاب- سر ڪلياڻ ڇاپو پهريون ايس-جي سوسائٽي حيدرآباد 1900ع ۾ شايع ڪيُس. سندس شاهہ تي لکيل، مضمون شاهہ جي رسالي ۾ بلوچي الفاظ. حوالو- عبرت ماهوار ايڊيشن (پٽائي نمبر) آگسٽ 1960ع واري ايڊيشن ۾ شايع ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوپٽي هيراننداڻي

پروفيسر پوپٽي رامچند هيراننداڻي 17 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور ڪهاڻي نويس، ناول نگار، تنقيد نگار ۽ شاعره هئي. پوپٽي هيرانندڻي ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1939ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي، انٽر ڪان پوءِ بي-اي جو امتحان بنارس هند يونيورسٽي مان 1943ع ۾ پاس ڪيائين. ورهاڱي ڪان پوءِ ڪٽنب سميت ڀارت لڏي وئي. اتي ايم-اي جو امتحان پاس ڪيائين. پاڻ ڪي سي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿي ۽ ايم اي ۽ پي ايچ ڊي جي شاگردن جي رهبريءَ ڪان سواءِ پاڻ مضمون، مقالا بہ لکندي رهي. سندس ڪتابن جو تعداد تمام گهڻو آهي. ڪجهہ تصنيفن سان گڏ سندس لطيفي لات سان عشق جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

ڪتاب شاهہ: سنڌي تهذيب جو روح ڇاپو پهريون 1983ع ۾ خدابادي عامل پئنچات، سنڌو-بمبئي مان شايع ٿيس. هن ڪتاب ۾ پوپٽيءَ جا لکيل ڏهہ تنقيدي مضمون شامل آهن. جن ۾ شاهہ لطيف جي شعر، فلاسافي، شاهہ جي سورمن ۽ سورمين، رسالي جي ڪن سرن جو تنقيدي نگاهہ سان اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب چرن چٽڪن چت ۾، ڪونج پبليڪيشن بمبئي 1970ع. ڪتاب شاهہ جو شعر ۽ سندس سورما ۽ سورميون، ديپشڪا پبليڪيشن بمبئي اپريل 2000ع.

پوپٽيءَ شاهہ سائينءَ جي رسالي ۾ عورت جي پيڙائن، سور سختين، اوسيئڙن جو اڀياس ڪري، هڪ مضمون "شاهہ جو رسالو ۽ عورت" عنوان سان لکيو. اهو مضمون (ڪلاچي تحقيقي جرنل- ايڊيٽر فهميده حسين) جلد ڇهون شمارو ٻيون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر يونيورسٽي طرفان 2003ع ۾ شايع ٿيو. سندس هنن ڪتابن تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. (1) ڪتاب- شاهہ لطيف جو شعر ۽ سندس سورما ۽ سورميون 2003ع. (2) ڪتاب- ماڻڪ موتي لعل شخصيتيون 1980ع. (3) ڪتاب- سنڌي هستيون 1980ع. (4) سچ ٿا مرد چون 1997ع. (5) ناول حسرتن جي تربت 1961ع وغيره.

پوپٽيءَ کي ادبي خدمتن عيوض ڪيترائي اوارڊ ۽ انعام پڻ مليا. جن مان ڪجهہ هن ريت آهن:
(1) ساهتيہ اڪادمي اوارڊ، آتم ڪٿا تي 1982ع.
(2) انٽرنيشنل لطيف اوارڊ 1990ع. سدائين گڏ سنڌي ايسوسيئيشن پاران وغيره.
هند ۽ سنڌ جي مشهور ليکڪا پوپٽي هيراننداڻيءَ جو لاڏاڻو 17 ڊسمبر 2005ع ۾ ٿيو.

ڏيارام گدومل

نالو- ديوان ڏيارام پٽ ديوان گدومل شهاڻي. (نک ٻنيجا) . ولادت 30 جون 1857ع حيدرآباد سنڌ. سندس ولادت جو شهر ڪراچي بہ ملي ٿو. شاعريءَ ۾ تخلص 'سگما'. هن ستر کان وڌيڪ ڪتاب سنڌي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا. شروعاتي تعليم سنڌ مان حاصل ڪيائين. 1889ع ۾ بمبئي مان بي اي پاس ڪري سنڌ موٽي آيو. تنهن کان پوءِ ڪراچي جي صدر ڪورٽ جو رجسٽرار مقرر ٿيو جتان ترقي ڪندو جج مقرر ٿيو. سندس بيخوفي ۽ انصاف پروري جي معيار ڪيس ايترو تہ بلند ڪري ڇڏيو هو جو ساري هندستان ۾ سندس هاڪ هوندي هئي تہ"هاءِ سنڌ جا جج" واهہ سنڌ جا جج. ديوان صاحب 1911ع ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج جي عهدي تان رٽائر ٿيو. هن 1884ع ۾ "سنڌ ٽائيمس" نالي سنڌيءَ ۾ هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي هئي. ديوان ڏيارام گدومل جي سرجوشيءَ سان ۽ ديوان ڏيارام جيٺمل جي فراخدليءَ سان 1887ع ۾ "ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج" ڪراچيءَ ۾ برپا ٿيو هو ۽ 1901ع ۾ ان جي سهاري هيٺ نڪرندڙ مخزن "ڊي-جي سنڌ ڪاليج مسلني" شروع ٿي. جنهن جو باني ساڌو ٽانورداس واسواڻي هو. هن مخزن ۾ بهترين ادبي ليک شايع ٿيا.
ديوان ڏيارام گدومل زندگيءَ جي آخري حصي ۾ سنڌيءَ ۾ "نماڻو" تخلص سان ۽ انگريزي ۾ "زيرو" تخلص سان شاعري بہ ڪئي. ديوان صاحب زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ بمبئي جي انڌيري ڳوٺ ۾ وڃي رهائش

اختيار ڪئي. پاڻ اتي 7 ڊسمبر 1927ع تي گرنٽ پڙهندي فوت ٿي ويو. هو وڏو ودوان، عالم ۽ عارف هو.

ڏيارام لکڻ پڙهڻ ۽ سير سياحت ڪري قدرتي نظارن ڏسڻ جو شروع کان شوقين هو. 1881ع ڌاري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ڏٺائين. انهن ئي ڏينهن ۾ ”سگما“ جي نالي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، قلندر لال شهباز ۽ اڏيري لال تي ڪتاب لکيائين، جيڪو ٿنهي هستين تي لکيل شروعاتي ۽ مکيہ ڪم آهي. سندس مضمونن جو مجموعو انگريزي زبان ۾ شايع ٿيو. جنهن کي ڪافي مقبوليت ۽ مشهوري حاصل ٿي.

ديوان ڏيارام گدومل سرڪاري منشي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هڪ مختصر سوانح حيات (Biography) سنڌي زبان ۾ لکي بارٽل فريئر صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪئي. اهو مختصر قلمي پورهيو انگريز ڪمشنر کي ايترو تہ پسند آيو جو ان جو يڪدم انگريزي ترجمو ڪرائي انگلنڊ ڏياري موڪليائين. اهو انگريز سرڪاري مترجم هو ڊبليو سوردي (W.Sordhey) ۽ اهو ننڍڙو انگريزي ڪتاب 7 نومبر 1870ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو (هاڻي برٽش لائبريري لنڊن ۾ سائوٿ ايشيا سيڪشن ۾ موجود آهي).

سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ننڍڙو ڪتاب ”ڪجهہ سنڌ بابت“ ’Something about Sindh‘ 1882ع جي آخر ڌاري ڇپيو. سنڌ جي تاريخ ۾ شاهه لطيف بابت اها پهرين انگريزي تصنيف مقامي دانشور جي طرفان هئي. هن ڪتاب ۾ سنڌ بابت عمومي ويچار ۽ شاهه لطيف لاءِ خصوصي تذڪرو 20 صفحن تائين محدود آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل 50 صفحا آهن. ڪن ليکڪن ڪل 81 صفحا ڄاڻايا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوان تاراچند شوقيرام

راءِ بهادر ديوان تاراچند جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ 20 جون 1850ع تي شوقيرام جي گهر ۾ ٿيو. هي سخي دل انسان ضرورتمند ماڻهن جي مالي مدد ڪندو هو. چاليهہ سال حيدرآباد جي عامل پنچائت جو مکي رهيو. پنهنجي ماءُ شريمتي جواهر ٻائيءَ جي نالي سان هيرآباد ۾ ڇوڪرين جو اسڪول کولرايائين. پنهنجي پاءُ ساڌو هيرانند نالي حيدرآباد جي برهمو مندر وٽ باغيچو ٺهرايائين. هي ٽي ڀائر هُئا. (1) ديوان نولراءِ (2) تاراچند (3) ساڌو هيرانند.

سماج سڌارڪ راءِ بهادر تاراچند جو ديهانت 22 نومبر 1893ع ۾ ٿيو.

شاھ جو رسالو تاراچند شوقيرام- تعليم کاتو بمبئي (هند سرڪار) ڇاپو پهريون 1900ع. هن رسالي متعلق پيرومل لکي ٿو تہ تعليم کاتي وارو هي نئون رسالو سرڳواسي راءِ بهادر ڪوڙيمل چند نمل کلناڻيءَ سوڌي تيار ڪيو هو. هو صاحب ان وقت حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال ۽ سنڌ جو ايڊيوڪيشنل ٽرانسليٽر بہ پاڻ هو. رسالي جا پروف سرڳواسي ماستر اوڌوداس سترامداس چيڪ ڪيا هئا. رسالي جو سمورو ڪم اجان پورو ئي ڪين ٿيو تہ ديوان ڪوڙومل رٽائر ٿي ويو. سندس جاءِ تي ديوان تاراچند شوقيرام حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو. جنهن رسالي جو باقي رهيل ڪم ڪري ديباچي تي صحيح ڪئي. اهڙيءَ طرح هن رسالي جو پهريون ڇاپو سن 1900ع ۾، ٻيو ڇاپو 1909ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو 1923ع ۾ شايع ٿيو. هن رسالي ۾ ڪل 37 سُر آهن.رسالي جي منڍ ۾ ڄاڻايل آهي تہ جڏهن فلتن صاحب سنڌ جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر هو تڏهن ان صاحب پٽ واري رسالي تان هڪڙو نقل تيار ڪرايو. اهو دستخط سنڌ جي ايڊيوڪيشنل ٽرانسليٽر ڪي موڪليو ويو. جنهن ٽرمپ واري رسالي، بمبئي واري رسالي ۽ هڪ ٻئي دستخط رسالي سان ڀيٽي جهوني صورتختي بدلائي، موجوده صورتخطي رکي ويئي.

تاراچندشوقيرام ڪتاب "شاھ عبداللطيف ۽ صورت بهار جاجيون چرتر، بيت ۽ ڀجن" لکيو هو. جنهن جو پهريون ڇاپو ڪوڙومل ساهتيہ منڊل حيدرآباد 1937ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ شاھ لطيف، ديوان صورت سنگهہ ۽ بهادر سنگهہ جي زندگيءَ جي احوال سان گڏ سندن ڪلام بہ ڏنل آهي.

ڊاڪٽر پرسوجي گدواڻي

سنڌي ٻوليءَ جي ناmياري ليکڪ، محقق، لسانيات ۽ لطيفيات جي ماهر ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جو مڪمل نالو پرسوجيسومل گدواڻي هو. سندس جنم 13 آگسٽ 1937ع تي دادو ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي وڃي پوني شهر ۾ آباد ٿيو. 1962ع ۾ دهلي يونيورسٽيءَ مان هنديءَ ۾ ايم-اي ڪيائين. پوني يونيورسٽيءَ مان 1971ع ۾ ايم-اي لسانيات ۾ ڪري، پوني جي مشهور ڊيڪن ڪاليج ۾ 1971ع کان 1986ع تائين ليڪچرار رهيو. 1986ع ۾ ساگر يونيورسٽيءَ مان هنديءَ ۾ پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري ورتائين. سندس مقالي جو عنوان هو "هندي ۽ سنڌي صوفي شاعرن جو تقابلي اڀياس". 1986ع کان ڊيڪن ڪاليج جي سنڌي شعبي جو هيڊ ۽ ريڊر رهيو. جولاءِ 1996ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ هن مهان اسڪالر 24 نومبر 2004ع تي پرلوڪ پڌاريو.

لطيف سائين جي فن ۽ فڪر متعلق سندس ڪيل تحقيق جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو. ڪتاب "شاهہ جو شعر" ڇاپو پهريون سنڌي ٽائيمس الهاس نگر طرفان سن 1973ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ لطيف سائين جي شاعريءَ جو اڀياسي جائزو ورتل آهي. خاص طور تي شاهہ جي ٻولي، فلسفو رس ۽ اهنڪار تي روشني وڌل آهي. هن ٿيسز جو ڪجهہ حصو هفتيوار "هند واسي پرچي" ۾ 1972ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر پرسوءِ لالچي همٿوجي سوٿهڙ شاهہ لطيف جي سورمن ۽ سورمين تي ڳجهارتن تي مبني گجراتي زبان ۾ ڪتاب ڳجهارتون سن 1990ع ۾ ڇپرايو. شاهہ متعلق مضمونن جو وچور هن ريت آهي:

مضمون شاهہ-سيمينار ساليانو-ادبي چمن گانڌي نگر 1990ع. مضمون-شاهہ جي وقت ۾ سنڌ جون سماجي حالتون-اخبار سنڌي ٽائيمس انڊيا (سنڌيت پرچو 1968ع. مضمون-شاهہ جو سنڌي ساهت ۽ سنڌي ڪلچر کي يوگدان. ٽِهہ ماهي سنڌي ادب-جلد 17 نمبر 2-1 سرپرت اعليٰ مظهر الحق صديقي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڊسمبر 2003ع ۾ شايع ٿيو. مقالو- شاهہ جي شعر ۾ مرد ڪردار سان بيرخيءَ جا ڪارڻ. ڪتاب- شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ترتيب رکيل موراڻي. ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ. ڇاپو پهريون نومبر 2015ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

ڪلياڻ داس پٽ جٺرام داس آڏواڻي 21 نومبر 1932ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ۽ لطيف سائين جو شارح ٿي گذريو آهي. ڪلياڻ آڏواڻي مئٽرڪ حيدرآباد مان ۽ باقي تعليم ڪراچي مان حاصل ڪيائين. ايم-اي پاس ڪرڻ کان پوءِ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪندو پروفيسر جي عهدي تي پهتو. ورهاڱي کان پوءِ آڏواڻي صاحب بمبئي ۾ رهڻ لڳو.

ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي سنڌي ٻولي ۽ لطيف سائين، سان تمام گهڻي محبت هئي. پاڻ سنڌي نثر ۾ ٻہ ڪجهہ ڪتاب لکيائين، جن ۾ شاهہ سچل سامي ٿنهي بزرگ هستين تي الڳ ڪم ڪري سندن سوانح ۽ فڪر تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيائين. هن محنتي مشهور اديب جو مرتيو 17 مارچ 1994ع ۾ ٿيو.

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سڀ کان پهريائين پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ”شاهہ جو رسالو“ تيار ڪيو جيڪو 13 آگسٽ 1958ع تي پهريون ڀيرو هندستان ڪتاب گهر بمبئي طرفان مان سنگهہ چوهڙمل ڇپائي ظاهر ڪيو. هن رسالي ۾ 30 سر آهن ۽ مهاڳ جٺرامداس دولترام لکيو آهي. رسالي جو ٻيو ايڊيشن شاهہ جو رسالو (مجمل) نالي سان ڪلياڻ آڏواڻيءَ تيار ڪيو، اهو رسالو ليلا ديوي واسواڻي پنهنجي خرچ سان هندستان ڪتاب گهر بمبئي مان ڇاپو پهريون 1961ع ۾ شايع ڪرايو.

ڪلياڻ آڏواڻي ”شاهہ جو رسالو مڪمل“ صورت ۾ مهاڳ، معنيٰ ۽ شرح وغيره سميت جنهن تي ڪيس سن 1968ع ۾ ڀارت جي مرڪزي ساهتيہ اڪادمي طرفان انعام عطا ٿيو. ان بعد ڪيس ڀارت ۾ مهاراشٽر سرڪار جو لک روپين جو گوروَ پرسڪار ۽ ٻيا ڪيترائي انعام اڪرام ۽ مان مرتبا حاصل ٿيا.

ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي جا ڇاپا هند توڙي سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ شايع ٿيا آهن. انهن جي مختصر ببليوگرافي هن ريت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه جو رسالو (مختصر) سنڌ ۾ پهريون ڇاپو مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچي 1976ع شاهه جو رسالو. مڪتبہ بُرهان اردو بازار ڪراچي 1976ع شاهه جو رسالو ڇاپو پهريون سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد 1978ع. شاهه جو رسالو سنڌي تحقيقي بورڊ حيدرآباد ڇاپو ٻيو 1991ع. شاهه جو رسالو-روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1991ع. شاهه جو رسالو وڏي سائيز ڇاپو چوٿون سنڌ ساهت گهر 2001ع ساڳئي اداري جلد ٻيو 2001ع ۾ ساڳئي اداري ڊيمي سائز ڇاپو پنجون 2005ع ۾ وڏي سائز (ڇاپو ٻيو) 2007ع ۾ ساڳئي اداري شاهه جو رسالو ڪرائون سائز ڇاپو پنجون 2010ع ۾ شايع ڪيو. شاهه جو رسالو-مرتب ڪلياڻ آڏواڻي. ديوناگري اسڪرپٽ-پروفيسر لڪشمڻ پُرسرام هردواڻي. ادارو پٽ شاهه ثقافت ڪاتو. اشاعت جو سال 2012ع. ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو شاهه جو رسالو سڀ کان وڏيڪ ان ڪري مقبول ٿيو جو هن رسالي جي منڍ ۾ شاهه سائين جي سوانح عمري ڏنل آهي. ٻيو سبب هي آهي تہ ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيتن جون سمجهاڻيون ۽ هر سر جي مختصر معلومات راڳ راڳيڻن سميت ڏنل آهي. ان ڪري عام پڙهندڙ ان کي وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

ڪلياڻ آڏواڻي شاهه صاحب متعلق ڪتاب، مضمون، مقالا، سرن تي مبني قصا، ڪهاڻيون لکي شايع ڪرايون، تن جو مختصر تذڪرو هن ريت آهي:

انگريزيءَ ۾ ڪتاب ”شاهه لطيف“ ساهتيہ اڪيڊمي بمبئي 1970ع هن ۾ ڪل اٺ باب آهن. هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڪتاب ”شاهه لطيف“ ترجمہ-عتيق احمد صديقي. ساهتيہ اڪيڊمي نئي دهلي اشاعت اول 1992ع ۾ ساڳيو ڪتاب ”شاهه لطيف“ مترجم ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي-نئين دهلي 1971ع ۾. ڪتاب ”شاهه جون وايون“ پبلشر سرسوتي ٻجلاڻي. ڇاپو پهريون بمبئي 1988ع ۽ ڇاپو ٻيو سنڌ ساهت گهر حيدرآباد 2004ع. ورهاڱي کان پوءِ پارت ۾ شاهه لطيف متعلق پهريون تشريحي ۽ تنقيدي ڪتاب جيڪو ڇپيو اهو ڪلياڻ آڏواڻي جو لکيل ڪتاب ”شاهه“. ديوناگري اکرن ۾ ڇپائيندڙ چيتن ليکراج ماڙيوالا. 1951ع ۾ جيڪو بمبئي

مان شايع ٿيو. ان ۾ شاهہ لطيف جي زندگي ۽ سندس شعر جي جدا جدا پهلوئن تي تنقيدي مضمون لکيل آهن. هن ڪتاب جا ٻہ اکر، چيتن ماڙيوالا، 12 نومبر 1951ع ۾ لکيا. (ڪتاب "شاهہ"_1951ع. ڪتاب "سچل"_ 1954ع ۽ ڪتاب "سامي"_1953ع ۾) ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا اهي ٽئي ڪتاب شاهہ، سچل، سامي (گڏيل) پهريون ڇاپو سنڌي ساهت گهر حيدرآباد آگسٽ 2010ع ۾ ڇَپايو. هن اداري ڪتاب شاهہ ۾ 15 مضمون ڪتاب سچل ۾ 15 مضمون ۽ ڪتاب سامي ۾ 14 مضمون هڪ هنڌ ڏئي پڙهندڙن لاءِ مفيد ڪم ڪيو آهي. ليکڪ جي ٻين مضمونن جو وچور.

مضمون_ جي تو بيت ٻانئيان. ماهنامو ڳوٺ سڌار (شاهہ لطيف نمبر) ڇاپو 1959ع_سر سهڻي_مخزن لطيفي لنؤ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد 1951ع. مضمون شاهہ جي رسالي ۾ تشبيهون_سنڌو مخزن فيبروري 1944ع واري پرچي ۾ مضمون شاهہ جو عاشقانہ ڪلام سيپٽمبر 1946ع سنڌوءَ ۾ شايع ٿيا. ڪلياڻ آڏواڻي جي رهبريءَ هيٺ نيشنل ڪاليج مان مخزن لطيف ٻاري 1944ع ۾ جاري ٿيو. ان ۾ سندس مضمون "سورٺ، سر سهڻي، سر مومل راڻو" شايع ٿيا. مخزن لطيف ٻاري سال 1946ع واري پرچي ۾ نوري، مارئي، ليلان ۽ شاهہ جو مجازي شعر پڻ شايع ٿيس. ان کانسواءِ مضمون "سچل جي ڪلام ۾ شاهہ وارا مضمون" قابلِ تعريف آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر منگھارام ملڪاڻي

نالو: منگھارام ولد اڌارام شيوڪرام جنم 14 يا 24 ڊسمبر 1896ع حيدرآباد سنڌ ۾. پاڻ مشهور عالم، اديب، نقاد-تاريخ نويس، ناٽڪ نويس ۽ اسٽيج اداڪار ٿي گذريو آهي. پھرين ڊسمبر 1980ع ۾ سندس ديھانت ٿيو.

منگھارام مئٽرڪ تائين تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ ڊي-جي سنڌ ڪاليج مان 1919ع ۾ بي-اي پاس ڪيائين. ورھاڱي کان پوءِ بمبئي ۾ جئه هند ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو جتان 1962ع ۾ رٽائر ٿيو. پاڻ انڊيا ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ هڪ رهبر طور ڪم ڪيائين. هن ورهاڱي بعد پھريون ڪتاب "ادبي اصول" لکيو جنھن ۾ نثر ۽ نظم جي مختلف صنفن جا اصول سمجھايل آهن.

ملڪاڻي صاحب پنھنجي ادبي سفر جي شروعات حيدرآباد کان ڪئي ۽ سندس رهبري مرزا قليچ بيگ جھڙي وڏي عالم ڪئي، هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٽئگور جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ شاهه جي رسالي مان هڪ سؤ بيتن جي چونڊ ڪري انھن جو انگريزي ترجمو ڪيائين. پوءِ اهي مرزا قليچ بيگ کي نظر ثانيءَ ڪرڻ لاءِ ڏنائين. مرزا کي اهو ترجمو ڏاڍو وڻيو ۽ ڪيس داد ڏنائين. هن ٻيو ترجمو ٽئگور جي ڪتاب "گارڊنر" جي گيتن جو ڪيو. هن 1920ع ۾ خانچند درياڻيءَ سان گڏجي "ڏيتي ليتي ڪاميٽي" ناهي، ان طرفان پيش ٿيندڙ ناٽڪن جن ۾ "گلاب جو گل" ۽ "موتيءَ جي مڪڙيءَ" ۾ ڪردار ادا ڪيائين. 1940ع ۾ هن جدا جدا سنڌي رسالن ۾ نثر جي ڌار ڌار صنفن تي ڪيترائي ليک لکيا جن ۾ انھن صنفن جي ترقيءَ جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو ورتل هو. هن تقريبن 21 ڪتاب لکيا جن مان 5 ڪتاب ترجمو ڪيا.

سندس ڪجھه تصنيفن جو احوال هن ريت آهي. ڪتاب ٻارت ۾ سنڌي ساهت جو جائزو (تنقيد) 1980ع. سندس ادبي تاريخ نويسيءَ جو اهم ڪم ڪتاب سنڌي نثر جي تاريخ (شروعات کان وني ورهاڱي تائين حوالن سميت) آهي. جيڪو ساهتيه اڪيڊميءَ 1968ع ۾ شايع ڪيو. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ۾ ناول نگاري ۽ ڊرامن کان سواءِ شاھ سائين جي لوڪ قصن ڪهاڻين تي جيڪي ناٽڪ پيش ڪيا ويا هئا انهن بابت معلومات ڏنل آهي. ان کان سواءِ گربخشاڻي واري شاھ جي رسالي ۽ ٻين ڪتابن جي تنقيدي جائزي سان گڏ شاھ ڪريم جي رسالي ۽ ابيات سنڌي تي بہ بحث مباحثو ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي دؤر ۾ ناول نويسيءَ متعلق لطيف سائينءَ کان سواءِ ٻيو ڪوڙ سارو تنقيدي مفيد مواد اندراج ڪيل آهي. هي ڪتاب زيب ادبي مرڪز حيدرآباد وارن بہ 1977ع ۾ شايع ڪيو.

هن ليکڪ سنڌ ۾ گهٽي کان گهٽا ننڍا ناٽڪ لکيا ۽ سندس 24 ناٽڪ سنڌ ۾ شايع ٿيا. پروفيسر منگهارام کي سنڌي ننڍي ناٽڪ جو ابو يا باني ءَ طور ياد ڪيو وڃي ٿو. هن پهريون ناٽڪ ”قسمت“ 1927ع ۾ لکيو جيڪو نابلاڪ جي ناٽڪ جو ترجمو هو. اهو ناٽڪ ڪراچيءَ ۾ ڏيکاريو ويو. پاڻ آخري گهڙين تائين سنڌي ٻولي ثقافت ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهيو. سندس ديهانت پهرين ڊسمبر 1980ع ۾ ٿيو.

تيرٿداس هوتچند

جنم حيدرآباد سنڌ ۾ 4 جون 1906ع ۾ ٿيس. پاڻ روينيو کاتي مان 1953ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ وڪالت شروع ڪيائين. هن شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سرن متعلق هينيان ڪتاب شايع ڪرايا. ڪتاب-ڪينجهر جا گيت(The Songs of Kinjhar Lake) ڇاپو پهريون-پرديپ پبليڪيشن هير آباد حيدرآباد. 1963ع هن ڪتاب ۾ شاهہ جي رسالي مان سر ڪاموڏ جو انگريزي ترجمو ڏنو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ سر ڪاموڏ متعلق چاڻ ڏنل آهي. سندس اهو ترجمو شروعاتي ڪوشش مان هڪ آهي. جيڪو شاهہ تي اعليٰ پايي جو ڪم ٿيل آهي. ان کان پوءِ رسالي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو شروع ڪيائين. ان ڪم ۾ ساڻس پروفيسر امينہ خميساڻي مددگار هوندي هئي. اهو انگريزي ترجمو اڃان ڪمپليٽ نہ ٿيو هو تہ تيرٿداس هي جهان ڇڏيو. تنهن بعد سندس خواهشن ڪي پروفيسر امينہ خميساڻيءَ پورو ڪندي مڪمل شاهہ جي رسالي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايو.

تيرٿداس شاهہ سائين جي سوانح، ڪلام کان سواءِ سرن بابت نهايت اهم ڪتاب لکيا. هن جي خواهش هئي تہ لطيف، سچل ۽ ٻين جديد سنڌي شاعرن جو ڪلام يورپ تائين پهچائجي. سندس انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب ۾ مضمون هيٺ ڏجن ٿا.

(1) Shah Abdul Latif an introduction to his seven singing stories.

(2) The Songs of Song.

(3) The Song of necklace.

مضمون سورٺ جي ساک-ماهوار نئين زندگي مئي 1968ع. مضمون رسالو- ان جي موسيقي جون ڏنون. سندس اهو مضمون ڪتاب سنڌي موسيقيءَ جا سر تار-ثقافت کاتو سنڌ- ڇاپو پهريون 2011ع ۾ شايع ٿيو. سندس ٻيو مضمون ”سنڌي ناٽڪ ۽ شاهہ عبداللطيف جو ڪم“ هي مضمون بہ مٿئين ڪتاب ۾ شايع ٿيس. تيرٿداس هن مضمون ۾ مختلف دور جي قصن ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي قصن جي نئين انداز ۾ پيش ڪئي آهي، سندس رايو آهي تہ اسٽيج تي ناٽڪ ڪرڻ وقت ڪلاڪار ڳائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح سنڌي ناٽڪ ۾ گائڪيءَ جو بنياد شاهہ عبداللطيف وڌو آهي. ان جو ثبوت هي آهي تہ شاهہ لطيف جتي بہ ويندو هو تہ هن سان بہ ڪلاڪار ساز وڄائيندڙ گڏ هوندا هئا. اهي اتل ۽ چنچل هئا. جيئن گرونانڪ سان مسلمان بالو ۽ مردانو گڏ هوندا هئا.

ڊاڪٽر منوهرلعل بختراءِ متلاڻي

جنم 20 مئي 1959ع ۾ لاڙڪاڻو سنڌ ۾. تعليم ايم-اي، ايم-فل، پي-ايچ-ڊي- هي بهترين لطيفي محقق طور سڃاتو وڃي ٿو.

سندس شاهہ لطيف تي لکيل ايم-فل جي ٿيسز ”شاهہ جا سرمور“ هي سنڌيءَ ۾ ايم-فل جي ٿيسز بمبئي يونيورسٽي پارت ۾ 1989ع ۾ منظور ٿي. سندس رهبريءَ طور پروفيسر ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي هو. ٿيسز ڪتابي صورت ۾ ”شاهہ جا سرمور“ پهريون دفعو الهاس نگر بمبئي، 1991ع ۾ ڇپي ۽ ان جا بہ لفظ ڪلياڻ آڏواڻي لکيا. هي ٿيسز روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ڇاپو پهريون 1992ع ۾ منظرِ عام تي آندي. هن ٿيسز ۾ ڪل 5 باب آهن. (1) شاهہ جي شاعري، هن ۾ شاعريءَ جي ڇهن قسمن جو تذڪرو ڪيل آهي. (2) شاهہ جو سير و سفر، هن عنوان ۾ 16 ماڳ مڪانن جي سروسفر جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. (3) شاهہ جون سورميون، هن عنوان ۾ سورمين بابت تحقيقي احوال ڏنل آهي. (4) شاهہ جا سورما، هن عنوان ۾ شاهہ لطيف جي ستن سورمن ڪان سواءِ مورڙو مير بحر، امام حسن ع ۽ امام حسين ع جي زندگي، حالات، واقعات ڀٽائيءَ جي بيتن سان سينگاري پيش ڪيل آهي. (5) شاهہ جو پيغام، هن عنوان ۾ پاڻ سڃاڻڻ-حب الوطني-بي ڊپائي-همت ۽ قرباني-مظلومن جي حمايت، جهڙن موضوعن جي روشني ۾، شاهہ جي فن فڪر بابت جاڻ ڏنل آهي. سندس ترتيب ڏنل ٻيو ڪتاب ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ ڊپارٽمينٽ آف سنڌي يونيورسٽي آف ممبئي پاران سن 2001ع ۾ شايع ٿيو.

ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ 1998ع ۾ ڊاڪٽر ديال آشا جي رهبريءَ ۾ ”گوبند مالهي شخص ۽ اديب“ عنوان تحت پي.ايڇ.ڊي ٿيسز منظور ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻلديو ولد ٻختراءِ مٽلاڻي

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ رهندڙ هندو عالمن، سنڌ جي تاريخ، گرامر، سنڌي ٻولي، علم ادب، شاهہ سچل، ساميءَ تي ڪافي تحقيق ڪئي آهي. انهن ۾ ٻلديو ٻختراءِ مٽلاڻي بہ شامل آهي. ٻلديو مٽلاڻيءَ جو جنم 24 ڊسمبر 1952ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ادب ۾ ايم-اي امتيازي نمبرن سان ڪئي. ان کان سواءِ ايم-فل ۽ پي-ايڇ-ڊي بہ ڪيائين. اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ ڌاڙيلن جي آزار ۽ اغوائن جي وارداتن سبب ڪتنب سميت پارت لڏي ويو. پوءِ پاڻ اتي پهرين ممبئي جي جئہ هند ڪاليج ۾ 1981ع کان 1984ع تائين ليڪچرار ۽ پوءِ اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. بعد ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جو چيئرمين ٿيو.

سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل ۽ ترتيب ڏنل آهن جن ۾ مختصر هي آهن. (1) فن تحقيق ۽ ان جا اصول-1997ع (2) اڳ نہ ڏٺو ڪڏهن(سفرنامو-2004ع) وغيره.

ان کانسواءِ هن پروفيسر رام پنجواڻي جي رهبريءَ ۾ "سچل جون واديون" عنوان تحت مقالو تيار ڪيو. هي ڪتاب بمبئي يونيورسٽيءَ مان ماسٽر آف فلاسافيءَ لاءِ 1985ع ۾ پيش ڪيل هڪ ٿيسز تي مبني آهي. هي ڪتاب هند ۾ پهريون دفعو 1991ع ۾ سنڌ ۾ پهريون دفعو فيبروري 1994ع ۾ شايع ٿيو. ٻلديو "سچل جون واديون" ۾ سچل سرمست جي فن ۽ فڪر جي 10 موضوعن تي شاندار نموني تحقيق ڪئي آهي اهي موضوع هي آهن. (1) سوانح سچل (2) سچل جون واديون (3) طلب (4) حسن و عشق (5) وحدانيت (6) حيرت (7) معرفت پاڻ سڃاڻڻ (8) سرمستي، بي پرواهي (9) فنا (10) بقا.

شاهہ ۽ سچل جو تقابلي اڀياس ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پي.ايڇ.ڊي ٿيسز . ڊاڪٽر ديال آشا جي رهبريءَ ۾ 1995ع ۾ منظور ٿيس. جيڪا پوءِ ڪتابي شڪل ۾ ڪتاب شاهہ ۽ سچل جو تقابلي اڀياس، ممبئي يونيورسٽي پهريون ڀيرو 2003ع ۾ شايع ڪيو. سندس شايع ٿيل مضمون. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ تصوف ۽ مقالو "شاهہ ۽ سچل ۾ فرق" بهترين لکڻين ۾ شمار آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فتح چند منگترام واسواڻي (جنم 22 جون 1894ع بنگل ديرو)

مشهور سنڌي عالم شاهہ سائين جي پارکو فتحچند منگترام واسواڻيءَ سن 1962ع ۾ ”شاهہ جو رسالو“ (چونڊ شعر- ياڱن ۾) اجمير مان ڇپائي ظاهر ڪيو. ڊاڪٽر مرليڌر لکي ٿو تہ شاهہ جي ڪلام جا جيڪي بہ انتخاب، هن وقت (1987ع) تائين منهنجي نظر مان نڪتا آهن. انهن مڙني ۾ هن ڇاپي کي نرالو درجو حاصل ٿيل آهي. واسواڻي صاحب هن ڇاپي ۾ چونڊ بيتن سان گڏ، سنڌي لوڪ ڪٿائون، لطيف سائين جي روحاني ويچارن ۽ شاعري تي تنقيدي مضمون، ڏکين لفظن ۽ بيتن جون سمجهاڻيون بہ پيش ڪيون آهن. هن شعرجو لاڙي تلفظ قائم رکيو آهي. جيڪو هوتچند گربخشاڻيءَ واري ڇاپي ۾ بہ ملي ٿو. ديو ناگري اکرن ۾ فتحچند واسواڻيءَ ڪتاب لطيفي لات سن 1962ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو.ڪتاب ”شاهنامو“ منتخب شاهہ جو رسالو (ياڱو پهريون) ڇپائيندڙ سندر ساهتيہ آفيس اجمير- ڇاپو پهريون 1953ع ۾ ڪتاب ”لطيفي لات“ منتخب شاهہ جو رسالو (ياڱو ٻيو) ڇپائيندڙ سندر ساهتہ آفيس اجمير ڇاپو پهريون 1953ع ۾ ڪتاب ”مناجاتِ شاهہ“ ادارو سندر ساهتيہ آفيس اجمير ڇاپو پهريون 1953ع هن ڪتاب جو سن ڊاڪٽر عبدالجبار ”ڪتاب ببليو گرافي شاهہ تي لکيل ڪتابن جي“ صفحي ٿيهہ تي سال1946ع ڄاڻايو آهي.

لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

سنڌ سان الستي محبت رکندڙ لالچند پٽ امرڏنومل جڳتياڻي 25 جنوري 1885ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سنڌي ٻوليءَ جو سٺو نثر نويس ٿي گذريو آهي. پاڻ 1903ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري، سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ استاد جي حيثيت سان، نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو ۽ مشهور رسالي مهراڻ جو شروع کان وٺي ورهاڱي تائين مئنيجنگ ايڊيٽر بہ رهيو. لالچند، لطيفيات، ناول ڊراما، ڪهاڻيون ۽ مضمون وغيره لکيا. سندس 50 کان مٿي تصنيفون آهن. ورهاڱي کان پوءِ مجبور ٿي سنڌ ڇڏي وڃي بمبئي ۾ رهيو.

جڏهن پهريون ڀيرو شاهہ لطيف جي پهرين ورسي 1932ع ۾ ميران محمد شاهہ پٽ شاهہ ۾ سڏائي تہ پاڻ جي. ايم. سيد. سان گڏ ان ۾ شامل ٿيو. کيس شاهہ سائينءَ سان تمام گهڻو شغف هو. لطيفيات تي سندس هيٺيان ڪتاب ۽ ٻيو مواد هند سنڌ جي مختلف ادارن شايع ڪيو آهي جنهن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي.

ڪتاب شاهاڻو شاهہ ”سنڌي ساهت سوسائٽيءَ حيدرآباد سنڌ“ لطيفيات تي سندس پهريون ڪتاب ۽ پهريون ڇاپو 1914ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ شاهہ سائينءَ جي سوانح ۽ ڪلام تي سهڻي نموني روشني وڌل آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1989ع ۾ شاهہ لطيف جي ٽي سؤ ساله جشن ولادت جي موقعي تي شايع ڪيو. ڊاڪٽر جيٽلي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو تہ، سنڌي ادب جو مشهور ليکڪ لالچند امرڏنومل، جڏهن جيوت جي آخري ڏينهن ۾ بيماريءَ سببان بستري داخل هو تڏهن بہ هو لطيف سائينءَ جو مطالعو ڪندو رهيو. گذاري ويڻ کان ڪجهہ عرصو اڳ هن ”سرڏهر“ چونڊي ”جيون ماٿر“ نالي سان انهيءَ جي سمجهاڻي لکي هئي. اهو ڪتاب سندس وفات بعد، سندس ٻي ورسيءَ جي موقعي تي سن 1956ع ۾ هندستان ڪتاب گهر بمبئي پاران ڇپائي ظاهر ڪيو ويو. لالچند هن ڪتاب ۾ شاهہ لطيف جي بيتن کي سمجهائيندي، ٻين سنتن ۽ صوفي درويشن جي واڻيءَ مان هم معنيٰ بيت ڏنا آهن جيڪا هڪ بهترين ڪاوش آهي. ڪتاب ”شاعرانہ گل“ 1927ع ۾ شايع ٿيس. هن ۾ ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعرن سان گڏ شاهہ لطيف جو بہ ذڪر ڪيل آهي. ڪتاب سر ڪيڏارو ۽ سينهن ڪيڏارو ڇاپو پهريون پريميئر پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ 1910ع ۾. ڪتاب سر يمن ڪلياڻ ڇاپو پهريون 1924ع ۾ شايع ٿيس.

سندس مضمونن ۽ ڊرامن جو وچور. مضمون شاهہ محبِ وطن رسالو روح رهاڻ نومبر 1954ع. مضمون. شاهہ سائين ۽ سچل سرمست. حوالو- ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ترتيب- رڪيل مورائي. سال 2015ع.

ڊرامو عمر مارئي 1925ع، سهڻي ميهار 1939ع، سهجان جي سڪ ۽ سهڻي رل مُئي 1946ع.

سندس مختلف موضوعن تي ڪجهہ ڪتابن جو وچور (1) سدا گلاب (2) قلن مٺ (3) مسافري جو مزو (4) هندستان جي تاريخ (5) ماڻڪ موتي لعل (6) سچ تان صدقي (7) رام بادشاهہ وغيره.

پاڻ مرڻ کان اڳ وصيت ڪيائين تہ "ميائي جياس جي نيو مڙهہ ملير ڏي" 18 اپريل 1954ع ۾ سندس موت ٿيو. سندس وصيت مطابق سندس سنک 12 ڊسمبر 1955ع تي سنڌ ۾ موڪليا ويا. جيڪي 18 اپريل 1956ع تي سنڌو نديءَ ۾ حيدرآباد جي پر ۾ پروان ڪيا ويا، جنهن ۾ سنڌ جي ڪافي هندو ۽ مسلمانن شرڪت ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي

شڪنتلا سيواڻيءَ جي Ph.D ٿيسز ”شاھ جي جمالياتي شاعريءَ جو تحقيق جائزو“ ھيءَ ٿيسز سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 1992ع ۾ منظور ٿي. سندس نگران ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ھو. شڪنتلا جي ٿيسز متعلق، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کھڙو ”شاھ لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو“ پي-ايچ-ڊي ٿيسز ڇاپو پھريون مئي 2013ع صفحو 348 تي لکي ٿو تہ ھي ٿيسز اڻ ڇپيل صورت ۾ سنڌالاجيءَ ۾ موجود آھي. جڏھن تہ عنايت انڙ ”شاھ لطيف بئبلوگرافي حوالو ڪتاب امرتا سال 2011ع صفحي 673 تي لکي ٿو تہ ھي ٿيسز مھراڻ اڪيڊمي ڪراچي طرفان 1993ع ۾ شايع ٿي آھي. کھڙو صاحب پنھنجي تحقيق ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ ھن ٿيسز کي ڇھن ڀاڱن ۾ ورھايل ويو آھي. پھرئين ڀاڱي ۾، شاھ سائين جي سوانح عمريءَ ۾ حسب نسب، ولادت، ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت، ٻاروتڻ کان جوانيءَ تائين جو ذڪر ٿيل آھي. ٻئي ڀاڱي ۾ شعروشاعري، جذبن جي دنيا ۽ عشق جي چيٽ تي پٿائيءَ جي بيتن جي آڌار تي لکيو ويو آھي. ان کان علاوه ھن ڀاڱي ۾ شاھ جي شاعريءَ ۾ مختلف دورن کي ھيٺئين طرح بيان ڪيو ويو آھي.

(1) پھريون دور: 14 سال جي ڄمار کان 20 سالن جي ڄمار تائين.

(2) ٻيو دور 21 سالن جي ڄمار کان 24 سالن جي ڄمار تائين.

(3) ٽيون دور 25 سالن جي ڄمار کان 40 سالن جي ڄمار تائين.

(4) چوٿون دور 41 سالن جي ڄمار کان 63 سالن جي ڄمار تائين.

ڀاڱي ٽئين ۾ جماليات ۽ رس جي فلسفي ۾ حسن جي صداقت تي مختلف ماھرن جا حسن متعلق ڏنل رايا پيش ڪيا ويا آھن. آخري ڀاڱي، چوٿين ۾ شاھ ۽ جماليات، شاھ جو عشق، شاھ جي شاعري ۽ شخصي عشقيہ داستانن جي ھن حصي ۾ سورمين جي حوالي سان تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آھي.

سندس شاھ سائينءَ جي ڪلام متعلق ھي مضمون ”شاھ جي شاعريءَ جو جمالياتي پھلو“ شايع ٿيل آھي.

رائچند هريجن

رائچند هريجن تعلقي ڇاڇري جي ننڍڙي شهر چيلهار ۾ 8 نومبر 1912ع ۾ جنم ورتو. پاڻ ٿر علائقي جو مشهور تاريخدان، اديب، محقق ٿي گذريو آهي. رائچند صرف سنڌي فائينل تائين تعليم حاصل ڪئي. سندس واسطو ڀهراڙي جي هڪ غريب خاندان سان هو ۽ 1928ع ۾ ڳوٺ جي اسڪول ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو. پاڻ چاليهه سال انهيءَ پيشي سان وابسته رهيو.

1950ع کان پوءِ باقائده لکڻ جي ابتدا ڪيائين. 1958ع ۾ سندس ڀرين لوڪ ڪهاڻي "ڀلان ڀلي جو ڇيهه" مهراڻ رسالي ۾ ڇپي. رائچند ڀريون باشندو آهي، جنهن مارئيءَ جي ديس ٿر جي تاريخ لکي. پاڻ 12 سال ٿر جو چپو چپو گهمي مواد گڏ ڪري ٿر جي تاريخ تي هڪ مستند ۽ جامع ڪتاب "تاريخ ريگستان" ٻن ڀاڱن ۾ لکيائين. هن کان اڳ ۾ ٿر متعلق تاريخ اڻپوري ۽ نامڪمل هئي. رائچند ٿر جو مڪمل احوال ڏنو آهي. هن ڪتاب جو ڀريون ڀاڱو 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيو. ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو 1965ع ۾ ادبي بورڊ جي حوالي ڪيائين جيڪو سندس وفات کان پوءِ 1975ع ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو. سندس وفات 31 مئي 1968ع ۾ ٿي. سندس مضمون ۽ مقالن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو.

مضمون مارئي ۽ حب وطن ــ مهراڻ شمارو ــ 1 ــ 1967ع ۾ شايع ٿيس. مقالو ــ ڏٿ ۽ ڏوٿي ــ مهراڻ ــ 5 ــ جنوري 1962ع ۾ شايع ٿيو. هن مقالي ۾ سر مارئي ۾ لطيف سائينءَ جي بيتن ۾ بيان ڪيل، گاهہ جهنگلي، ميون، ٻوٽن، ٻاڄين جو ذڪر ڪيل آهي. هن مقالي ۾ جهنگ جي قدرتي پيدائش متعلق معلومات ڏنل آهي. ليڪ لکي ٿو تہ ٿر ۾ وسڪاري کان پوءِ ازخود ڪي اهڙا جهنگلي گاهہ اپرندا آهن، جن جو ٻج ڪڏي مارو ماڻهو کاڌ خوراڪ طور ڪتب آڻيندا آهن. اُن جهنگلي اَن کي ڏٿ چئبو آهي. سال جي جداجدا مندن ۾ جداجدا قسمن جا جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون ٿينديون آهن. جي ٻـ ڏٿ ڪري ليکيون وينديون آهن. ڏٿ تي گذران ڪندڙن کي "ڏوٿي" چئبو آهي. ڏٿ جهنگ جي قدرتي پيدائش آهي. جنهن تي پائي پئسو خرچ ڪونهي مگر هٿ ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي

سنڌي ٻوليءَ جي ماهر اديب، محقق، نقاد ۽ لطيف شناس ڊاڪٽر مرليڌر جو جنم 7 نومبر 1930ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس والد پنڊت ڪشنچند جيٽلي به وڏو اسڪالر ۽ ٻوليءَ جو ماهر هو مرليڌر هندي ۽ سنسڪرت ۾ ايم-اي ڪرڻ ڪانپوءِ 1965ع ۾ پونا يونيورسٽي مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي بناوت" پاڻ دهلي يونيورسٽيءَ جي لسانيات جي شعبي ۾ سنڌي سيڪشن جو سربراهه رهي چڪو آهي.

دهلي يونيورسٽي مان مرليڌر جيٽلي جي نگرانيءَ ۾ موهنلال شرما "سنڌي ڪوتا ۾ صوفي مت" نالي هڪ تحقيقي مقالو سنڌيءَ ۾ لکي پيش ڪيو. انهيءَ تي موهنلال کي سن 1973ع ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري ملي. هن ٿيسز ۾ سنڌ جي مکيه صوفي شاعرن جي شعر ۾ تصوف جي اصولن کي باريڪيءَ سان سمجهايو ويو آهي. ان ۾ شاهه لطيف جي ڪلام تي خاص بحث ٿيل آهي. ساڳيءَ يونيورسٽيءَ مان مرليڌر جيٽلي جي نظرداريءَ هيٺ ڪماري رڪمڻيءَ ماسٽر آف فلاسافي لاءِ هنديءَ ۾ هڪ ننڍڙو تحقيقي مقالو لکيو. ان جو موضوع آهي "ملڪ محمد جايسي ۽ شاهه عبداللطيف جي شعر ۾ پريم جي ڀاونا" ان تي کيس سن 1978ع ۾ ڊگري حاصل ٿي.

ڊاڪٽر مرليڌر جو ترتيب ڏنل ڪتاب سنڌوءَ جون لهرون-ڇاپو ڀهريون گجرات سنڌي اڪادمي گانڌي نگر 1989ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ هيٺيان مضمون شامل آهن. (1) مضمون ٻٽائي گهوٽ- شيوارام ڀاڳچنداڻي لال، (2) شاهه جي مارئي- وي جي مولچنداڻي، (3) شاهه صاحب تي ڪبير جو اثر-ديوت ڪنوررام شرما، (4) لطيفي پروليون ۽ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي.

ڪتاب شاهه جو رسالو (هڪ اڀياس) اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودوت پريشد پٽي پونا 1992ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ شاهه سائينءَ تي هند ۽ سنڌ ۾ جيڪو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، تنهن بابت معلومات ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شاهه جي ڪلام کان علاوه هيٺيان مضمون شامل آهن.

(1) پارٽ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جو مطالعو (2) سنڌ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جو مطالعو (3) شاهہ جي ڪلام جا قلمي نسخا ۽ ڇاپا (4) پارٽ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام بابت کوج جو دائرو (5) شاهہ جي رسالي جي ٻولي (6) شاهہ جي رسالي ۾ ڪيڪاڻ لفظ جي پڙهڻي ۽ معنيٰ (7) هنگلاج تيرٿ جي ياترا. (8) شاهہ سچل ۽ سامي (پارتي ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي سلسلي ۾ (9) پيرومل مهرچند آڏواڻي (شاهہ لطيف جي ڪلام جو اڀياس) .

ڪتاب "سنڌي ساهت جو اتهاس" ٻن ڇاپن ۾ ديوناگري سنڌي لپيءَ ۾ شايع ٿيل آهي. پهريون ڇاپو 10 مارچ 1972ع دهلي. ٻيو ڇاپو 7 نومبر 2006ع ۾. هن ڪتاب جي باب ٽئين ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ساميءَ جو وستار سان ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتاب "سنڌي ساهتيہ جو اتهاس" ۾ صوفي مت جي اصولن ۽ شاهہ لطيف جو اڀياسي جائزو پيش ڪيل آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي شاهہ سائين تي تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا انهن مان ڪجهہ هن ريت آهن. مقالو پارٽ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جو مطالعو- ڪينجهر جنوري 1993ع. ساڳيو مقالو رهاڻ 1986ع ۾ راجستان سنڌي اڪيڊمي پاران شايع ٿيو. ساڳيو مقالو- ڪتاب "فڪر لطيف" مرتب- قربان علي- فڪرونظر پبليڪيشن سکر پاران صفر 1408ھ مطابق آڪٽوبر 1987ع ۾ شايع ٿيو. مضمون شاهہ جي ڪلام جا قلمي نسخا ۽ ڇاپا- لطيف ڊائجسٽ جون 1986ع. مضمون شاهہ جي رسالي جي ٻولي روشني ميگزين 1987ع فڪرونظر پبليڪيشن سکر پاران ڇپيو. مضمون شاهہ جي رسالي ۾ "ڪيڪاڻ" لفظ جي پڙهڻي ۽ معنيٰ ٽماهي مهراڻ جنوري فيبروري مارچ 1989ع ۾ ڇپيو. مقالو گنج (شاهہ جي رسالي) ۾ هندي ڪلام. ڪلاچي تحقيقي جرنل- ايڊيٽر فهميده حسين. جلد ڇهون شمارو ٻيون. ادارو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر. ڪراچي يونيورسٽي سال 2003ع ۾ شايع ڪيو. مضمون شاهہ سچل ۽ سامي پارتي ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي سلسلي- ماهوار سهڻي حيدرآباد-پرچو ڇهون- سٽون 1991ع ۾ ڇپيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هري درياڻي دلگير

هري رام درياڻي- تخلص ”دلگير“ ولد گرڊنومل. جنم 15 جون 1916ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو ۽ وفات 12. اپريل 2004ع گانڌي ڌام ۾ ٿي. پاڻ جديد شاعريءَ طور سڃاتو وڃي ٿو. هن 1934ع ۾ مئٽرڪ کان پوءِ اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي مان B.E(بي-اِي) سول ۽ بمبئي مان بي ايس سي پاس ڪرڻ کانپوءِ سنڌ ۾ ايريگيشن محڪمي ۾ سال 1942ع ۾ اوورسيئر جي عهدي تي نوڪري ملي ۽ ترقي ڪندو 1952ع ۾ ايگزيڪيٽو انجنيئر جي عهدي تي پهتو. 8 آگسٽ 1958ع تي نوڪري ۽ سنڌ کي الوداع چئي هندستان لڏي وڃي آديپور ڪڇ ۾ رهڻ لڳو ۽ سنڌي ساهتيه اڪيڊمي گجرات جو 1994ع کان 1999ع تائين چيئرمن رهيو.

سندس ڪويتائن جو پهريون مجموعو ”ڪوڏ“ سندر ساهتيه رسالي ۾ 1941ع ۾ شايع ٿيو. دلگير سنڌ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا تن جو تعداد ته جڃهو آهي. پر ڪجهه ڪتاب ۽ شايع ٿيل مضمون هيٺ ڏجن ٿا.

ڪتاب ”موج ڪئي مهراڻ“ 1966ع، ڪتاب پل پل جو پڙلاءُ (نظم) آڪٽوبر 1977ع. گند منهنجي گوڏ ۾ آتم ڪٿا 2003ع. هري دلگير جا لطيف سائين متعلق هيٺيان مضمون، مقالا نظر مان گذريا. مضمون سنڌ جو سينگار لطيف- ان کانسواءِ مقالو ”اڄوڪي زماني ۾ شاهه سچل ۽ ساميءَ جي اهميت“ ماهوار سرت سال ٽيون شمارو 1- جنوري 1991ع. مقالو”شاهه جي ڪلام ۾ تضاد جا بيت“ ڪلاچي تحقيقي جرنل جلد ڇهون شمارو ٽيون ڪراچي يونيورسٽي (سنڌي شعبو) سيپٽمبر 2003ع. مقالو- شاهه سائين جي سر ساموندي ۽ سر آسا جو جائزو. حوالو- ڪتاب. شاهه لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. مرتب- رڪيل مورائي. ڇاپو 2015ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرو ٺڪر

جمڻ جي تاريخ 2 مارچ 1943ع حيدرآباد سنڌ. تعليم بي-اي(B.A) هيرو ٺڪر مشهور شاعر، عالم، جرنلسٽ ۽ تحقيق جي ميدان ۾ پاڻ مڃايو آهي. هن دادو ديال، شيخ ڀرڪيو شاهه لطيف ۽ قاضي قادن تي تحقيق ڪئي آهي. سنڌس قاضي قادن تي تحقيقي ڪتاب ”قاضي قادن جو ڪلام“ پهريون ڇاپو هند ۾ آگسٽ 1978ع ۾ ۽ سنڌ ۾ مئي 1996ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ پهريون دفعو قاضي قادن جي 112 ناياب بيت، شرح، ڏکين لفظن جي معنيٰ سميت پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. هيرو 1967ع کان آل انڊيا ريڊيو نيو دهلي جي سنڌي نيوز سيڪشن جو انچارج ٿيو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ وڏيون خدمتون سر انجام ڏئي پيو. 1996ع ۾ پاڪستان سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي پاران ڪيس وڏو مان ۽ مرتبو ڏنو ويو. پاڻ ساهتيه اڪيڊمي ۾ مختلف عهدن تي ٻه ڪم ڪري چڪو آهي. سنڌس بهترين ڪتاب تحقيق ۽ تنقيد 1997ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪتاب تي ڪيس 2000ع ۾ بمبئي ۾ اوارڊ مليو. ادبي خدمتن عيوض 1983ع ۾ شيلڊ ۽ 1999ع ۾ هن جاڪوڙيءَ کي دهلي ۾ اوارڊ سان نوازيو ويو.

سنڌس شاهه لطيف متعلق مقالو ”انساني نفسياتي ڪيفيتن، احساسن ۽ جذبن جو شاعر، شاهه عبداللطيف“ اهو مقالو ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ“ نومبر 2014ع ۾ شايع ٿيو. ان کان سواءِ سنڌس لطيف سائينءَ متعلق مضمون ”شاهه سائين جون الٿ باسيون“ ساليانى ادبي چمن 1990ع واري پرچي ۾ ۽ مضمون. شاهه لطيف ۽ جوڳي. ڪتاب- شاهه لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ترتيب رڪيل مورائي. ڇاپو پهريون نومبر 2015ع. ڇپائيندڙ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

هيرو صاحب سنڌ ۾ 10 جنوري 2012ع تي قرب جا قدم ڀري آيو هو ۽ شاهه عبداللطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ايڪسيلينس هال ڀٽ شاهه ۾ ”مقالو-شاهه سائين جي رسالي جا ٻه مکيه ڇاپا“ پڙهيائين جيڪو هڪ بهترين ۽ تحقيقي مقالو آهي، ان مواد جي سنڌ ۾ کوٽ هئي. جيڪا هن پوري ڪئي. لطيفيات جي ڪم سبب ڪيس سنڌ سرڪار 9 جولاءِ 2005ع تي شاهه لطيف ايڪسيلينس اوارڊ سان نوازيو. اهڙي ريت مشهور ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ماهوار ڪونج جي ايڊيٽر هري موٽواڻي (ممبئي) کي ٻه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9 جولاءِ 2005ع تي شاهه لطيف ايڪسيلينس اوارڊ ڏنو ويو. مشهور شاعر، اديب ۽ ڪهاڻيڪار نندچڳاڻي (ممبئي) کي بہ 9 جولاءِ 2005ع تي شاهه لطيف ايڪسيلينس اوارڊ ڏنو ويو.

10 جنوري اڱارو 2012ع ۾ شاهه لطيف جي 268 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي، ثقافت کاتي پاران ڀٽ شاهه ايڪسيلينس سينٽر ۾ ”عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس“ منعقد ٿي. ان موقعي تي انڊيا مان آيل اديب هيرو ٺڪر چيو تہ شاهه سائين سنسار جو عظيم شاعر آهي، جنهن 300 سال اڳ عورت کي سورميون قرار ڏئي سندس عظمت کي بلندين تي پهچائي ڇڏيو ۽ اڄ جي دور ۾ عورت کي ڪارو ڪاري جي ورچاڙهڻ عورت جي تذليل آهي. شاهه جي پيغام تي عمل ڪندي اسان دنيا جي عظيم قومن ۾ شامل ٿي سگهون ٿا. چاڪاڻ تہ شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ انساني قدرن کي اجاگر ڪيو آهي.

آچر 22 جنوري 2012ع تي شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي طرفان ”شاهه لطيف ڏيها ڏيهي ڪانفرنس“ آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ ٿي. اردو، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي عالمي ڪانفرنس جون ٽي ويهڪون ٿيون. ڪانفرنس جي ٻي سنڌي ويهڪ ”شاهه سائين جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق“ جي موضوع تي ڀارتي سنڌي اديب هيرو ٺڪر ڳالهائيندي چيو تہ، شاهه لطيف جي ڪلام جي اڄ بہ اهميت محسوس ڪريون ٿا. شاهه جي ڪلام جي اڄوڪي وقت ۾ بہ اهميت آهي ۽ اهو ايندڙ وقت ۾ بہ اجا وڌيڪ اهميت رکندو، شاهه لطيف مهاڻن، هارين، نارين جي درد کي نہ فقط ڳايو پر انهن کي آٿت ۽ نجات جو رستو بہ ڏنو شاهه لطيف هر دور جو رهبر ۽ استاد آهي. هن وڌيڪ چيو تہ، مون لاءِ سنڌ ڌرتيءَ تي اچڻ هڪ وڏي خوشي جي ڳاله آهي. جنهن لاءِ ڀارت جو هر سنڌي تڙپندو آهي تہ سنڌ وڃان. مون کي ٻٽيون خوشيون مليون، هڪ شاهه لطيف جي عرس تي اچڻ جي ۽ ٻي خوشي لطيف ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جي آهي. هن ڪانفرنس ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي ناليوارن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي.

چنڇر 29 ڊسمبر 2012ع ۾ شاهه لطيف جي 269 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي انڊيا مان آيل اديب دانشور هيرو ٺڪر ۽ ڊاڪٽر جينو لالواڻي شاهه لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، ان عالمي ڪانفرنس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هيرو ٺڪر خطاب ڪندي چيو تہ اسان سنڌ لاءِ تڙپندا آهيون اسان جو شاهہ سنڌ ۾ آهي. هن تقريب ۾ شرڪت اسان لاءِ وڏو اعزاز آهي. هن چيو تہ ”شاهه جي شاعري فطري شاعري آهي جيڪا روح ۾ سمائجي ويندي آهي. اسان شاهه سائين جي ڪلام کي گيتا جهڙي حيثيت ڏيون ٿا“.

چنچر 21 ڊسمبر 2013ع تي نيشنل ميوزم آف پاڪستان جي آڊيٽوريم (ڪراچي) ۾ لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ٿي، ان ڪانفرنس ۾ هيرو ٺڪر چيو تہ ”شاهه لطيف انسان جو تمام ويجهي کان مطالعو ڪري ان جي پنهنجي شاعريءَ ۾ عڪاسي ڪئي“ . هن وڌيڪ چيو تہ شاهه جي شاعريءَ ۾ تصوف کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي.

شاهه سائين جي 270 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي عالمي ادبي ڪانفرنس خميس 19 ڊسمبر 2013ع تي ثقافت کاتي پاران ايڪسيلينس هال ڀٽ شاهه ۾ ٿي. هن ڪانفرنس ۾ ڏيهي ۽ پر ڏيهي اديبن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي هيرو ٺڪر چيو تہ شاهه لطيف جي شاعري هڪ اڻ ميوءِ اڻ کٽ خزانو آهي. جنهن ۾ طرحين طرحين جا بيش قيمتي موتي نظر ايندا. شاهه جي ڪلام ۾ انساني جذبن احساسن امنگن جو عڪس چٽيل آهي جنهن ڪري شاهه سائين جو ڪلام صاف ۽ اجي پاڻيءَ جي چشمي جيان آهي. جنهن مان ڪيترائي پياسي پنهنجي پياس اجهائين ٿا.

شاهه سائينءَ جي 272هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڇنڇر 28 نومبر 2015ع بمطابق 15 صفر 1437هه ۾ هيرو ٺڪر صاحب ”لطيف ادبي ڪانفرنس ايڪسيلينس هال ڀٽ شاهه“ ۾ پنهنجو مقالو پڙهندي چيو تہ ”سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو خزانو شاهه جي رسالي ۾ آهي ۽ ان شاهه جي رسالي جي هڪ هڪ سٽ توڙي چوٽي امر واري حيثيت رکي ٿي. ان جون سوين سٽون يا وري سٽن جا حصا ڪيترن ئي ڪتابن جا عنوان بڻجي چڪا آهن“. ”آءُ شاهه جي رسالي جو عاشق آهيان. شاهه جي ڪلام جي اها خوبي آهي جو ڪير بہ شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪري ٿو تہ اهو ان کي پنهنجي من جي ڳالهه سمجهي ٿو“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جگديش لچاڻي

ڀارتي ادب جي وڏي ليکڪ ۽ بهترين نقاد جگديش ويراج لچاڻي جو جنم 4 ڊسمبر 1939ع تي پيير ڳوٺ موجوده ضلع خيرپور ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ سندس خاندان هندستان لڏي ويو. جگديش صاحب ايم-اي هندي، ايم-اي سنڌي ۽ ايم-فل ڪئي آهي. پاڻ ڊي تي ڪالائي ڪاليج آف آرٽس، سائنس اينڊ ڪامرس الهاس نگر جو 39 سال پرنسپال رهيو آهي. سندس ادبي خدمتن جو مختصر خاڪو هن ريت آهي. (1) ڪتاب-ساهت جي پوک 1987ع (2) هڪ تصوير ٻه پاسا ڪهاڻيون 1962ع (3) ادبي شناس 1958ع وغيره.

ڊاڪٽر جگديش ڀارن جي ادب تي ٻه گهٽ ڪم ڪيو آهي. جنهن جو ڪجهه وچور هن ريت آهي. (1) گلن ڦلن جي راڻي 1982ع (2) ملي ڪبو مقابلو 1991ع (3) لال هيري جي ڳولا 1992ع وغيره. ڪيس مجتاطور ڪيترائي اوارڊ ۽ انعام ڏنا ويا آهن. جن ۾ (1) ساهت جي پوک تي اوارڊ، مهاراشٽر رياست جي سنڌي ساهتيه اڪيڊميءَ پاران 1988ع ۾ (2) جوڳي جادو لائي ويا. ٽيلي اسڪرپٽ تي اوارڊ ڀارت سرڪار پاران 1989ع ۾ وغيره.

تاج جويو صاحب هن ليکڪ متعلق کوجنا ڪندي لکي ٿو ته لچاڻي صاحب، منوهر ٻيديءَ سان گڏ ڪيترائي ٽيلي اسڪرپٽ لکيا ۽ ترتيب ٻه ڏنا آهن. جن مان ڪجهه هن ريت آهن (1) ڪريو نه تنهن جو ڪير سنت ڪنوررام، جهولي لال ۽ هيمون ڪالاڻيءَ جي حياتي تي ٽيلي اسڪرپٽ 1990ع (2) نيٽين ننڊ حرام (شاهه لطيف جي حياتي، ڪلام ۽ تخليقي تصور جي آڌارت طويل وڊيو فلم اسڪرپٽ 1993ع هن وڊيو ناٽڪ کي منوهر ٻيديءَ ۽ پاڻ ٽن حصن ۾ ورهايو آهي. 1-عاشق انگ چڙهيا. 2- ڪاهوڙين وٽ رات گذار، 3-قاتل ڪمائي ڪري وه ماکي جي ڪن. (3) ڏور ٻه اوڏا سپرين (شاهه لطيف، شيخ اياز ۽ تاجل بيوس تي وڊيو فلم اسڪرپٽ 2002ع ۾ وغيره.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڇاڻيءَ صاحب جو ڪتاب ” آچيندي لڄ مران“ ڇپائيندڙ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ. ڇاپو پهريون نومبر 2015ع. هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن ۽ مقالن جو وچور هن ريت آهي. مهاڳ - شاهہ لطيف جو شعر عميق آهي، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي. (1) سنڌي صوفي شاعريءَ جو تاريخي پسمنظر (2) شاهہ عبداللطيف جي حياتيءَ ۾ لياڪا (3) سيلاني شاهہ (4) شاهہ عبداللطيف جي شاعري (5) شاهہ ۽ وڻجاريون (6) شاهہ جو ڪائنات سان لڳاءُ (7) شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ عشق جو عنصر (8) انساني، نفسياتي ڪيفيتن ۽ جذبن جو شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (9) شاهہ عبداللطيف جي علامتي شاعري (10) مارئي (11) سسئي (12) شاهہ جا بيت ۽ وايون (13) شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ تخليقي ٻولي (14) شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ اظهار جون خوبيون (15) شاهہ جي شاعريءَ ۾ حوالي پٽي جي سگهہ (16) وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي (17) ڀارت ۾ شاهہ تي تحقيق ۽ تنقيد. هي ڪتاب شاهہ سائين جي شاعريءَ بابت هڪ اڀياس آهي جيڪو هر اڀياسي لاءِ اهم ٻڌبو ڪتاب ۾ شامل ليک شاهہ سائين جي شاعريءَ جي الڳ الڳ پهلوئن تي عالماڻا ليک آهن.

لطيف سائين جي فن ۽ فڪر تي مبني مقالن ۽ مضمونن جو وچور- مقالو ”شاهہ لطيف ۽ صوفي مت“، مقالو ”سسئي ۽ مارئي“ مقالو ”رشتن جي پڇاڻ ۽ ڪائنات“ ۽ مضمون ”ادب ۾ تصوف“ تحقيقي جرنل ڪينجهر شمارو12 - 2009ع ۾ ڇپيس ۽ مقالو ڀارت ۾ شاهہ لطيف تي تحقيق ۽ تنقيد. ڪتاب ”شاهہ ۽ عشق“ 2014ع ۾ شايع ٿيس .مضمون. شاهہ سائينءَ جي سسئي ۽ مارئي. ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. مرتب- رکيل موورائي. 2015ع ۾ شايع ٿيو.مقالو- انساني نفسياتي ڪيفيتن ۽ جذبن جو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي. ڪتاب- عڪس لطيف (272 هين عرس جي موقعي تي خاص اشاعت) مرتب- ياسمين ميمڻ. ڇپائيندڙ- اطلاعات ۽ آرڪائيوز کاتو سنڌ. نمبر 2015ع. مضمون. شاهہ لطيف جو سنسار ، ماهوار پيغام، نومبر 2015ع.

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي 21 ڊسمبر 2013ع ۾ حڪومتِ سنڌ جي سِڪائتي سڏ تي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي 270هين عرس مبارڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعي تي، شاھ لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سنڌ آيو هو ۽ ساڻس گڏ هيرو ٺڪر بہ هيو. پاڻ ان ڪانفرنس ۾ لاڪيٽي لطيف تي مقالا پڙهيائون. بروز خميس 19 ڊسمبر 2013ع تي ادبي ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي ڊاڪٽر جگديش لچاڻيءَ چيو تہ ”شاھ سائين جو رسالو سراپاسون آهي. اعليٰ شاعر ان کي ئي چئي سگهجي ٿو جيڪو هر حوالي سان بلنديـن تي هجي ۽ لطيف سرڪار ۾ اهي گڻ موجود هئا. 3 صديون گذرڻ باوجود لطيف سرڪار جي بلنديـن واري حيثيت ۾ رتيءَ برابر بہ فرق نہ آيو آهي“ .

ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي

ساهتي پرڳڻي جو مشهور تعليمي ماهر، اديب، ناٽڪ نويس، ڪهاڻيڪار، اداڪار، صحافي، سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، ڏرمي پستڪ، سنت ساهتيہ ۽ کوڙسارن ڪتابن جي ليکڪ ڊاڪٽر ڄيٺولالواڻي جو جنم 8 مارچ 1945ع تي ڪنڊيارو ضلعي نوابشاھ ۾ ٿيو. هن وقت ڪنڊيارو ضلعي نوشهرو فيروز جو تعلقو آهي.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ سندس خاندان (احمد آباد)ڀارت لڏي ويو. پوءِ هن گجرات يونيورسٽيءَ مان ايم-اي سنڌي ادب ۾ ڪئي. سندس پهريون ڪتاب ويچار(مضمون-1976ع) ۾ شايع ٿيو. ان کان سواءِ سندس ڪجهہ ٻيا ڪتاب هن ريت آهن-(1) اوڀاريون لهواريون(ريڊيون ناٽڪ-1984ع). (2) ماضيءَ جا ڏنڌلا عڪس (ڪهاڻيون-1976ع). (3) ادبي سرهاڻ (مضمون-1982ع). (4) وطن جي صدقي(مضمون-1985ع). (5)ادبي ويچار(تحقيقي مقالا-1998ع) .(6) اسان جو ورثو(لوڪ ادب-2001ع). (7) ٻنيءَ جا لوڪ گيت(پي-ايچ-ڊي مقالو-2002ع). (8) آزاديءَ جو پروانو هيموڪالاڻي(جيون ڪٿا-2007ع). (9) ادبي غنچو(تحقيقي مقالا-2010ع). مقالو- شاھ سائين جي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل لطيف ناٽڪ. حوالو- ڪتاب. شاھ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. تحقيق ۽ ترتيب رڪيل مورائي. ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ. ڇاپو پهريون نومبر 2015ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جيني لالواڻي "ٻنيءَ جا سنڌي لوڪ گيت" تي ٿيسز لکي ممبئي يونيورسٽي مان Ph.D جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ گجرات سرڪار پاران شايع ٿيندڙ رسالي ادبي چمن جو ايڊيٽر بہ آهي. هن رسالي ۾ اوائل کان وٺي هن مهل تائين مختلف ليکڪن جا لطيف سائينءَ متعلق مضمون شايع ٿين پيا. هي مهان ليکڪ "شاهہ سچل ۽ سامي امن ڪانفرنس" ۾ شرڪت لاءِ ڊسمبر 2004ع تي 30 سنڌي اديبن جي وفد سان گڏ سنڌ آيو. اها ڪانفرنس ڪراچي جي بيچ لگزري هوٽل ۾ منعقد ٿي.

سندس ڇپيل ڪتابن جي لسٽ ڊگهي آهي. تن مان ڪجهہ هي آهن. هن شاهہ لطيف جي لوڪ قصن متعلق گجراتي زبان ۾ ڪتاب "سنڌو نو وهيتو نير" لکيو جيڪو 2003ع ۾ ڇپيو. ان ڪانسواءِ مقالو "ٻني-ڪڇ ۾ شاهہ پٺائي گهوٽ" هن مقالي ۾ لطيف سائين متعلق گجراتي زبان ۾ جن ليکڪن بہ ڪم ڪيو آهي تن ۾ شاهہ جي لوڪ قصن سان گڏ ٻين لوڪ قصن تي بہ قلم کنيل آهي. ان جو تفصيلي تذڪرو ڪيو ويو آهي.

شاهہ سائين جي 269هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڇنڇر 29 ڊسمبر 2012ع تي ڀٽ شاهہ ۾ عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر جينو لالواڻي خطاب ڪندي چيو تہ ڀارت ۾ شاهہ لطيف کي لکيو پڙهيو ۽ ڳايو وڃي ٿو. هتان جي علائقي ڪڇ ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ ڳوٺ آهن، جتي مچ ڪچهرين توڙي ٻين محفلن ۾ لطيف کي ڳايو ۽ ٻڌو وڃي ٿو ۽ لطيف جي شاعري خوشي جي موقعن تي بہ ڳائي وڃي ٿي.

شاهہ سائينءَ جي 272 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڇنڇر 28 نومبر 2015ع بمطابق 15 صفر 1437هہ تي ڀٽ شاهہ ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر جينو لالواڻي صاحب پنهنجو مقالو پڙهندي چيو تہ سنڌ انيڪ درويشن، اوليائن، پيرن فقيرن، ايشور ۽ ڀڳتن کي جنم ڏنو آهي ۽ انهن ۾ شاهہ لطيف جو اول ترين عزت بخش استان آهي، شاهہ سائين صرف سنڌ نہ پر دنيا جي مهان درويشن ۾ هڪ آهي، شاهہ سائين سنڌي تهذيب ۽ روحاني جيون جي جان ۽ روح آهي.

ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي

هند سنڌ جي مهان محقق، لطيف سائين جي پارکو سنڌي، هندي ۽ انگريزيءَ ٻوليءَ جي ماهر اديب ڊاڪٽر موتي لعل جو پورو نالو موتي لعل واڌومل جوتواڻي آهي. سندس جنم 13 جنوري 1936ع ۾ سکر سنڌ ۾ سندس ناناڻن ۾ ٿيو. جڏهن ته سندس ڏاڏاڻو گهر روهڙيءَ ۾ نکر محلي ۾ هو. سندس ٻالڪپڻو چئن شهرن، روهڙي، سکر، جيڪب آباد ۽ ڪراچي ۾ گذريو. ننڍپڻ جو وڏو حصو هن ڏاڏاڻي گهر روهڙيءَ ۾ گذاريو (حوالو- ڪتاب روهڙي جا روشن ستارا. ليکڪ هدايت پريم) .

ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ هي خاندان بمبئي لڏي ويو. موتي لعل مئٽرڪ جو امتحان دهليءَ جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. جڏهن ٻارهون درجو پڙهندو هو تڏهن کيس مرهٽي ٻولي سکڻ جو شوق ٿيو. موتي لعل، صحافت ۾، پنجاب يونيورسٽيءَ مان 1959ع ۾ ڊپلوما انگريزي ادب ۾ دهلي يونيورسٽي مان ايم-اي انگريزي ادب 1962ع ۾ ۽ پي-ايچ-ڊي 1973ع ۾ ڪئي هئي.

هن شروعاتي دور ۾ 1962ع تائين اسڪول ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنيون، ان کان پوءِ ديش بندو ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ ساڳئي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو. هن ادبي سفر ڪهاڻي لکڻ سان ڪيو. سندس پهرين هنديءَ ۾ ڪهاڻي ”مُڪتي“ عنوان سان 1953ع ۾ دهلي مان نڪرندڙ اخبار ”ويرارجن“ ۾ شايع ٿي هئي. سنڌي ۾ پهرين ڪهاڻي ”چار جڻا“. هيءُ لطيفي پارکو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، شاعر، اسڪالر، تعليمدان، نقاد، محقق، عالمگير ادب کانسواءِ کوڙ سارن ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن جو ليکڪ هو.

هي پهريون پارتي عالم هو جنهن کي دهلي يونيورسٽيءَ مان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي ٿيسز لکڻ ڪري 1973ع ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ٿي. سندس تحقيق جو عنوان هو شاهه عبداللطيف سندس زندگي ۽ ڪم ”Shah Abdul Latif his life and work“ هي انگريزيءَ ۾ لکيل ٿيسز دهلي يونيورسٽي طرفان پهرئين ايڊيشن طور 1973ع ۾ شايع ٿي. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٻيو ايڊيشن 1975ع ۾ ۽ ٽيون ايڊيشن ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ طرفان 2006ع ۾ شايع ٿيو. پاڻ شاهه سائين جي شاعريءَ تي ”ڪتاب شاهه لطيف جي شاعري ۾ ڪارناما“ لکيائين.

ڊاڪٽر موتي لعل 2006ع ۾ سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي جي دعوت تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سنڌ آيو هو ۽ اتي مقالو ”شاهه لطيف ۽ سنڌي“ پڙهيائين. تاريخ 20 مارچ 2006ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پير حسام الدين راشدي حال ۾ ”شاهه لطيف سراپا سنڌيت“ جي عنوان تحت مقالو پڙهيائين. انهن ڏينهن ۾ لطيف سائينءَ جي ميلي دوران سنڌ جي اديبن، سندس ملاقات، سائين غلام رضا لطيفيءَ سان ڪرائي. ان پنهنجي پاڻ کي چيو تہ موتي لعل کي حبيب شاهه ۽ شاهه لطيف جي درگاهه ۽ ٻين درگاهن کان سواءِ لطيف سائينءَ جي حويلي ۽ ڪٽ جو بہ درشن ڪرايو. تنهن بعد پاڻ ڏاڍو لُطف اندوز ٿيو.

مضمون. ”شاهه جي رسالي تي هڪ نظر“ پدم شري ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي جو هڪ اهڙو مضمون آهي، جيڪو ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي هند ۾ ڇپيل رسالي بابت هڪ اڀياس جو ڏيک ڏئي ٿو. شاهه جي شاعراڻي عظمت ۽ ان تي ٿيل ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي محنت بابت هي مضمون اهم مضمون آهي. مجموعي طور شاهه سائين جي رسالي بابت هي اڀياس ان وقت لکيو ويو هئو جڏهن شاهه تي لکڻ وارا گهٽ هئا.

مضمون. ”روز مره جي سنڌي زندگيءَ ۾ شاهه لطيف جا قول“ هن مضمون جو سرو بظاهر عام زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ شاهه جا قول جيتوڻيڪ الڳ الڳ مقصد لاءِ استعمال ٿيندا آهن پر سنڌي ٻوليءَ جي هن ٻرک عالم انهن کي هن مضمون ۾ ڪنهن خاص مقصد سان آندو آهي.

پير حسام الدين راشديءَ کان پوءِ هي ٻيو سنڌي عالم هو جنهن اينيمري شمل سان ”تصوف ۽ شاهه لطيف“ جي حوالي سان گڏجي ڪم ڪيو. پاڻ شاهه ڪريم جي ڪلام جو بہ انگريزي ترجمو ڪيائين. جوتواڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ ٻيو ڪتاب Sufis of Sindh 1986ع ۾ ڇپيو ان جو ٻيو ڇاپو 1996ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف تي الڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏنائين. سندس هنديءَ ۾ لکيل ڪتاب (1) سنڌي پاشا، لپي اور ساهتيہ 1978ع ۾ شايع ٿيو هن ۾ بہ شاهہ لطيف تي الڳ باب ڏنل آهي. هن مٽي شنڪر جي رهيل ترجمي کي پورو ڪري ڪتاب شاهہ لطيف ڪاڪاويہ، ڇپايو. (2) ڪتاب شاهہ لطيف ڪاڪاويہ 1969ع (3) ڪتاب شاهہ لطيف 1971ع (4) سنڌي ڪي چني هوئي ڪهانيان 1967ع (5) زينت ناول 1971ع (6) يي لوگ ناول 1980ع ۾ شايع ٿيو. سنڌي شاعري (1) ڪتاب "عناصر جي سازش" 1968ع، سنڌي مضمون (2) ڪتاب "خيال" 1960ع وغيره.

ان کان سواءِ شاهہ سچل، سامي، تصوف ۽ ويدانيت تي ڪيترائي مقالا پڻ لکيائين، ڪيس "سنڌي ادب جو اوشو" ۽ "سنڌي ساهت جي پُل" بہ سڏيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر جوتواڻي صاحب کي انهن علمي ادبي خدمتن جي مڃتا جي عيوض سرڪار طرفان ڪيترائي اوارڊ پڻ مليا. تن جو مختصر وچور هن ريت آهي. لائيف اچيومينٽ اوارڊ 2002ع. ڀارت جي صدر عبدالڪلام 2003ع ۾ کيس ملڪ جو وڏو ادبي اوارڊ "پدم شري" ڏنو. لطيف شناسيءَ تي سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران "شاهہ لطيف ايڪسيلينسي" اوارڊ 2005ع ۾ مليس.

2006ع ۾ جڏهن لطيف سرڪار جي اڱڻ ۾ هي دل جو مريض تڪڙيون وکون کڻي لڳو تہ سندس گهر واري راڄ چيس تہ آهستي هل طبيعت نہ خراب ٿي پوئي، موتيءَ جواب ڏنس تہ راڄ منهنجي دل جي اڄ وڏي ۾ وڏي آشا پوري ٿي آهي. مرشد لطيف جي اڱڻ ۾ دل جي ڌڙڪن درست ٿي وئي آهي ۽ اڄ دل 75 سيڪڙو ڪم ڪري رهي آهي. نيٺ ڪجهہ سالن بعد هند سنڌ جي هن مهان محقق ۽ لطيف شناس جو پکي پرواز ٿي ويو. هن انمول موتيءَ جو ديهانت اڱارو 29 جنوري 2008ع ۾ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرو شيوڪاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي ٻرک ڪهاڻيڪار ۽ نئين تنقيد جي نامور اديب پروفيسر هيري جو مختصر تعارف ۽ ادبي خدمتون هيٺ ڏجن ٿيون.

نالو هيرو ولد تيرتداس شيوڪاڻي جنم 6 جنوري 1935ع ۾ چوهڙ جمالي ضلعو ٺٽو. تعليم بي-اي (آنرس) ايم-اي هندي ادب ۾ ڪيائين.

هيري شيوڪاڻيءَ ادب جي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ پير پاتو. هن 1954ع جي ابتدا ۾ ڪجهه ڪهاڻيون لکيون. سندس پهريون تنقيدي ليک "نئون سنڌي ساهت" سوال ۽ دائرا- عنوان سان 1962ع ۾ احمد آباد مان نڪرندڙ ادبي مخزن "چوڏس" ۾ ڇپيو. هن مشهور عالم لالسنگه اجواڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب " History of Sindhi Literature" جو سنڌي ترجمو ڪيو. جيڪو 1977ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ لطيف سائينءَ متعلق ته باب ڏنل آهن. شيوڪاڻيءَ جو ڪتاب "ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب" ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2013ع ۾ شايع ڪيو.

21 جون 2014ع تي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2013ع ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيل جن اٺن ڪتابن کي انعام ڪيا ويا. انهن ۾ 2 ڪتاب هند جي اديبن جا آهن. هڪ تارا مير چنداڻيءَ جو ڪتاب "هٺ يوڳي" ۽ ٻيو ڪتاب پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ جي چونڊ تنقيدي مضمونن جو مجموعو "ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب" هو. هن ڪتاب ۾ ٻين مضمونن کانسواءِ نقاد معياري ادب جي بحث ۾ شاهه لطيف جي بيتن جو سهارو وٺي شاهه جي ڪلام کي اعليٰ ترين معيار جو ماڊل ڪري مڃيو آهي ۽ شاهه عبداللطيف جي لازوال شاعريءَ مان ڪجهه مثال پيش ڪيا آهن. هن ڪتاب ۾ شاهه لطيف متعلق ٻہ تنقيدي مضمون شامل آهن جيڪي شيوڪاڻي صاحب جي ٻئي ڪتاب " لوڪ لهوارو وهي تون اوچو وهه اوپار" ادارو سنت ڪنور فائونڊيشن، احمد آباد. 2003ع واري ڇاپي ۾ شايع ٿيل آهن. اهي مضمون هي آهن. (1) شاهه لطيف ۽ ڀڳتي هلچل (2) شاهه ۽ ساميءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي هڪ نظر. انهن ٻنهي مضمونن ۾ نقاد عالمگير شاعر شاهه لطيف تي ڀڳتي هلچل جي پسمنظر ۾ پنهنجي نقطئہ نظر سان سنجيدگيءَ ۽ گهرائي سان ڇنڊ ڇاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري شاهہ لطيف کي هڪ منفرد ۽ اعليٰ مقام ڏنو آهي. ان ڪانسواءِ سندس ٻيون لکڻيون بہ سندس اعليٰ تنقيدي شعور جي نشاندهي ڪن ٿيون.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ متعلق سندس لکيل مضمون شاهہ جي ڪلام ۾ خيال جي اڏام ساليانو ادبي چمن 1990ع ۾ شايع ٿيس.

هيرو شيوڪاڻيءَ کي شاهہ سچل، ساميءَ سان ايتري عقيدت آهي جو پاڻ هند جي ٻين اديبن سان گڏ ڊسمبر 2004ع ۾ شاهہ سچل، سامي. امن ڪانفرنس، ڪراچيءَ ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ سنڌ ۾ رهڻ دوران ڪين سنڌ مان ايترو تہ پيار مليو جو ڏيهہ واپس وڃڻ بعد هن مختصر سفرنامو "گلاب جي گلن جو ديس" عنوان تحت لکيو. (مٿيون مواد ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي جي ٿورن سان).

پريتم پياسي

اصل نالو پريتمداس ولد منگهارام ميگهواڙ ادبي نالو پريتم پياسي، جنم جي تاريخ 8 نومبر 1965ع عمرڪوٽ، پاڻ استاد آهن. اٽڪل 40 کن تحقيقي مقالا، ڪهاڻيون، شاعري، مختلف رسالن ۾ ڇپيل اٿس. اڻ ڇپيل مواد ۾ عمرڪوٽ ضلعي جا اولياءَ اڪرام، لغاتون، ٿر جا ڪوٽ ۽ قلعا ۽ ٻيا ڪتاب. پريتم جو شاعريءَ ۽ ادب ۾ استاد معمور يوسفاڻي هو. مارئي جو حسب و نسب لکڻ تي پريتم کي سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي طرفان سڄي سنڌ مان پهريون انعام ۽ اوارڊ سان نوازيو ويو.

پريتم پياسي جو لکيل ڪتاب "شاهہ جي رسالي جي نباتات" ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي 2013ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ شاهہ لطيف جي رسالي ۾ جن وڻن، ٻوٽن، گلن ۽ ولين جو ذڪر ٿيل آهي تن جو هن ڪتاب ۾ بيروني توڙي علائقن جي حساب سان مختلف نباتات جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. وڻن جا فائدا توڙي قد سميت انهن وڻن جو مختلف مذهب جي مقدس ڪتابن ۾ ڏنل تذڪرو بہ هن ۾ شامل آهي. هن ڪتاب ۾ پاڻيءَ ۽ خشڪيءَ وارن ڪجهہ اهڙن ٻوٽن جو بہ ذڪر ملي ٿو جن کي شهر وارا توڙي ٻهراڙيءَ وارا ماڻهو پنهنجي علاج ۽ جانورن جي علاج لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتين ڦَڪين طور استعمال ڪن ٿا. خشڪي وارا ڪجهہ اهڙا ٻوٽا آهن جن کي انسان پاڻ توڙي جانورن جي کاڌ خوراڪ طور استعمال ڪري ٿو. اها سڀ مرشد لطيف جي ڪاريگري آهي. جو پاڻ انهن اسمن کي پنهنجي ڪلام ۾ سميٽي هر علائقي جي جاگرافيائي، نباتات کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل نباتات هيٺ ڏجي ٿي:

ڪنڊو، چار، ڪبڙ، روهيڙو، ليار، گاڏيليون، ڦوڳ، ڪرڙ، اڪ، گگراڻ، ٿوهر، لاٽو، پپون، لُلر، لاٽي، ڪيروليون، ڪاتونبا، ڦنگيون، ميها، چيڙ، ٿوهہ، گولاڙا، ڪوڏر، گندا، ڪنڊير، سائون، ڇيهو، ڳنڊير، کہ، سيارچ، آراڙي، پاهہ، ٽيڳا، ڦرهہ، مانڊاٽو، ڏامڻ، مڪٽي، لنب، پان، ناگيل، ڏاک، مُڱريون، چنبيلي، ڇاهڪ، گولون، سَر، لوهيڙو، ڪُسر، ڪانهن، ڦوٽا، تر، ڪنول، ڪانڊيرو، لئي، سونهڻ، گلاب، وونئڻ، ڪنٽھار، مينڊي، ڏاڙهون، لوت، چندن، ڪيلو، ٻاٻري، اگر، جر، ڪپور، ساڏوهيون، ڪُمر، پن، ڪوٽيون، مرچ، جَوَ، جباب، جايون، سَرو، ڪيرو، نمر، ٻير، ٻاجهر، آما، ليمون، ڦاروها، ڳاگٿا، بصر، گند، ڪٿوري، تنبي، لوهوڪا، راڳا، جمر، جائو، آڪون، جائن ڦل، مصري سنگ، ڳمر، ڏڀ، ڪرسڻ، ڪجور، ڪيتڪي ۽ انگوري شامل آهن. لطيف سائين متعلق سندس هيٺيان مضمون مقالا شايع ٿيل آهن.

مقالو ”سر بلاول جو جائزو ۽ سورما“ ڪلاچي جون 2004ع مضمون ” ڏٺي ڏياري سامونڊين سڙهہ سنباهيا“ . ماهوار نئين زندگي نومبر، ڊسمبر 1992ع. مضمون ”شاهہ سائين ۽ جيت جڙا“ نئين زندگي سيپٽمبر 1991ع. مقالو ”لطيفي مخفف“ هن مقالي ۾ ليکڪ لکي ٿو تہ سنڌي شاعرن لفظن جي تخفيف يا سسڻ واري عمل تي تمام گھڻو عمل ڪيو آهي ۽ ڪندا اچن ٿا. ان ڏس ۾ لطيف سائين سڀني کان اڳرو آهي. هن نہ صرف ماترائن جي وزن جي پورائي لاءِ ڪن لفظن جا مخفف پيش ڪيا آهن پر ڪٿي ڪٿي لفظ ابتا سبتا، ٽيڙا ۽ ڏِگها بہ ڪيا آهن. جيئن لباس کي ٽيڙو ڪري لبيس ۽وڙول کي وڙال ناهيو آهي. مخفف پالءُ پلائي. هُند: هوند، ناهہ: ناهي، سات: ساعت، ڪال: ڪالهہ، ٻيهر: ٻيهار وغيره.

مقالو ”سر پورب ۾ ٽري لفظ ۽ لهجا“. مقالو ”سُر آسا جا جاندار“ . مقالو ”مارئي جو حسب ۽ نسب“ . مضمون ”سر ڪاپائتي جي ڪهاڻي ۽ ثقافتي

جائزو“ ۽ مقالو ”سر ساموندي ۾ ڏياريءَ جو ذڪر“ ۽ مقالو ”سُر ڏهر ۾ سنڌ جا علائقا وهڪرا ۽ ماڳ مڪان“ هن مقالي ۾ ٿر علائقي جي قديم ماڳن جو مختصر تذڪرو ملي ٿو جن ۾ پائر، وٺ، چوٽاٽو بداماڻي ٻُٺ، ٻلهيار. جيڪي ڪجهه قديمي شهر هئا اهي هن وقت ڪنڊرن جي صورت ۾ تعلقي ڏيپلي ۽ ننگر پارڪر جي ڪجهه حصن ۾ موجود آهن، انهن جي اوائلي ايراضي ۽ بيهڪ بيان ڪيل آهي. تنهن بعد ليڪ وهڪرن جن ۾ پراڻ، ڍور، هاڪڙو ايرندو ڍاڳي، پٽيهل، لوٽي وهڪرن جو جاگرافيائي پسمنظر بيان ڪيو آهي. ان ڪان سواءِ پنري جا پڊ، لاڙ جي مشهور شهر گهاڙي جنهن متعلق چيو وڃي ٿو ته راءِ لاکو ڦلاڻي جڏهن ڪڇ کان سنڌ ڏانهن ايندو هو ته گهاڙي شهر ۾ رهندو هو. ان ڪان پوءِ جسوڌڻ جي دور جي ”ڪنڊي وڻ“ جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن سان لاکيٽو لطيف مخاطب ٿيندي چيو هو ـ

ڪنڊا تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڍور وهي،
جسوڌڻ جيڏو، تو ڪو گڏيو پهيڙو.

مقالو ”لطيفي لفظن تي ويچار“ هن مقالي ۾ لفظ ڪيڙو، ڪڙين، آڏ، پور، جُڳهر، اونڌيائي ۽ ووڙ، لفظن تي ويچار ونديل آهن.

مقالو ”سر رامڪليءَ ۾ آيل گورکناٿ جتي“ هن مقالي ۾ ليڪ جوڳ پنٿ ڪي فروغ ڏيندڙ جوڳ پنٿ جي ستاري، گرو مڇندر ناٿ جي چيلي، گروگورکناٿ (جوناگي) يعني جهونا ڳڙهه جي بزرگ جي يوگ ۽ پتائيءَ جي جوڳ جو ذڪر ڪيو آهي.مقالوـ ڪجهه لطيفي لفظن تي سوچ ويچار. حوالوـ ڪتاب ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون. ڇاپو پهريون 2015ع ۾ شايع ٿيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر موهن لعل پريمي

موهن لعل پريمي ولد ڪنيا لعل جو تعلق ڏوڪري ضلعہ لاڙڪاڻي سان هو. هن ايم-اي ۾ ايم فل اردوءَ ۾ ڪئي. سندس ٻہ ڪتاب "سچل سرمست اور ان کی اردو شاعری" 2004ع ۾ ادبي گل 2005ع ۾ ڇپيل آهن. تقريبنً اسي، نوي ڪان وڌيڪ شاهہ سچل ۾ مختلف موضوعن تي مضمون ۾ مقالا لکيائين.

پاڻ سچل سرمست ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيترائي پيپرا مقالا پڙهيائين. سندس اهي مقالا ساليانې سرمست جي مختلف شمارن ۾ شايع ٿيل آهن. (1) مقالو "سچل سرمست کے دور کے مذهبی حالت پر ایک نظر" (سرمست شمارو 22- مرتب محترم مولا بخش لاڙڪ سال 2001ع.) (2) سچل سرمست جي اردو شاعري ۾ حسن ۾ عشق جو فلسفو (سرمست 23 سال 2003ع) وغيره.

ڪيس سچل شناسيءَ سبب، سچل سرمست يادگار ڪميٽيءَ پاران 2005ع ۾ سچل اوارڊ ڏنو ويو. ان ڪان علاوه حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ ان جي فن، فڪر بابت سندس اردو ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل تحقيقي مضمون ۾ مقالا هن ريت آهن

(1) اردوءَ ۾ مضمون مرشد "لطیف کے سر رامکلی کی روشنی میں"– ماهنامہ اظهار ڪراچي جنوري فروري 2001ع. (2) مقالو- "شاہ لطیف کا سیاسی شعور". (3) مقالو- "شاہ عبداللطیف بھٹائی اور اردو زبان". ماهنامہ اظهار ڪراچي اپريل 2003ع. (4) "سر سورٹھ پر ایک نظر". ماهنامہ اظهار ڪراچي جون 2004ع. مضمون- (5) سر سورٺ جو روحاني راز. ماهوار نئين زندگي مئي 2004ع. (6) مقالو شاهہ لطيف ۾ سسئيءَ جو سفر محبت. (7) مقالو شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ويدانيت. (8) سنڌ جي تاريخ ۾ سر ڪيڏارو. هن مقالي ۾ شاهہ لطيف جي دؤر ڪان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دورِ حڪومت تائين مختلف واقعن جي مختصر احوال بعد سر ڪيڏارو جو فلسفو بيان ڪيل آهي. (9) مقالو سر پرڀاتي جو جائزو. (10) مقالو سر حسينيءَ جو فڪري پهلو.

هن پريتم، پياري، اردو سنڌي صوفياء ڪرام جي محقق، شاهہ سچل جي پريمي موهن لعل جو ديهانت 8 مارچ 2012ع ۾ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جھمٽمل خوبچند پاوناڻي

شاھ جو رسالو (ڪامل جو ڪلام) ليڪ پروفيسر جھمٽمل خوبچند پاوناڻي سنڌ ۾ ڇاپو پھريون 2012ع. ڇپائيندڙ انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو. شھيد فھد عزيز اڪيڊمي خانپور جوڻيجا ضلع دادو ڪل 237 صفحا. مھاڳ جھمٽمل خوبچند. 1 نومبر 1954ع ۾ لکيل. ھن ۾ مھاڳ ساڳيو بمبئي واري ڇاپي وارو رکيل آھي. ھن ڇاپي جو وچور ھيٺ ڏجي ٿو.

ھن رسالي ۾ شاھ سائين جي ڪلام مان چونڊ بيت، ڇئن دؤرن ۾ ورھايل آھن. رسالي ۾ ڪل 5 داستان ترتيب ڏنل آھن.

شاھ لطيف جوانيءَ ۾ جڏھن ٽن ڪان ڇھن سالن جي سفر تي نڪتو تہ ان سفر سندس زندگيءَ تي ڪافي اثر ڪيو ۽ حقيقي عشق مٿس غالب ٿيس تہ سچي دوست دل اندر ديرو ڄمايس پوءِ وطن وريو. ان رمز پروڙڻ ڪي ليڪ ”ڏٽيءَ جو دؤر“ ڄاڻايو آھي. رسالي ۾ پھريون داستان ”ڏٽيءَ جو دور“ ڏئي، ھن داستان ۾ شاھ سائين جي ڪلام مان 38 عنوان چونڊي پوءِ ھر ھڪ عنوان تحت ڪجھ بيت ڏنا ويا آھن. ھن ۾ شاھ سائين جي نج روحاني ڪلام جي چونڊ ڪيل آھي. داستان ٻيو ”دنيا جو دؤر“ جڏھن شاھ صاحب سورن جو سامان ساڻ ڪري سفر تي نڪتو تہ ليڪ ان کي ” دنيا جو ؤر“ ڄاڻايو آھي. ھن ۾ شاھ جي شاعريءَ مان 36 عنوان چونڊي ھر ھڪ عنوان تحت ڪجھ بيت ڏنل آھي. داستان ٽئي ۾ شاھ جا نصيحت آميز حيرت انگيز ۽ تمثيلي شعر درج ڪيا ويا آھن. داستان ٽيون درد جو دؤر- جڏھن شاھ صاحب کي مرزا مغل بيگ جي ڪاوڙ سبب پنھنجا ڪک ڇڏڻا پيا تہ ان انتظاري ۽ بيقراريءَ ۾ چيل شاعريءَ کي ليڪ ”درد جودؤر“ عنوان ڏنو آھي. ھن داستان ۾ شاھ سائين جي ڪلام مان 42 عنوان چونڊي پوءِ ھر ھڪ عنوان ۾ نھڪي ايندڙ بيت ڏنا ويا آھن. داستان چوٿون ”دل جو دؤر“ . ھن ۾ شاھ سائينءَ جي دل لڳيءَ جو داستان بيان ڪيل آھي. ان ڪان سواءِ سندس ڪلام مان پرڪشش ڏوھيڙن ۽ دل لڀائيندڙ ڪافين جي چونڊ ڪيل آھي. جيڪي گھڻو ڪري مجازي عشق تي مشتمل آھن. ھن ۾ سندس ڪلام مان 31 عنوان چونڊي ھر ھڪ عنوان ۾ ڪجھ بيت ڏنل آھن-مثال (1) چنڊ قاصد (2) سج قاصد (3) پانڌي قاصد (4) اوٺي قاصد (5) ڪانگ قاصد- مٿيان قاصد متعلق ھڪ عنوان جا حصا آھن. عنوان جو آخري بيت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانگل قاصد پرينءَ جا اڱڻ اچي ٽلُ،
ٻيائيد ٻنشِينيد، محب مون ڪي مل،
زاغ گفت فهميد مَر خوشحال وينو ڪل،
سو غراب نہ غافل، جنهن تنا تنڪا لائيا.

(شاهہ)

هن ڪتاب جو آخري پنجون داستان جنهن ۾ لطيفي گنج سمايل آهي. هن سنڌ واري ڇاپي ۾ "سونيون سٽون" سري هيٺ ڪافين ۾ واين جو ڳاٽيتو 451 بيهي ٿو. جڏهن تہ بمبئي مان شاهہ جو رسالو (ڪامل جو ڪلام) سن 1954ع ۾ شايع ٿيل، هن رسالي جي آخر ۾ "سونيون سٽون" سري سان، ڀاڪن وانگر مشهور "پنج سؤ سٽون" شاهہ جي ڪلام مان چونڊي الف-بي وار ڏنيون ويون آهن. هن رسالي کي تيار ڪرڻ لاءِ ليکڪ ڊاڪٽر ٽرمپ جو ڇپايل رسالو بمبئي سرڪار جا ڇپايل رسالا، مسٽر شهواڻي جو ڇپايل رسالو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا ڇپايل ٽي ڀاڱا ۽ جهونين سنڌي مخزنن تان مدد ورتي آهي.

ڪتاب "ڍولامارو" مئي 1956ع ۾ هندستان ڪتاب گهر بمبئي پاران شايع ٿيس. هن ۾ ليکڪ مشهور راجستاني لوڪ ڪٿا "ڍولامارو" پيش ڪئي آهي. جيڪا اصل نظم ۾ رچيل آهي. ياوناڻيءَ ان ۾ شاهہ جي ڪلام تي، انهيءَ لوڪ ڪٿا جو اثر ڏيکاريندي ڪيترائي شاهہ صاحب جا بيت بہ حوالي طور ڏنا آهن. هن ۾ شاهہ لطيف جي رسالي جي ڪن ڇاپن ۾ ڏنل "سر ڍول مارئي" جي بہ راجستاني لوڪ ڪٿا سان ڀيٽ ڪئي ويئي آهي.

ياوناڻيءَ جو ديوناگري اکرن ۾ لکيل ڪتاب " شاهہ جو شعر" جيڪو سن 1960ع ۾ بمبئي پاران ڇپيو. هن ڪتاب ۾ شاهہ جي رسالي مان جداجدا سرن مان شعر چونڊي ڏنا ويا آهن. سندس هڪ ڪتاب سر ڪاپائتي جي اپٽار تي مبني " ڪتاب ائٽ جي اوٽ " جيڪو اين-ايچ پنجابي ڪمپني ڪراچي طرفان شايع ٿيو.

ياوناڻيءَ جو شاهہ لطيف جي بيتن تي لکيل مضمون " شاهہ جي شعر جي بناوت تي هڪ نظر " ڪتاب سالانہ سنڌي ادب جلد 24_ 2010ع ۾ شايع ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريٽا شهاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا، شاعره، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ نقادِ ريٽا شهاڻيءَ جو جنم 24 آگسٽ 1934ع تي حيدرآباد ۾ عالمچند اُڏارام جي گهر ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ريٽا جي خاندان ڀارت جي شهر لکنؤ ۾ رهائش اختيار ڪئي. تاج جويو صاحب سندس متعلق وڌيڪ لکي ٿو ته 1980ع کان وٺي هن وقت تائين ريٽا جا 30 کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ريٽا سنڌي ادب جي هر صنف، شاعري، ناول، ڪهاڻي، مضمون، تنقيد، سوانح، آتم ڪٿا ۽ سفرنامي وغيره تي ڪاميابيءَ سان قلم هَلايو.

ريٽا جو هند سنڌ جي ليکڪائن ۾ وڏو مقام هو. کيس ڪيترن ئي انعامن، اوارڊن سان نوازيو ويو. ”اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا هند-اديب اوارڊ 2012ع“ ريٽا ٻه ڀيرا (2001ع ۽ 2005ع ۾) سنڌ جو سفر ڪيو هو. هن سنڌ جي سفر جو ذڪر، ڪتاب ”جتي منهنجا اوٺيئڙا“ ۾ ڪيو آهي، جيڪو ڇپجي چڪو آهي. ريٽا شهاڻيءَ 15 سيپٽمبر 2013ع تي صبح جي پهر پنهنجي پوني (مهاراشٽر رياست) واري نئين گهر ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس مختصر ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا.

(1) ٻيهريءَ جا ٻه پل (آتم ڪٿا-ڀاڱو ٻيو) 1994ع ۽ 2004ع. (2) سچ کان چنڊ تائين (ناول) 1989ع. (3) سوال ئي سوال (ڪهاڻيون) 1998ع. (4) جتي منهنجا اوٺيئڙا (سفر نامو) 2003ع. (5) سفر در سفر 2010ع. (6) روبرو (سوانح) 2011ع. (7) آڪاس گنگا (خاڪا) 2013ع وغيره.

ڪتاب روبرو، جيڪو ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2011ع ۾ شايع ڪيو. هي ڪتاب جيون سبندي مضمونن تي مشتمل آهي. ريٽا هن ڪتاب ۾ برِصغير جي سڀيتا علم ۽ ادب، فڪر ۽ فلسفي جي سنگ ميل ڪردارن جهڙوڪ: ميران بائي، ڪبير، ڪاليداس، گوتم ٻُڌ، گرونانڪ، گرورجنيش، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ ٻين اهڙن ڪردارن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، هنن جي پيغام جو تت پنهنجين لکڻين ۾ دلپذير حوالن سميت شامل ڪيو آهي.

ڪتاب رُوبرو متعلق ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب لکي ٿو تہ ريٽا جو سڀ کان مضبوط ۽ معنيٰ خيز ڪتاب جو اهو حصو آهي، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي آتما سان ڪچهري ٿي ڪري ۽ سندس ڪلپنا ۾ گوتم ٻڌ، ڪبير، ميران ٻائي، گرونانڪ ۽ شاهہ لطيف سان تمام تفصيلي گفتگوءَ وسيلي انهن عظيم انسانن جي ڪوتائن، گفتن ۽ تصوف جي ذڪر سان ڪتاب ۾ فلسفي جو اهو رنگ ڀريو آهي، جيڪو پڙهڻ ڪانپوءِ پڙهڻ واري جي زندگي ئي تبديل ڪري سگهي ٿو.
“

وينا شرنگي

سندر سپنن جي شاعره، ليکڪا، مشهور براڊڪاسٽر ڪومل جذبن جي راڻي وينا شرنگي تاريخ 16 فيبروري 1948ع تي شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مهاراج گوپي ڪرشن جي گهر ۾ ڄائي. ان وقت هي شهر يعني شهداد ڪوٽ ضلعي جيڪب آباد جو تعلقو هوندو هو. (هي مواد ڪونج ڊائجسٽ ڊسمبر 2012ع تان کنيل آهي) محترمہ وينا پنج درجا سنڌي شهداد ڪوٽ جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان ۽ مئٽرڪ هاءِ اسڪول شهداد ڪوٽ مان، تنهن بعد بي-اي تائين خانگي طور تعليم حاصل ڪئي. ان بعد 1970ع ۾ نئين دهلي ۾ رهائش پذير ٿي.

1973ع کان آل انڊيا ريڊيو ۾ ڊراما آرٽسٽ طور ڪم ڪرڻ لڳي. 88-1987ع کان آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس ۾ پروگرام ”سڄڻ توکي خبر کهڙي“ نشر ڪيائين. هن پروگرام ۾ سنڌ جي مسئلن تي لکڻيون شامل ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي غريب عوام سان ٿيندڙ نا انصافي ۽ بيروزگاري، پاڻي وغيره جي مسئلن تي مائيڪ وسيلي آواز اٿاريائين.

وينا شرنگي، ڪهاڻين، سفرنامن، مضمونن، مقالن، ڪويتائن تي تقريباً 25 کن ڪتاب لکيا. تن مان ڪجھ ڪتابن جو تذڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

(1)ڪتاب-پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا. (سنڌ جو سفر نامو) 1987ع (2) ڪتاب-سارنگ سارلهيج (مضمون) 2006ع (3) ڪتاب-

تون چپر تون ڇانوَ (مضمون) 2008ع (4) واسنا جو واسينگ (ڪهاڻيون) 1996ع ۾ شايع ٿيس.

وينا شرنگيءَ 1983ع ۾ ڀارت جي سنڌي عورتن لاءِ سماجي تنظيم ”مارئي“ نالي قائم ڪيائين. 1987ع ۾ مارئي تنظيم پاران ”شاهہ لطيف بين الاقوامي ڪانفرنس“ دهليءَ ۾ ڪوٺائي ويئي. جنهن ۾ سنڌ جي ڪافي اديبن شرڪت ڪئي. شاهہ لطيف تي ٻي بين الاقوامي ڪانفرنس 1989ع ۾ دهليءَ ۾ ڪوٺائي ويئي. جنهن ۾ بہ سنڌ جا ڪافي اديب شريڪ ٿيا. مارئي تنظيم پاران شاهہ لطيف ڪانفرنس 2007ع ۾ بہ ڪوٺائي ويئي.

وينا شرنگي پنهنجي ڪتاب- پکا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا ۾ ”ڀٽ شاهہ“ جي عنوان هيٺ لکي ٿي تہ ”سنڌ ۾ جيترو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي لاءِ احترام ۽ عقيدت آهي، ان جو بيان ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. ڪير بہ هجي چاهي ڪيترو تعصبي هجي پر شاهہ سائين جو نالو احترام ۽ ادب سان ڳنهدو“ .

شاهہ سائينءَ جون سورميون اڄ جي حوالي ۾- هن مضمون ۾ وينا شرنگيءَ لکي ٿي تہ اڄ جي ڊوڙندڙ دور ۾ شاهہ سائين جي سورمين جي ڪيتري ګهرج آهي يا سندن عمل مان اڄ جي عورت ڪهڙو پيغام سکي ٿي، جيڪو سندن رهنمائي ڪري سگهي ٿو. ڪجهہ اهڙو ئي اظهار ڪيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪمي ڪلاڻي (جنم 2 آڪٽوبر 1935ع_ جهان خان چڪ)

ورهاڱي بعد ڪٽنب سميت ڪلڪتي ۾ 50 سال رهيو ۽ اتي ”انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي“ ادارو قائم ڪيائين ۽ سنڌي رسالو رچنا ڪڍيائين.

چنچر 21 ڊسمبر 2013ع ۾ لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس، نيشنل ميوزم آف پاڪستان (ڪراچي) ۾ منعقد ٿي، هن ڪانفرنس ۾ هند، سنڌ جي اديبن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر لڪمي ڪلاڻي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ”اسان شاهه جي معرفت دنيا کي امن جو پيغام ڏئي سگهون ٿا“. هن چيو ته شاهه عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪانياواڙ جو ذڪر ڪيو آهي. هندستان جي علائقي ڪانياواڙ ۽ سنڌ ۾ ڪو به فرق نه آهي. ساڳئي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ ساڳيو لباس پهريو وڃي ٿو. هن چيو ته مان انڊيا ۾ شاهه لطيف ڪانفرنس گهرائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر سنڌ جي اديبن کي ويزا نه ملي سگهي. آئنده به سنڌي ڪانفرنس گهرائڻ جون ڪوششون جاري رکندس.

شاهه سائين جي 270 هين عرس مبارڪ جي موقعي تي بروز خميس 19 ڊسمبر 2013ع تي ڀٽ شاهه ۾ عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ شري لڪميءَ خطاب ڪندي فرمايو ته ”سنڌي قوم ۽ ٻولي جي سڃاڻپ شاهه لطيف آهي، باشعور ۽ سڃاڻ قومون پنهنجي قومي هيروز ۽ بزرگن جي ڪري ئي سڃاتيون وينديون آهن“ ۽ سنڌ جي سڃاڻپ شاهه آهي. شاهه ڀٽائي جيڪو دنيا جي وڏن شاعرن جي صف ۾ شامل آهي، پر اسان جي ڪوتاهين جي ڪري شاهه جو ڪلام ٻين ٻولين ۾ نه آندو ويو آهي.

مضمون. شاهه سائينءَ جو شعر ۽ اڄ جو سمو. گجرات جي شهر آديپور ۾ رهندڙ نامور ليکڪ لڪمي ڪلاڻيءَ جو هي مضمون شاهه سائينءَ کي اڄ جي حالتن ۾ پرکڻ ۽ جانچڻ جي ڪوشش آهي. اڄ جي ٽٽل سماج ۽ اندران ئي اندران ٽٽل انسان کي شاهه جي شاعري نئين سر جوڙي سگهي ٿي. هن مضمون ۾ ڪجهه اهڙو ئي اظهار ڪيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جو رسالو سهيڙيندڙ باگوجي ولد ڏانوجي

ڏانوجي هڪ سندر ويچار رکندڙ انسان هو. (1) ڇتوجي (2) سومارو جي (3) رتن لال جي، ڏانوجيءَ جا پائر هئا. انهن ۾ ڏانوجي بااصول انسان ۽ پنهنجي برادريءَ جو وڏو پڙ هو. پاڻ ست درجا پاس هو. ڪيس زياده ترحضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام پڙهڻ جو شوق هو. هميشہ ٻہ ٽي ڀيٽ ڏٽيءَ جا رسالا جداجدا مؤلفن جا لکيل پاڻ وٽ رکندو هو ۽ هميشہ پيو انهن جو مطالعو ڪندو هو. زندگيءَ جا پويان ڏينهن پنهنجي ننڍي پٽ باگوجيءَ سان گڏ گذاريائين. هڪ ڏينهن بيماريءَ جي حالت ۾ پنهنجي پٽن کي چيائين تہ "اوهان بخوبي واقف آهيو تہ مان هميشہ شاهہ جي رسالي جو دؤر ڪندو رهندو آهيان منهنجي اوهان کي اها وصيت پڻ آهي تہ منهنجي ديهانت کان پوءِ لاڪيٽي لطيف جو رسالو ڇپرائي پڌرو ڪندا تہ جيئن مون کي ان جو ثواب پڻ نصيب ٿئي" .

ڏانوجي اصل ۾ ڳوٺ درويش نائچ تعلقي ميرپور ماٿيلي جو وينل هو. پوءِ لڏي اچي ميرپور ماٿيلي شهر ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ سن 1994ع ڌاري اٽڪل 80 ورهين جي ڄمار ۾ ديهانت ڪيائين.

ڏانوجي جي لائق فرزند استاد باگوجيءَ پنهنجي والد جي وصيت کي اکين تي رکي رسالي کي سهيڙڻ لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي اضافي بيتن سان گڏ اضافي سر هٿ ڪيا. انهن رسالن ۾ هڪ قلمي رسالو جيڪو سيد پير شاهہ عرف وزير علي شاهہ ڀٽ ڌٽي بادشاهہ جي گنج رسالي کي ڏسي پنهنجي هٿ اکرن سان پورو گنج رسالي جو اتارو ڪري سائين پير شاهہ پاڻ وٽ رکيو. جڏهن انهي قلمي رسالي جي خبر باگوجي کي پئي تہ ٻيا جهونا رسالا ڇپيل سائين کي ڏيکاريائين ۽ عرض ڪيائينس تہ آءُ پنهنجي والد صاحب جي هدايت موجب "شاهہ جو رسالو" ڇپرائيندس، مهرباني ڪري اوهان سائين جي درگاهہ يعني گنج رسالي جو جيڪو اتارو ڪيو آٿوَ سو ڏيڻ فرمائيندا تہ جيئن هنن ڇپايل رسالن جي ڀيٽا ڪري نئين مواد سان شاهہ جو رسالو ڇپرايان، پوءِ سائين پير شاهہ خوش ٿي کيس رسالو ڪڍي ڏنو. اهڙي طرح استاد باگوجي "شاهہ جو رسالو" سهيڙيو. هن رسالي جو وچور هن ريت

آهي. ”شاهه جو رسالو“ سهيڙيندڙ باگوجي - باگوجي ڏانوجي پبليڪيشن ميرپور ماٿيلو- ڊيمي سائيز ڇاپو پهريون 2000ع مطابق 1421هه - سرن جو ڪل تعداد 43 صفحن جو تعداد 1133 - مهاڳ الحاج محمد عيدن ناز ميراڻيءَ جو لکيل آهي. ٻه اکر پروفيسر شيخ محمد فاضل، پروفيسر محمد اسماعيل سومرو، الحاج محمد عيدن ناز ميراڻيءَ جا لکيل آهن. انتساب باگوجي ولد ڏانوجي-

هن رسالي جي شروع ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو شجرو، تنهن بعد شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو شجرو ڏنل آهي، هن ۾ ڏاريو ڪلام ٻه درج ٿيل آهي، ان جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٻيهر ڇپرائڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ جو هي رسالو فقط تعليمي ادارن کي رعايت سان ڏنو ويو هو ۽ اهو ٻه ناياب ٿي چڪو آهي. ان جي رسائي لطيفي محققن تائين ٻه نه ٿي سگهي آهي.

سرن جو تفصيل (1) سر ڪلياڻ ۾ ڪل 3 داستان، ڪل 86 بيت ۽ ڪل 3 وايون (2) سر يمن ڪلياڻ ڪل 8 داستان، ڪل 313 بيت ۽ 16 وايون (3) سر ڪنيات ۾ ڪل 2 داستان، ڪل بيتن جو تعداد 105 ۽ ڪل 6 وايون (4) سر سراڳ ڪل 6 داستان، ڪل 150 بيت ۽ ڪل 10 وايون (5) سر سامونڊي ۾ ڪل 4 داستان، ڪل بيتن جو تعداد 102 ۽ ڪل 8 وايون (6) سر سهڻيءَ ۾ ڪل 13 داستان، بيتن جو تعداد 358 هن ۾ ڪل27 وايون آهن. (7) سر سارنگ ڪل 5 داستان، 123 بيت، 4 وايون (8) سر سسئي هن ۾ ڪل 11 داستان، 254 بيت ۽ 10 وايون آهن. ان کان پوءِ ابيات متفرقہ ۾ 10 بيت ۽ 4 وايون ڏنل آهن. (9) سر معذوري هن ۾ ڪل 11 داستان، ڪل بيت 224 ۽ 9 وايون. (10) سر ديسيءَ ۾ ڪل 10 داستان، 286 بيت ۽ 11 وايون (11) سر ڪوهياري ۾ ڪل 6 داستان، 117 بيت ۽ 7 وايون (12) سر حُسيني ۾ ڪل 12 داستان، 408 بيت ۽ 17 وايون (13) سر سورٺ ۾ ڪل 6 داستان، 137 بيت ۽ 2 وايون (14) سر ڪيڏارو ۾ ڪل 6 داستان، -94 بيت ۽ 8 وايون (15) سر بروو سنڌي ۾ ڪل 5 داستان، 94 بيت ۽ 6 وايون (16) سر مومل راڻو ۾ 13 داستان، 320 بيت ۽ 12 وايون (17) سر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪل 6 داستان، 107 بيت ۽ 6 وايون (18) سر رامڪلي ۾ 14 داستان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

491 بيت ۽ 26 وايون (19) سر رپ 2 داستان، بيت 63 ۽ 8 وايون (20) سر ليلاچنيسر ۾ ڪل 3 داستان 144 بيت ۽ 3 وايون (21) سر بلاول ۾ ڪل 4 داستان۔99 بيت ۽ 6 وايون (22) سر ڏهر ۾ ڪل 8 داستان۔239 بيت ۽ 11 وايون (23) سر ڪاپائتي ۾ ڪل 1 داستان، 53 بيت ۽ 2 وايون (24) سر پرياتي ۾ فقط هڪ داستان 45 بيت ۽ 5 وايون (25) سر گهاتوءَ ۾ فقط هڪ داستان 32 بيت ۽ 3 وايون (26) سر آسا ۾ ڪل 6 داستان 223 بيت ۽ ڪل 12 وايون (27) سر مارئي ۾ 31 داستان ڪل 617 بيت ڪل 29 وايون (28) سر پورب ۾ 3 داستان 79 بيت 7 وايون (29) سر ڪاموڏ ۾ ڪل 3 داستان 85 بيت ۽ 3 وايون (30) سر ڪارايل ۾ 4 داستان ڪل 106 بيت ۽ 4 وايون (31) سر بسنت ۾ فقط هڪ داستان 11 بيت هڪ وائي (32) سر ٿيه اکري 1 ۾ فقط هڪ داستان، 29 بيت، تنهن بعد سر ٿيه اکري 2 ۾ فقط هڪ داستان ۽ ڪل 30 بيت ڏنل آهن. ڪجهہ محققن هن کي ڌاريو ڪلام ڄاڻايو آهي. (33) سر ڏول مارئي ۾ ڪل 2 داستان 26 بيت ۽ 2 وايون (34) سر سينهن ڪيڏارو ۾ ڪل 2 داستان 26 بيت ۽ وائي هڪ بہ نہ (35) سر بيراگ هندي ۽ ابيات مثنوي هي ڌاريو ڪلام آهي. (36) سر بلوچي هن ۾ سسئي جي سرن ۾ شامل بلوچي زبان وارا بيت ڌار ڪري سر بلوچي نالو ڏنو ويو آهي. هن سر ۾ فقط هڪ داستان ۾ ڪل 7 بيت ۽ هڪ وائي ڏنل آهي. (37) سر ڏناسري ۾ ڪل 4 داستان 89 بيت ۽ 4 وايون (38) سر وهاڳڙو ۾ ڪل 2 داستان 49 بيت ۽ هڪ وائي (39) هيررانجهو ڌاريو ڪلام (40) سرسيراج هن ۾ فقط هڪ داستان ۽ ڪل 4 بيت ۽ هڪ وائي. هن ۾ سرپرياتيءَ جا 4 بيت چوندي سرسيراج نالو ڏنو ويو. (41) سر ڪانرو ۾ هڪ داستان بہ بيت هڪ وائي هي بہ ڌاريو ڪلام آهي. (42) سر ڪنوري هي بہ ڌاريو ڪلام آهي. (43) رسالي جي آخر ۾ سرمت ڏنل آهي. هن ۾ فقط هڪ داستان ۽ ڪل 22 بيت هي بہ ڌاريو ڪلام آهي. رسالي جي آخري 64 صفحن تي ڏکين لفظن جي معنيٰ جي پٽي ڏنل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتيرام ايس راموائي (جنم 1910ع-1997ع)

هن بزرگ شاهه سائين جي رسالي جي سرن مان چونڊ بيتن کان سواءِ سرن تي ويچار ونديا آهن. سندس لاڪيٽي لطيف تي لکيل ڪتابن توڙي مضمونن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

ڪتاب "شاهاڻو شاهه" هن ڪتاب ۾ شاهه صاحب جي رسالي مان چونڊ بيتن ۽ ان ۾ سمايل روحاني ويچارن جي اپٽار ڪيل آهي. ڪتاب لطيفي رهاڻ (سر يمن ۽ ايمن ڪلياڻ) ڇاپو پهريون شاردا پرڪاشن بمبئي 1988ع. سندس ٽيون ڪتاب ٻلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون. ڇاپو پهريون 1990ع بمبئي. هن ڪتاب ۾ هيٺيان مقالا ۽ مضمون ڏنل آهن. 1- شاهه جي فيلسوفي، 2-سرت ۽ شاهه. 3-شاهه عبداللطيف جي مهانتا. 4-شاهه جي مهان ۾ مهان سورمي ۽ 5-شاهه عبداللطيف دنيا جو اعليٰ ترين شاعر- جيڪي سڀ جا سڀ بهترين مضمون ۽ هڪ انمول ڪاوش آهي. ان کان علاوه سندس ٻيا مضمون جن ۾، مضمون پٽائي گهوٽ جون روحاني رهاڻيون-ماهوار اديون ڪراچي جون 1966ع، شاهه جي مهان ۾ مهان سورمي-شاردا پرڪاشن بمبئي ڇاپو ڊسمبر 1990ع. مضمون ميائي جياس جي وجي مڙهه ملير ڏي-مهراڻ شمارو-2- 1956ع. مضمون ادبي رهاڻ ۽ شاهه. ماهوار نئين زندگي نومبر 1954ع. ادبي رهاڻ ۽ شاهه ماهوار نئين زندگي جي 1955ع واري پرچي ۾ ٻه شايع ٿيو. مضمون لطيفي رهاڻ سر ڪلياڻ، ماهوار نئين زندگي مئي 1960ع ۽ شاهه عبداللطيف جي مهانتا، ڊسمبر 1990ع. شاردا پرڪاشن بمبئي واري پرچي ۾ شايع ٿيس. مضمون. شاهه سائين جي امر ڪويتا- ڪتاب. عڪس لطيف. 272 هين عرس جي موقعي تي خاص اشاعت. نومبر 2015ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هولارام هنس

ڪتاب ”ٽي عظيم شاعر“ ليکڪ هولارام هنس هن ڪتاب جو انڊيا ۾ پهريون ڇاپو (بيسٽ سنڌي سيا-بمبئي) 1991ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو (سنڌ ۾ پهريون دفعو) فيبروري 1996ع ۾ اداري سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران شايع ٿيو.

ڪتاب جي ليکڪ ٽن عظيم شاعرن جن ۾ شاهہ لطيف، ڪوي ڪاليداس ۽ وليم شيڪسپيئر جي ڪلام ۽ انهن جي خوبين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻن ماڻهن جن ۾ هڪڙي عورت ۽ ٻيو مرد جي ڊائلاگس واري انداز کي اختيار ڪيو ويو آهي. اهي ٻئي (عورت ۽ مرد) دنيا جي حسين نظارن ۽ فطرت جو مشاهدو ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن ٽن امر عظيم ڪوين تي بحث ڪن ٿا. اهو بحث مطالعو ڪندڙ کي سُرورُ بخشي ٿو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ هيٺيان پلوڙ خيال پيش ڪيا آهن.

شاهہ لطيف، ”سسئيءَ جا ڏونگر ڏارڻ ۾“ ”ڪوي ڪاليداس، بڪش جي پيڙا ۾“ ۽ وليم شيڪسپيئر ”ڪلوپيٽرا جي امر پيار ۾“ پاڻ کي ئي پَسيو ۽ پسايو آهي. پنهنجي سسئيءَ مارئي کي ۽ ڪاليداس شڪنتلا کي ۽ وري شيڪسپيئر ڪلوپيٽرا کي پنهنجي قلم جي ڪلا ۽ ڪمال سان امر ڪري ابديت بخشي ڇڏي آهي. شاهہ صاحب کي مهراڻ (سنڌؤ) سان سڪ هئي تہ ڪاليداس کي گنگا سان موهہ هو ۽ وري شيڪسپيئر کي لنڊن جي ٿيمس نديءَ سان نيهہ هو.

ڪتاب ”ٽي عظيم شاعر“ ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي، پهرئين ڀاڱي ۾ شيڪسپيئر، ڪوي ڪاليداس کان سواءِ شاهہ لطيف جي جيون، شاهہ جي سورمن سورمين متعلق جن ۾ سورٺ ۽ راجا راءِ ڏياچ، مومل ۽ راڻو نوري ۽ ڄام تماچي کان علاوه شاهہ لطيف، ڪوي ڪاليداس ۽ شيڪسپيئر جي شاعريءَ سان ڀيٽ ڪيل آهي. انهن ٽنهي عظيم ڪوين جن پنهنجين رچنائن ۾ جيڪي موضوع بيان ڪيا آهن، ليکڪ انهن تي پنهنجي خيال سان بحث مباحثا ڪيا آهن. هن ئي ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي (باب) ۾ شاهہ سائين جي ”سهڻي ميهار“ سسئي پنهون، ليلاچنيسر کي بيان ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ ڪوي ڪاليداس جون ٻہ مکيہ ست رچنائون آهن، پر لطيف جون ست آڪاڻيون حقيقيت تي مبني آهن ۽ لاکيڻو لطيف دنيا جو عظيم شاعر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيرٿ بسنت

هند سنڌ جو عظيم سنڌي اديب تيرٿ بسنت (وسنت) 7 سيپٽمبر 1909ع تي لقمان خيرپور ۾ پيدا ٿيو. هو سوڍو راجپوت نک سان واسطو رکندڙ هو. سندس والد جو نالو ويڙهومل هو. سندس ننڍپڻ غربت ۾ گذريو. 16 سالن جي عمر ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هو فلمن ۾ اداڪاريءَ لاءِ ڪراچي ويو. زندگيءَ جو گهڻو حصو حيدرآباد ۾ گذاريائين.

ڪيس مطالعي ۽ مشاهدي جو جنون هوندو هو. سنڌ جي لکيل تاريخن مان مطمئن نہ هو. پاڻ تاريخ طاهري تاريخ معصوميءَ تي سخت تنقيد ڪيائين. هن تمام گهڻن موضوعن تي قلم کنيو ۽ تاريخ تي بہ ڪتاب "اتهاس درشن" ۽ "هندي اتهاس" هن ۾ سنڌ بابت "سنڌو ماتريءَ جي ڪلچر" جي عنوان سان مفيد معلومات ڏنل آهي. ٽيون ڪتاب "پگت ڪنوررام جي جيوني ڪنور" هن ڪتاب ۾ پگت ڪنوررام جي حياتي، فن ۽ فڪر تي جاڻ ڏنل آهي. هن وقت تائين هن ڪتاب جهڙو ٻيو ڪو بہ ڪتاب شايع نہ ٿيو آهي.

تيرٿ بسنت پهريون سنڌي اديب هو. جنهن کي 1957ع ۾ ساهتيہ اڪيڊمي اوارڊ مليو. ورهاڱي کان اڳ هن لکڻ جي شروعات سنڌ ۾ "سنڌ آبزرور" ۾ انگريزي مضمون لکي ڪئي ۽ سنڌيءَ ۾ سندس پهريون مضمون "روشني" اخبار ۾ شايع ٿيو. سندس پهرين ڪهاڻي 1930ع تي سنڌو مخزن ۾ شايع ٿي. ورهاڱي بابت "ناول ابو" لکيائين. هن دنيا جا ڪيترائي ملڪ گهمي ڏٺا ۽ ان متعلق سفرنامو "وسنت وَرکا" جوڙيائين.

سندس پهريون اصلوڪو ڪتاب "چٽنگون" جيڪو 1941ع ۾ شايع ٿيو. (ڪتاب سنڌي نثر جي تاريخ -منگهارام ملڪاڻي صفحي 310 تي لکي ٿو تہ ڪتاب چٽنگون 1940ع ۾ ڇپيو). هن ڪتاب ۾ ڪل 15 مضمون آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ سندس ويجهي دوست هاري اڳواڻ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ لکيو هو. هن ۾ صفحي 1 کان 15 تائين شاهہ لطيف جو ذڪر ڪيل آهي. ڪتاب "چٽنگون" جو پهريون مضمون "شاهہ جو سنيهو" آهي. بسنت جو هي مضمون نج وطن دوستيءَ جي اثر هيٺ لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ سيئي مضمون شاعرانہ جذبن، امنگن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيلسوفاڻي ويچارن سان پر آهن. ڪتاب چٽنگون جو ٻيو ڇاپو 1946ع ۾ شايع ٿيو.

تيرٿ کي پنهنجي ماتريومي سنڌ سان بيحد محبت هئي، پاڻ ورهاڱي کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيائين. هن جو سنڌ ۾ رهڻ جو ارادو هو. پر پاڪستان سرڪار ڪيس ايترو تہ تنگ ڪيو جو نيٺ 1949ع ۾ هندستان لڏي وڃي اجمير شهر ۾ رهائش پذير ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ سندس ذهن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو زندگيءَ جا باقي ڏينهن اڪيلائيءَ ۽ غربت ۾ گذاريائين. نيٺ هن سنڌي سپوت جو 30 سيپٽمبر 1994ع تي اجمير ۾ پکي پرواز ٿيو.

نارائڻ شيام

سندس اصل نالو نارائڻ داس پٽ گوڪلداس ناگواڻي هو. هن جو جنم 25 جولاءِ 1922ع تي ڳوٺ ڪاهي قاسم، ضلعي نواب شاهه (هن وقت قاسم ڪاهي نوشهري فيروز ضلعي ۾ آهي.) ۾ ٿيو. بي-اي 1942ع ۾ ڊي-جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ هندوستان جي شهر دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. جتي 10 جنوري 1989ع تي ديهانت ڪيائين.

هن جو شاهه لطيف تي مقالو جديد سنڌي شاعريءَ تي شاهه لطيف جو اثر-ڪتاب جهڙي سونهن سندياس. سهيڙيندڙ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون 2012ع ۾ شايع ٿيو.

نارايڻ شيام ڀٽائيءَ کي خراج تحسين پيش ڪندي سنڌ سونهاريءَ سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

(1)

اڄ شاهه جي رسالي تي، نظرون ڪُپي وڃن،
موتي صدين کان پوءِ، تي جڙ سنڌ مون ڏني.

(2)

ٿر جون پٽون پري ۽ پري سنڌ جون پٽون،
اڄ پاڻ وٽ نہ ڪو شاهه نہ ڪا مارئي ڏسان.

نارائڻ شيام جي لاڏاڻي تي غلام حسين زنگريز جو شعر.

تنهنجي ابدي ننڊ پيل نيٽن ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف جي سنڌ جا خواب،
تنهنجي غزلن گيتن واين ۾،
جلا وطني جي پيڙائن جا عذاب،
اي شاعر درد و محبت شيام،
تنهنجي محبت متيءَ سان بي حساب.

پروفيسر ڪي۔ ايس ناگپال

مشهور شاعر، محقق، ليکڪ پروفيسر ڪي. ايس. ناگپال جو جنم 15 اپريل 1951ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ ٿيو.هن شاهہ جي شيدائي جا لاڪيٽي لطيف متعلق مضمون، مقالا ثقافت کاتي پاران شايع ٿيل مختلف ڪتابن ۾ درج ٿيل آهن. انهن مان مطالعي دوران هيٺيون مواد منهنجي نظر مان گذريو.

(1) مقالو۔عبداللطيف يتائي ۽ راڳ (2) مقالو۔مون ۾ تون موجود (3) مقالو۔اونهي ڳالهہ اسرار جي. مضمون۔ شاهہ سائينءَ جو سوال. مضمون. شاهہ لطيف جي ساڃاهہ، عوامي آواز سنڌي مئگزين، آچر 15 مئي 2016ع.

22 جنوري 2012ع ۾ شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي پاران ”شاهہ لطيف ڏيها ڏيهي ڪانفرنس“ آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿي. ان ڪانفرنس ۾ هن محقق لاڪيٽي لطيف متعلق چيو تہ ”شاهہ جي رسالي ۾ انسانيت ۽ محبت، موسيقيءَ جي صورت ۾ موجود آهي.

7 جولاءِ 2013ع تي آچر ڏهاڙي ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ۽ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ جي سهڪار سان، هڪ ڏهاڙي جي ٻہ ويهڪي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. پهرين ويهڪ جو موضوع ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ“ هو. ٻنهي ويهڪن ۾ ناميارن دانشورن محققن شاهہ لطيف جي شاعري، راڳ پيغام تي مقالا پڙهيا. ان موقعي تي پروفيسر ڪنهيا لال ناگپال تقرير ڪندي چيو تہ گروگرنٿ صاحب بہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جيان راڳن تي ٻڌل آهي. شاهہ لطيف جي سموري شاعري سرن تي ٻڌل آهي ۽ اهي سر اصل ۾ راڳ ئي آهن.

خميس 19 ڊسمبر 2013ع ۾ شاهہ سائين جي 270هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڀٽ شاهہ ۾ عالمي ادبي ڪانفرنس ٿي، هن ڪانفرنس ۾ ڏيهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي پرڏيهي اديبن شاهه سائين جي فن فڪر، ڪلام، پيغام تي مقالا پڙهيا، ان موقعي تي ناليواري اديب ڪنهيالال مقالو ”اوڪو پيو فهم“ جي عنوان تحت پيش ڪندي چيو تہ ”علم ڪتابن مان ۽ معرفت عشق سان حاصل ٿيندي آهي. دنيا توڙي آخرت جي حقيقت عشق مجاز ۾ سمايل آهي“.

سومر 8 ڊسمبر 2014ع تي شاهه سائين جي 271هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ”عالمي لطيف ادبي ڪانفرنس“ ۾ پروفيسر ڪنهيولال چيو تہ لطيف سرڪار کي رومي سميت دنيا جي ڪنهن بہ وڏي شاعر يا صوفيءَ سان ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي.لطيف، لطيف آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر موتي پرڪاش

ترقي پسند اديب، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ جيد شاعر موتي پرڪاش 15 يا 18 مئي 1931ع تي دڙو ضلعي ٺٽي سنڌ ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو سڪرام داس هو جيڪو پوسٽ ماستر هو. هن جو نانو مهاراج ديوا هو جيڪو جاتي شهر جو رهاڪو هو ۽ حڪمت جو ڪم ڪندو هو. پنهنجي ناناڻڪي نسبت سبب موتي پرڪاش شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ انگريزي تعليم جاتيءَ مان حاصل ڪئي. موتي پرڪاش ورهاڱي ڪان پوءِ هندستان هليو ويو. اتي بي-اي آنرس 1956ع ۾ 1959ع ۾ بي-ايڊ جا امتحان پاس ڪري ماستريءَ جو پيشو اختيار ڪيائين. ان سان گڏوگڏ آل انڊيا ريڊيو سنڌي سروس سان بہ سلهاڙيل رهيو. 1981ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي رهبريءَ ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس موضوع ”سنڌي شاعريءَ ۾ استري جو چٽ“ هو.

ڊاڪٽر موتي اٽڪل 25 سال انڊين هاءِ اسڪول جو پرنسپال ٿي رهيو ۽ بعد ۾ آديپور هندستان ۾ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر بہ مقرر ٿيو.

سندس پهريون شعر ٻارهن سالن جي عمر ۾ ٻارن جي هڪ رسالي ”گلستان“ ۾ شايع ٿيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. سندس لکيل ڪتابن ۽ مضمونن جو وچور هن ريت آهي:

(1) رات هڪ طوفان جي (ناٽڪ) 1963ع. (2) ادبي گل 1957ع. (3) پردي اڳيان پردي پٺيان (ناٽڪ) 1975ع. (4) آءُ تہ چوريون چنگ (شاعري) 1959ع. (5) انڌيرو اوجالو (ناول). (6) دل جون ڳالهيون 1972ع. (7) سي سپ سانڍيم ساهہ سين (سفرنامو) 1987ع. (8) ڏٺي ڏينهن ٿيام 1986ع. (9) چٽنگ وچ چولي 1983ع. (10) تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهيون (شاعري) 2007ع. (11) وقت ۽ ويچار (مضمون). (12) جيءَ اندر جهاتيون 2008ع. (13) گلڙن جا گيت (ٻارڙن لاءِ). (14) گومي ٻائي جو سنسار (ننڍا ناٽڪ). (15) (سنڌي شعر ۾ استري جو چٽ- چپائيندڙ شريڪانت، ٻي. 33 آرام-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي سانتا ڪروز ممبئي. ڇاپو پهريون 1988ع.)

ادبي خدمتن لاءِ پروفيسر رام پنجواڻي انعام(1999). سهيوگ فائونڊيشن جو نارايڻ شيام انعام(2001). پريه درشني اڪيڊمي جو ساهتڪ يوگدان لاءِ انعام(2002). سنڌي اڪيڊمي- دهلي سرڪار جو لائيف اچيومينٽ انعام(2006). آنديءَ ۾ جوت جلائڻ واري سنڌي، موتي پرڪاش جو لاڏاڻو 4 آگسٽ 2015ع ممبئي ۾ ٿيو.

شاهه سائينءَ جي شعر ۾ عورت جو چٽ- هيءُ مضمون ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي پي-ايچ-ڊي مقالي مان عنوان جو حصو پڻ آهي، سندس مقالو ڪتابي شڪل ۾ 1988ع ۾ شايع ٿيو. هن تفصيلي مقالي ۾ عورتن جي الڳ الڳ روپن، الڳ الڳ احساسن ۽ الڳ الڳ المين جو ذڪر آهي، پر سيني مان ايري آيل اهو عورت جو روپ ئي آهي، جيڪو مومل جي پنهنجي اظهار مان ظاهر ٿئي ٿو. سسئيءَ جي پنهنجي اظهار مان ۽ ائين مارئي، سورٺ، نوري وغيره. حوالو- ڪتاب. شاهه لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ترتيب- رڪيل مورائي ڇاپو.2015ع.

پرمانند ميوارام

نالو: ديوان پرمانند ولد ميوارام چئناڻي، جنم 1866ع حيدرآباد سنڌ ۾ عيسائي ٿيڻ ڪان پوءِ نالو "فيلڪس" ادب ۾ وجهه شهرت-صحافت، مضمون نگار ادبب-تصنيفون-ڏيڏڊزن ڪن-ڪتاب سنڌ باد سيلاني 1936ع. ڪتاب يوسف مصري 1935ع. ڪتاب مياڻيءَ جي جنگ بيتن سُوڌي 1925ع. ڪتاب سُرڪاپائتي (لطيفيات). هي مواد ڪينجهر تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 95-1994ع تان ڪنيل آهي. هن ليڪڪ جي ولادت ۽ وفات جا تي سن ملن ٿا. ان ڪري حوالو ضروري ڏيٽو پيو. پرمانند جو ديهانت 29 نومبر 1938ع ۾ ٿيو.

پروفيسر جهامنداس پاٽيا

جهامنداس پٽ سيٺ دوارڪاداس پاٽيا. جنم 9 مئي سن 1897ع آچر 29 ويساک 1954. ۾ شڪارپور جي هڪ امير گهراڻي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو برک صحافي، ليکڪ ۽ صوفي منش انسان هو. شروع کان وٺي سندس طبيعت جو لاڙو صوفين درويشن، سامين ۽ جوڳين جي صحبت ڏانهن هوندو هو. 1913ع ۾ مئٽرڪ ۽ تنهن کانپوءِ 1919ع ۾ بي-اي پاس ڪيائين. 1947ع ۾ سندس لکيل ڪتاب ”سائين قطب شاھ جهانيان پوٽو“ شايع ٿيو. 1955ع. پاڻ آخري عمر ۾ ساميءَ جا اٽڪل چارهزار سلوڪ گڏ ڪيائين. سندس وفات 30 ڊسمبر 1965ع ۾ ٿي.

هن ڪتاب_ The Songs of Desertلکيو جنهن ۾ سنڌ جي عظيم ڪلاسيڪل ۽ صوفي شاعرن شاھ ڪريم، شاھ لطيف، بيدل، بيڪس، قطب شاھ ۽ پارو شاھ جي حياتي ۽ شاعري جو احوال ۽ فڪر توڙي فن جي ڇڳي اوڪ ڊوڪ ڪئي آهي. سندس اهو ڪتاب اڻڇپيل مسودي جي صورت ۾ رويندرايل جها وٽ موجود آهي. مرشد لطيف متعلق شايع ٿيل مضمونن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو.

مضمون پٽائي ۽ نئين زندگي_ رسالو ماهوار نئين زندگي حيدرآباد سيپٽمبر 1956ع. مضمون لاکيڻو لطيف، ڪتاب بهارِ لطيف محڪمه اطلاعات سنڌ 1959ع.

جهامنداس، شاھ لطيف جي 210 ورسيءَ جي موقعي تي ”شاھ جي ورسي“ جي عنوان تحت تقرير ڪئي. جيڪا ڪتاب گلستانِ لطيف مرتب ڪريم بخش خالد. محڪمه اطلاعات حيدرآباد ڇاپو پهريون جولاءِ 1962ع ۾ 17 صفحن تي شايع ٿي. سندس تقرير جون ڪجھ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

شاھ جي شاهوڪاري ڪتان شروع ٿي. اول کهڙيءَ آڪاٽيءَ ۾، اوائلي آزمودو بند ڪيائين. پوءِ کهڙو ڏاکو ڏاڪڻ جو چڙهيو ۽ پوءِ کهڙو تنهنجي اُپٽاراجان تائين ڪنهن ڪين ڪئي ٿي ڏسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي_جي_اتم

اصل نالو آسن ڄيٺا نند اتمچنداڻي. ادبي نالو اي_جي_اتم ولادت 16 ڊسمبر 1923ع حيدرآباد ۾ ٿي. ادبي خدمتون_ نقاد, محقق, ڪهاڻيڪار, مترجم, مقالہ نگار, دانشور, صحافيءَ طور سڃاتو وڃي ٿو. تصنيفون. تقريبن 17 ڪتاب جن ۾ ڏيهي پر ڏيهي ادب, ناول, ڪهاڻيون شامل آهن. هن دنيا جا شاهڪار ناول ۽ ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون, هن هند ۾ سنڌي ٻولي, تهذيب ۽ سنڌيت جي وڏي پرچارڪ ڪئي, ڪيرت ٻاٻاڻي, گوبند مالهي ۽ اتم ڪي سنڌي ترقي پسند اديبن جي ٽمورتي سڏيو ويندو آهي. جن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي هندستان ۾ زنده رکڻ لاءِ هڪ منظم تحريڪ هلائي ۽ سندن ئي ڪوشش سان سنڌي ٻولي هندستان جي آئين جي اٺين شيڊيول ۾ سرڪاري ۽ قومي زبان تسليم ڪئي وئي. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن, جن ۾ ”وڃي لڪشمي پنڊت (شخصيت: 1946ع, نئون چين, (1952ع), ٽئگور (هڪ جهلڪ: 1961ع), ڪشمڪش (ڪهاڻيون: 1971ع). ساهت ۽ ساهتڪار (1974ع), سنڌي ڪهاڻي (ناٽڪ ۽ تنقيد: 1981ع), ساهتڪ پرک (تنقيد: 1997ع), هُوجهان, هي من (ڪهاڻيون: 1991ع), شاهہ سچل سامي (اپياس), ليکراج عزيز (شخصيت ۽ فن: 1985ع), منگهارام ملڪاڻي (شخصيت ۽ فن 1985ع), ڪلياڻ آڏواڻي (شخصيت ۽ فن), انسان جو نصيب (شولو خوف جي ناول جو ترجمو 1965ع), پيار ۽ واسنا (ٽالسٽاءِ جي ناول جو ترجمو 1962ع), سويت سرڳ (سفر نامو 1954ع), سڄاڳ سنڌ (تنقيد ۽ تحقيق 1984ع), منهنجا مارو ڪٿي؟ (ڪهاڻيون), جٺي سنڌي جٺي بنگلا_ (ڪهاڻيون, شعر ۽ مضمون), ڪلٽي ۽ ٻيون ڪهاڻيون (شيخ اياز نمبر), سنڌي ساهت_ 1971ع, چوپهہ ماٿهو ۽ هڪ ڇوڪري_ گورڪيءَ جون ڪهاڻيون 1969ع, روپ ٻهروپ_ خواجہ احمد عباس جي ناول جو ترجمو 1979ع ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي ميدان ۾ هن جون تمام وڏيون خدمتون آهن, اهڙن ڪردارن کي سنڌ ۽ سنڌ واسي تاريخ ۾ هميشہ ياد ڪندا رهندا. اي_جي_اتم 3 جنوري 2005ع تي ممبئي ۾ ديهانت ڪري ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتم صاحب ڪتاب ”شاهه سچل سامي“ (نئين نظر ۾) سهيڙيو هن ڪتاب ۾ هند سنڌ جي ليکڪن جا شاهه سچل سامي ءَ تي لکيل تنقيدي چونڊ مضمون ترتيب ڏئي, اهو ڪتاب سن 1982ع ۾ بمبئي مان شايع ڪرايائين. هن ڪتاب جو سنڌ ۾ پهريون ڇاپو رابيل پبليڪيشن لاڙڪاڻو پاران 1984ع ۾ ڇپيو. هن ۾ هيٺيان مضمون مقالا ترتيب ڏنل آهن.

(1) شاهه سچل سامي-اي-جي-اتم (2) شاهه ۽ سنڌي-ڪلياڻ آڏواڻي (3) سچل ۽ سنڌي-جهمٽمل ڀاوناڻي (4) شاهه جي عظمت-ايڇ-ٿي-سورلي (5) سامي جا سلوڪ-قريشي حامد علي (6) شاهه تي تنقيد-موهن گيهاڻي (7) سامي جو ڪلام-مولانا غلام محمد گرامي (8) حق پرست سچل-تيرٿ بسنت (9) شاهه جو ڪلام-حسام الدين شاهه راشدي (10) شاهه جي ٻولي ڀاشا وگيان-ليلو رچنداڻي ءَ جهڙن مهان اديبن جي بهترين مضمونن سان سينگاريل هي ڪتاب سنڌ ۾ ناياب ٿي چڪو آهي. شاهه لطيف متعلق سندس هيٺيون مضمون شايع ٿيل آهي.

مضمون-شاهه لطيف ۽ مئڪسم گورڪي-رسالو نئين دنيا-بمبئي انڊيا-ايڊيٽوريل جون 1967ع واري پرچي ۾ شايع ٿيس.

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي

ولادت 15 نومبر 1912ع شهر پڊعيدن ضلعو نوشهروفيروز-وفات 1976ع. نالو-نارائڻ داس ولد ميورام ڀمڀاڻي. تعليمي لياقت-ايم-اي انگريزي ادب-ادب ۾ وجهه شهرت-ناول نگاري ۽ مضمون نگاري. سندس ڪجهه تصنيفون (1) مالهڻ ناول 1943ع (2) وڏوا ناول 1943ع (3) غريبن جو ورثو ناول 1946ع (4) ادبي گلشن مضمون تي ڀاڱا (5) شاهه جون سورميون-هي ڪتاب مڪتبه اسحاقيه جهونا مارڪيٽ-پهريون ڀيرو 1944ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب شاهه جون سورميون. هن ڪتاب ۾ ليکڪ شاهه جي ستن سورمين جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب جو ڇاپو ٻيو سنڌي ڪتاب گهر حيدرآباد پاران 1957ع ۾ شايع ٿيو.

سندس مضمون شاهه جون سورميون-ڪتاب ” آوازِ لطيف“ اردو سنڌي مرتب سيد صفدر علي شاهه محڪمه اطلاعات ڪراچي ڇاپو آڪٽوبر 1987ع ۽ سندس ”شاهه ۽ سامي“ جي عنوان هيٺ ڪيل تقرير لهرون مخزن ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿي.

ڪيرت ٻاٻاڻي

مختصر سوانحي خاڪو- نالو- ڪيرت ٻاٻاڻي. جنم- 3 جنوري 1922ع. ڄمڻ جو هنڌ-موريو لاکو تعلقو سڪرنڊ، ضلعو نوابشاھ شهيد بينظير آباد) ادبي حيثيت- مشهور شاعر- قلمڪار- ڪهاڻيڪار- نقاد- صحافي- ڪجهہ ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

(1)هوءَ ڪهاڻيون 1956ع. (2) جيڪو ڏٺو هو مون (روس جو سفرنامو) 1982ع. (3) پيهي منجهہ پاتال (ادبي مضمون) 1987ع. (4) سو سڏ سو پڙاڏو (خط) 2004ع. (5) ڏرتيءَ جو سڏ(ناٽڪ) 2004ع.

لطيف سائين متعلق بهترين مقالو "پنائي سَون رنگن جو شاعر"-هن مقالي ۾ پاڻ لکي ٿو تہ شاھ لطيف جي ڪوتا ۾ سوين رنگ سمايل آهن، جيترا سر اوترا رنگ آهن. بلڪہ هر هڪ سر جي هر داستان جو رنگ پنهنجو آهي تہ وري هر بيت جو بہ رنگ پنهنجو آهي. سندس خيال آهي تہ هيٺيون بيت لطيف سائين پنهنجي باري ۾ چيو آهي.

سيوا ڪر سمونڊ جي جت جروهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو جُڙيئي مال، تہ پوچارا پُرتِئين.

ڪيرت ٻاٻاڻي 7 مئي 2015ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو۽ هن جي وصيت موجب سندس ارٿيون 20 سيپٽمبر 2015ع تي سنڌ ۾ آٿي المنظر وٽان سنڌو درياھ جي حوالي ڪيون ويون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوبند کوتومل خوشحالاڻي

نالو- گوبند خوشحالاڻي. جنم جي تاريخ 25 جنوري 1940ع. اصل وينئل ابڙان تعلقو مورو ضلع نوشهرو فيروز. تعليم گرئجوئيٽ (انگريزي ساهتيہ سان) ۽ فيلو انشورنس انسٽيٽيوٽ آف انڊيا. هيءُ ڪجھ حصو نيو انڊيا انشورنس ڪمپني لميٽيڊ سان وابستہ رهيو 15 سالن جي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيائين، ان وقت جي اخبارن ۽ مخزنن ۾ سندس ڪهاڻيون ۽ ٻيا ليک ڇپجندا رهيس، 30 سالن جي مانائي ۾ رٽائرمينٽ کانپوءِ وري ادبي سرگرميون شروع ڪيون اٿس. هن جا ڪجھ شايع ٿيل ڪتاب (1) پاڻ هرتڙيون مايون (ناول) (2) هڪ دفعو وري (ناول) (3) گلستان غليظ ٿي رهيو آهي (ناول) تي اوارڊ مليل. (4) پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟ (ناول) 2005ع ۾ پڌرو ٿيس. (5) "ملڪ تہ منهنجو" هي ناول پهريون دفعو آڪٽوبر 2006ع ۾ احمد آباد انڊيا ۾ ڇپيو. هن ۾ سنڌ ۽ سنڌو سڀيتا جي ڪهاڻي جيڪا پنج هزار سال پراڻي آهي، ان بابت ۽ ٻين ڳوٺن، شهرن جي ڪجھ هنرن بابت مختصر معلومات ڏنل آهي. هن ليکڪ جا 3 ناول ٻيا بہ آهن ان کان سواءِ ڪجھ ڪهاڻيون بہ لکيون اٿائين. سندس لاکيڻي لطيف متعلق مقالو "شاھ لطيف طرفان سوغات" شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر ايس - ايم جهانگياڻي

سنتداس جهانگياڻي جي انگريزيءَ ۾ لکيل ٿيسز "شاھ لطيف ۽ سندس دؤر " "Shah Abdul Latif and his time" موضوع تي تحقيقي مقالو لکي پيش ڪيو. ان تي کيس 1976ع ۾ پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ٿي. ٿيسز جو نگران ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هوءِ هي ٿيسز 1986ع ۾ دهلي يونيورسٽيءَ طرفان شايع ٿي. هي ٿيسز ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين حصي ۾ شاھ لطيف جي سوانح ۽ ٻئي حصي ۾ سندس دور تي تحقيق ڪئي وئي آهي. سندس تحقيق جو آڌار ڊاڪٽر سورلي جو ڪتاب "پٽ جو شاھ" رهيو. سندس ٻيو لکيل ڪتاب " تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي"

ڇاپو پهريون 1985ع هن ڪتاب ۾ هي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون ڏنل آهن. جن ۾ مضمون 1ـ سوامي پراڻ ناٿ ۽ شاهه عبداللطيف، 2ـ شاهه ۽ ڏياري، 3ـ شاهه ۽ عيد، 4ـ سماجواد جو علمبردار، 5ـ شاهه جي زماني ۾ سنڌ جو واپار، 6ـ شاهه زمان حال جي حوالي ۾، 7ـ ڇا شاهه امي هو؟ 8ـ هندن جو همدرد همراز جهڙا نوان ۽ بهترين مضمون ڪتاب کي رونق بخشين ٿا. هن ڇاپي جي سنڌ ۾ به ضرورت آهي.

شاهه سائين جي ڪلام، پيغام فڪر ۽ فهم کي سمجهڻ لاءِ سندس هيٺيون مضمون بهترين انداز ۾ لکيل آهي. مضمون. شاهه لطيف جو مذهب ۽ فلاسافي ـ حوالو ڪتاب شاهه لطيف بحيثيت مفڪر ـ ادارو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي ـ 1993ع واري ڇاپي ۾ ڏنل آهي.

جهمٽمل نارومل وسناڻي

جهمٽمل نارومل وسناڻي سنڌ جو اهو عالم هو. جنهن سڀ کان پهرين سنڌي ٻوليءَ جو گرامر "نئون سنڌي ويا ڪرڻ" سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو جيڪو 1892ع ۾ ڇپيو.هن ان کان اڳ 1886ع ۾ "وئتپتي ڪوش" نالي هڪڙي لغت ڇپرائي جنهن ۾ هن سنڌي لفظن جا بنياد ڏسيا آهن. وسناڻيءَ جو ٽيون ڪتاب "هتو پديش" جيڪو سنسڪرت مان ترجمو ڪيل اخلاقي آکاڻين جو پستڪ هو. جهمٽمل وسناڻيءَ جو چوٿون ڪتاب آهي " شاهه جا بيت " جيڪو سن 1895ع ۾ ڇپيو. هي ڪتاب مئٽرڪ جي نصاب تي رکيل هو. 67 صفحن جو متن اٿس ۽ 49 صفحي کان 141 تائين لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح ڏنل اٿس. هن ليک متعلق حوالو مضمون سنڌي ٻوليءَ جو ماهر جهمٽمل نارومل وسناڻي، ليک ڊاڪٽر هدايت پريم. حوالو ڇهه ماهي سنڌي ادب، چيئرمين مظهر الحق صديقي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڊسمبر 2002ع تان ورتل.

پروفيسر هاسارام پمناڻي

صوفي بزرگ، سماج سڌارڪ ۽ سياسي اڳواڻ پروفيسر هاسارام، شاھ لطيف، سچل سرمست، دلپت ۽ بيدل سائين جي ڪلام کان متاثر ۽ گھڻو واقف هو. سندس جنم 10 اپريل 1889ع تي روهڙيءَ ۾ ٿيو. پاڻ 2 رسالا جن ۾ هڪ ”سنگت ولاس“ 1917ع ۾ ٻيو ” ماهوار ڏرم درشن نالي“ 1919ع ۾ شايع ڪيائين. رسالي ڌرم درشن جي پهرئين پرچي ۾ حضرت شاھ عبداللطيف جو هي بيت شايع ڪيائين.

تر واريءَ مينهن ڪڻا، جئن مٿي ۾ وار،
تنهن کان ٻه اڳرا آهن مون ۾ عيب اپار،
بخشين بخشڻ هار پنهنجي لطف سان لطيف چئي.

هاسارام ولد سندر داس پمناڻي 17 جولاءِ 1940ع تي جيئن ميرپور ماٿيلو کان موٽندي روهڙي اسٽيشن تي لهي گهر وڃي رهيو هو تہ ڪيس رستي ۾ ئي گولي هڻي شهيد ڪيو ويو.

سائين جي۔ايم سيد ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ هن ڪتاب جي صفحي 70 تي لکيو آهي تہ پروفيسر هاسارام جو جنم 10 اپريل 1839ع تي روهڙيءَ ۾ ٿيو پريس جي غلطيءَ سبب اهو سن غلط آهي. ان ڪتاب جي صفحي 73 تي لکيل آهي تہ سندس وفات وقت عمر ٻاونجاھ سال هئي. ان عمر جي حساب سان جنم جو سال 89۔1888ع بيهي ٿو. هن صوفي منش انسان کي شاھ لطيف، سامي ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام تمام گھڻو ياد هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿانورداس ليلارام واسواڻي (ساڌوٽي ـ ايل ـ واسواڻي داداجي)

هيءُ 25 نومبر 79 ـ 1878ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ڄائو. ايم ـ اي پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪلڪتي جي ميٽرو پاليٽن ڪاليج ۾ تاريخ ۽ انگريزيءَ جو استاد مقرر ٿيو. ان کان پوءِ ڪجهه وقت لاهور جي ديال سنگهه ڪاليج جو پرنسپال بہ رهيو. سنڌ ۾ رهڻ دوران هن ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون لکيا. جن مان مکيہ انگريزي ڪتاب هي آهن (1) انڊين ارائيز (2) ماءِ مڌرلئنڊ (3) سيڪريٽ آف ايشيا (4) بلڊرس آف ٽومارو وغيره.

وسواڻي صاحب ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي وڃي پونا شهر ۾ رهائش پذير ٿيو. اتي بہ هندي، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ مخزنون ۽ ڪتابي سلسلا شروع ڪيائين. انگريزيءَ ۾ "ميران" ۽ سنڌيءَ ۾ مخزن "سنت مالا " ماهوار جاري ڪيائين. هن پريم ساگر بزرگ ۽ سچي صوفي ديش ڀڳت جو ديهانت 16 جنوري 1966ع تي ٿيو. مرڻ وقت وصيت ڪيائين تہ سندس هائيون سنڌ ۾ سنڌونديءَ ۾ پرواهہ ڪيون وڃن. اها رسم 13 اپريل 1966ع تي حيدرآباد ۾ ادا ڪئي وئي ۽ ڳڌوءَ وٽ سندس خاڪ سنڌوءَ کي سونپي وئي.

سندس لطيفيات تي مختصر مواد هن ريت مليو آهي.

مضمون "شاهہ جي حضور ۾" مهراڻ شمارو ـ 2 ـ 1967ع ۾ ڇپيو. اهو ساڳيو مضمون سنڌو 12 آگسٽ 1992ع واري پرچي ۾ ڇپيس. ان کان سواءِ مضمون ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جو سرواڻ. مهراڻ مارچ ـ اپريل 1976ع واري پرچي ۾ شايع ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر چيتن ماڙيوالا

جنم 23 آڪٽوبر 1916ع ڪراچيءَ ۾ ٿيس. هن جا وڏا سيوهڻ جا هئا. هي ڊي-جي سنڌ ڪاليج ۾ استاد مقرر ٿيو 1947ع تائين اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ خدمتون سر انجام ڏنائين. بمبئي لڏي وڃڻ بعد اتي استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سر انجام ڏنائين. سندس ڪجهہ تصنيفون ڪتاب همايون جو خواب سال 1942ع. ڪتاب سنڌي جيوت ڪهاڻي 1953ع. ڪتاب ڏيءَ جا پيءُ ڏانهن خط. 1973ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. هن هڪ سؤ کن مضمون لکيا. ماڙيوالا پهرين آگسٽ 1984ع تي ممبئي ۾ وفات ڪئي.

چيتن ماڙيوالا، شاهہ سائين جي ڪلام مان ڪجهہ سر ڪٽي اوکن لفظن جي معنيٰ ۽ بيتن جي سمجهاڻيءَ سان گڏ هينيان ڪتاب ۽ مضمون مقالا لکيا. ڪتاب شاهہ عبداللطيف جو سر مومل راڻو ڇاپو پهريون الهاس نگر بمبئي 1966ع، ڪتاب شاهہ عبداللطيف جو سر سهڻي ڇاپو پهريون بمبئي 1968ع. ڪتاب سر ڪاموڏ 1968ع ۾ شايع ٿيس. انهن سرن ۾ هن ڪلام جو تلفظ لاڙي لهجي وارو رکيو. مضمون پٽائيءَ جي ڪلام ۾ سنڌ جو وٽج واپار. هي مضمون ماهوار نئين زندگي جولاءِ 1964ع واري پرچي ۾ شايع ٿيس.

قيمت هريسنگهاڻي (1935ع_1997ع)

ڪتاب (شاهہ سچل سامي) پرڪاشڪ، سنڌي هندي پرڪاشن سدن، ڀوپال 1990ع. هريسنگهاڻي هي ڪتاب ترتيب ڏيڻ وقت، ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ هن اساسي شاعرن تي قلم کنيو آهي. سندس شاهہ تي لکيل مضمون جو سرو آهي. " آفاقي شاعر شاهہ" هن شاهہ جي ڪلام تي لکندي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي پسمنظر ۾ سني ڄاڻ ڏني آهي. شاهہ جي حوالي سان هن هيٺين ڳالهين تي روشني وڌي آهي.

(1) شاعريءَ جي خوشبوءِ (2) اصطلاحي گفتا ۽ لوڪ چوڻيون (3) سوچ فڪر جي تقاضا (4) وحدت الوجودگيءَ جي رهبري.

آخر ۾ شاهہ کي آفاقي شاعر ڪوٺيندي لکي ٿو تہ شاهہ اهو وکر وهايو آهي، جو پٽئي پراڻو نہ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوبند مالهي

ساهتي پرڳڻي جي عظيم ليکڪ گوند مالهيءَ جو مختصر تعارف-جنم 5 آگسٽ 1921ع ۾ ناروشاهہ ضلعو نوشهرو فيروز. وفات 10 فيبروري 2001ع ممبئي ۾. وجه شهرت، شاعر، ناولنگار، ڪهاڻيڪار وغيره. گوبند مالهيءَ پنهنجن ناولن ۾ شاهہ سائين جا بيت سهڻي نموني سمايا آهن. شاهہ سائينءَ جي دانشمندي، دوراندېشي، سڪ ۽ سوز تي، ناولن ۾ پيار ۽ محبت جي پيشڪش سٺي نموني اُياري آهي، مالهيءَ سٽن سورمين جو فنائتي نموني ذڪر ڪيو آهي. سندس ڪجهہ ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

(1) ڪتاب-ديسي سيڻ ڪجن 1956ع. (2) عشق نہ آهي راند 1955ع.

لطيف سرڪار بابت مضمون سنڌي تهذيب جو روح-"شاهہ لاکيڻو لعل لطيف" ماهوار ادبي چمن. گجرات انڊيا 1985ع ۾ شايع ٿيس. مضمون. شاهہ سائينءَ جي ترقي پسندي. حوالو ڪتاب شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ترتيب رڪيل موراڻي. ڇاپو نومبر 2015ع. گوبند سنڌ ۾ آخري ڀيرو 1989ع ۾ پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ لاءِ آيو هو.

پوڪرداس منشي

منشي پوڪرداس ٽانورداس ڇاٻڙيا، سن 1868ع ۾ شڪارپور ۾ جائو هيءُ مشهور پبلشر ٿي گذريو آهي. پوڪرداس تعليم ڪاتي ۾ منشي هو گهٽ پگهار هئڻ ڪري هن ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو. پهرين جنوري 1886ع تي شڪارپور شهر جي سٽي بازار ۾ منشي پوڪرداس ٽانورداس تاجر ڪتب شڪارپور جي نالي سان دڪان کوليائين. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا ۽ تمام گهڻو مشهور ٿي ويو.

پهرياڻين قصا ۽ ڪهاڻيون شايع ڪيائين. ان بعد شاهہ جو رسالو (مرزا قليچ بيگ وارو بيو ايڊيشن 1923ع ۾ شايع ڪيائين). پوڪرداس (شاهہ جي) رسالي جو انتخاب- ڇپائيندڙ پوڪرداس ٽانورداس بوڪ سيلز- شڪارپور- ڇاپو پهريون 1929ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي

اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي 1833ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. سنڌ جي ماڻهن ۾ انگريزي پڙهندڙ هي پهريون شخص هو. انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس ڪمشنر جي آفيس ۾ نوڪري ملي ۽ بعد ۾ سنڌيءَ جو ترجمان مقرر ٿيو. هن سڀ کان پهرين مشهور انگريز اديب ڊاڪٽر جانسن جي ناول "راسيلاس" جو 1870ع ۾ ساڌو نولراءِ سان گڏجي ترجمو ڪيو. اهڙي طرح ڪيس "ناول جو ابو" سڏيو وڃي ٿو. سندس ڪيترائي قصا بہ ڇپيا هئا. جن ۾ خاص ڪري، ڳالهہ دودي چنيسر جي 1871ع ۾ ۽ راءِ ڏياچ جو قصو 1861ع شڪارپور جي پوڪرداس ۽ سکر جي ماستر هري سنگهہ ڪتب فروش ڇپايا هئا. سنڌيءَ ۾ پهرين نثري آکاڻي جا ڇاپي ۾ آئي، سا هئي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آکاڻي "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ" جنهن جو پايو وجهندڙ ليکڪ منشي اُڌارام ٿانورداس هو. سنڌ جي هن مشهور اديب، ڪهاڻيڪار، نثر نويس، مترجم ۽ جيد عالم جو ديهانت 1883ع ۾ ٿيو.

ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي شاد (1924ع_2006ع)

ڪتاب "ادبي خوشبو" سن 2001ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ارجن اهي مقالا ڏنا آهن جيڪي پاڻ ادبي سيمينارن ۾ مختلف موقعن تي پڙهيا هئا. هن ڪتاب ۾ ريڊيو ناٽڪ ۽ تبصرا بہ شامل آهن. ڪتاب مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ليکڪ شاهہ جي ڪلام جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شاهہ متعلق هيٺيان مقالا شامل آهن.

(1) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تيار ڪيل "شاهہ جو رسالو" جي اهميت. (2) پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ۽ شاهہ جو رسالو. (3) شاهہ جي شعر ۾ تصويرڪشي ۽ تمثيل. (4) شاهہ جي رسالي ۾ ريتون رسمون. (5) مجاز ۽ روحانيت. (6) شاهہ ۽ دورِ حاضر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارجن شاد جا مٿيان مقالا، مضمون انڊيا جي ادبي حلقن ۾ بيحد مقبول ٿيا. هن ڪتاب ۾ اڌ ڪان وڌيڪ مواد شاهه سائين متعلق ڏنل آهي. ڪتاب ”شاهه“ ليڪ ۽ پبلشر ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي ممبئي 2001ع.

مضمون. شاهه سائين ۽ اڄ جو دور. حوالو_ ڪتاب. شاهه لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. 2015ع ۾ شايع ٿيل.

نرمل جيوتاڻي

سهڻي صورت ۽ اعليٰ سيرت واري گلابي گل نرمل جيوتاڻيءَ جو جنم 21 سيپٽمبر 1920ع تي ديوان گدومل جي گهر ميهڙ تعلقي جي ٽرڙي محبت شهر ۾ ٿيو. هن نوجوان شاعر جو اصل نالو ٽانور ۽ جيوتاڻي نِڪَ ۽ ”نرمل“ سندس تخلص هو پوئين دور ۾ پاڻ بيو تخلص ”ور“ پڻ استعمال ڪيائين. هن ميهڙ ۾ ست درجا پڙهي پاس ڪيا ته سندس محنت ۽ هوشياريءَ سبب يڪدم ڪيس ويدڪ ودياليہ ۾ ماستر ڪري رکيائون. نرمل جي لکيل ڪتاب جن ۾ ”تي ساٿي“ ۽ سرگ ڏانهن پنڌ، ڏاڍي مقبوليت ماڻي. جڏهن نرمل ڪاليج ۾ پڙهندو هو ته ان زماني ۾ جيٺمل پرسرام ”لطيف باري“ نالي هڪ منڊلي قائم ڪئي، تڏهن نرمل کي ان جي پهرئين سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. لطيف باريءَ جو سيڪريٽري هئڻ واري حيثيت سندس حضرت شاهه عبداللطيف سان وڌيڪ انس پيدا ڪرايو. شاهه جڻ برزبان ياد ٿي ويس. شاهه سان ايترو پيار هوس جو لطيف باريءَ جي سهاري هيٺ هن پهرين پهرين ايڪسڪرشن ڀٽ شاهه تي ڪئي. سندس وصال جنوري 1944ع ۾ ٿيو.

آسانند مامتوراءِ

ولادت 1903ع وفات 1993ع. والد جو نالو جهانگي مل مامتوراءِ. جمڻ جو هنڌ ڪراچي. ادب ۾ وجه شهرت. ڪهاڻيڪار ناول نگار ۽ محقق. سندس ڪجهه تصنيفون. 1ـ شاعر ناول 2ـ حليمان ناول ۽ جيون پريم. ڪتاب. شاهه عشق 1924ع. شاهه لطيف بابت ڪتاب "هنج چڳن موتي" ڇاپو ڇپائيندڙ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن الهاس نگر سال 1985ع صفحا 131ـ هن ڪتاب ۾ 19 صفحي کان 61 صفحي تائين هي مواد ڏنل آهي. (1) شاهه جو وشودرش. (2) مضمون. شاهه عاشق. (3) مضمون. شاهه حق جي ڳولا ۾. (4) مضمون. شاهه ۽ واهه جو نراڙ. آسانند جو لکيل مضمون شاهه عاشق، مخزن ڊي-جي سنڌ ڪاليج مسلني، 1924ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

لالسنگهه اجواڻي (جنم 17 جولاءِ 1899ع خيرپور ـ وفات اپريل 1976ع)

انگريزيءَ ۾ ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ " History of Sindhi Leterature" ڇاپو ڇپائيندڙ وينگيوئرڊ بوڪس پرائيوٽ لميٽيڊ لاهور/ڪراچي/اسلام آباد 1991ع. هن تنقيدي ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف متعلق ڪل ٽي باب ڏنل آهن. جيڪي صفحي 54 کان 108 تائين ڏنل آهن. هي ڪتاب پاڪستان ۾ ڇپائيندڙ ٻيرو1991ع ۾ ڇپيو. هن کان اڳ هي ڪتاب انڊيا ۾ هيرو شيوڪاڻيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو جيڪو ساهتيه اڪادمي نئين دهلي پاران 1991ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جي شروعات ۾ ايل-ايچ اجواڻي، شاهه بابت مختصر جاڻ ڪرائيندي، شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو عاشق هجڻ جو اظهار ڪيو آهي. ليکڪ هن ڪتاب ۾ رسالي جي سيني سرن متعلق لکيو آهي ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر سورلي ۽ ٻين تي تمام گهٽي تنقيد پڻ ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضمون. ”شاهہ سائين ۽ سندس شاعري“ هي مضمون شاهہ سائين جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت تفصيلي مضمون آهي، هن مضمون ۾ هن شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جو تفصيل سان جائزو ورتل آهي ۽ ڪنهن هڪ موضوع جي دائري کان وڌيڪ ڦهليل آهي.

پياسي ڪمل ڪيولراماڻي (جنم 1929ع)

ڪتاب ”شاهہ ۽ پسون سنسار“ ڇپائيندڙ بياس پبليڪيشن ويراول انڊيا ڇاپو پهريون 1986ع. هن ڪتاب ۾ شاهہ جي ڪلام ۾ آيل پاڻيءَ وارا جيت جڻيا، ڌرتيءَ وارا جيت، پکين، چوپاين، جانورن وغيره تي پهرئين تحقيق هن ليڪ ڪئي آهي. ليکڪ انهن موضوعن جو سهڻي ڍنگ سان جائزو پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ شاهہ سائين بابت سندس لکيل مضمون ”شاهہ ۽ چنڊ“ ماهوارنئين زندگي حيدرآباد. جولاءِ 1964ع. مضمون شاهہ ۽ درياهہ شاهہ ماهوار ڪونج بمبئي، انڊيا. جولاءِ 1965ع.

ٺڪر ڪرپالاڻي

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ سورمين جي پسمنظر ۾ سڀ کان پهريائين جنهن هندو مصور تصويرون ٺاهيون هيون اهو ٺڪر ڪرپالاڻي هو. جنهن سهڻي، سسئي، مارئي، ليلا، مومل ۽ نوري وغيره جون تصويرون ٺاهيون. پوءِ اهي اسڪيچ مختلف ڪتابن ۾ شايع ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ ليکڪن جا مضمون، مقالا ۽ ڪتاب

ڊاڪٽر ٽي-آر-شنگاري- ڪتاب، ڪامل درويش شاهہ لطيف- ڇپائيندڙ=راڌا سوامي ستسنگ بياس امر تسر-ڇاپو پهريون 2009ع. هي ڪتاب ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي، پهرئين ڀاڱي ۾ شاهہ لطيف جي زندگيءَ متعلق معلومات ڏنل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ شاهہ جي ڪلام ۾ ڏنل پيغام تي روشني وڌل آهي. ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي ۾ شاهہ لطيف جي رسالي جي ٽيهن سرن مان چونڊ بيتن جي تشريح ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي.

نارائڻ داس ڪيئومل ساڌواڻي- تنقيدي ڪتاب شاهہ جو انيڙ (ٻن ڀاڱن ۾) اين. ڪي. ساڌواڻي بمبئي سن 1958ع ۾ شايع ڪيو. هي ڪتاب شاهہ لطيف جي فڪر ۽ مشاهدي تي مبني آهي. هن ڪتاب ۾ رسالي مان جدا جدا شعر چونڊي پوءِ انهن ۾ سمايل روحاني رازن تي روشني وڌل آهي.

هريش واسواڻي- ڪتاب سنڌي تنقيد. هن ۾ شاهہ ۽ سچل جي عنوان سان مضمون آهن. سندس مضمون. شاهہ سائينءَ جي شعر ۾ اڄ جي ڪوڄ. حوالو- ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. مرتب- رڪيل موراڻي. 2015ع ۾ شايع ٿيل.

دلپترا ۽ هزاريمل- رسالي جو انتخاب ڀارت واسي پريس حيدرآباد.

اي-آ ۽ سدارنگاڻي ۽ گل محمد- شاهہ جو رسالو موضوع وار روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز سال 2007ع.

ڏنگوڪندنمل ٽڏاڻي- مضمون پٽ واري درگاهہ حوالو ماهوار سنڌو شڪارپور آگسٽ 1932ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

تيرٿداس اميداڻي- مضمون "ڪوهيارو ڦري ويو نهوڙي ننڊ ۾" مقالو سر پورب جو جائزو.

ارجن جي چاولا- مضمون "شاهہ جون سورميون" نئين زندگي آڪٽوبر 1955ع. مضمون. شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ رومانوي عنصر. حوالو- ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. 2015ع ۾ شايع ٿيل.

ماستر چندر (فنڪار)- مضمون "پٿائي جي مدن سان محبت" نئين زندگي جولاءِ 1961ع واري شماري ۾ ڇپيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻلديو گاجراـ مضمون ”شاهه عبداللطيف جي فيلسوفي ۽ جيون ڏانهن رخ“ ساليانو ادبي چمن 1990ع ۾ ڇپيو ۽ مضمون ـ شاهه عبداللطيف.

موهن لال سروپچندنازـ مضمون ”مارئي ۽ ملير“ مهراڻ شمارو ـ 1 سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1967ع.

پروفيسر آتمارامـ مضمون ”من وديا، شاهه ۽ سندس شعر“ ـ ماهوار مخزن سنڌو، فيبروري 1946ع کان قسطن ۾ شايع ٿيس.

جشن اي مولچنداڻيـ مضمون ”شاهه عاشق“ سنڌو جون 1934ع شڪارپور.

منگهارام اوجهاـ مضمون ”مارئي ڪير هئي؟“ رسالو نئين زندگي سيپٽيمبر 1958ع ۾ شايع ٿيو.

جوشي شيامداسـ مضمون ”شاهه ۽ ڪڇي جي زندگي“ رسالو نئين زندگي اپريل 1970ع ۽ مضمون ”شاهه جي ڪلام ۾ تصوف ۽ روحانيت“ ڪتاب ”لاکيڻو لطيف“ اطلاعات کاتو ڪراچي 1974ع.

منوتولارام گدواڻيـ مضمون ”ڪونج ڀِٽائيءَ جو ڪوڏ“ نئين زندگي جولاءِ 1964ع.

ڪشن چندگرناڻيـ مضمون ”شاهه لطيف جو تصوف“ ڪتاب فڪرِ لطيف، اطلاعات کاتو سنڌ 20 نومبر 1983ع. مضمون ”سر سهڻيءَ جو فلسفو“ نئين زندگي مارچ ـ اپريل 1976ع. ڪشنچند گرناڻي ۽ گرداس واڌواڻيءَ جو مضمون ”ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جو سرواڻ“ مارچ ـ اپريل نئين زندگي 1976ع ۾ شايع ٿيو.

سشيلا موٽواڻيـ هن، جايسي ۽ شاهه جي پريم جي عناصر موضوع تي مقالو لکي راجستان يونيورسٽيءَ مان پي ـ ايچ ـ ڊي ڪئي.

ڊاڪٽر ونود آسواڻيـ مضمون. شاهه لطيف ۽ رابندر ناٿ ٽئگور.

پدم ديودت شرماـ مضمون. شاهه سائينءَ جي مومل جي ماڙي ۽ لڊاڻو.

دولترام سونيجيـ مضمون. شاهه عبداللطيف ۽ ڀِٽ.

رتن ڏيواڻيـ مضمون. انساني عشق لالڻ لطيف جو.

ڪي. آر واڌواڻيـ مضمون. ڀٽ شاهه تي هڪ رات.

اندرا پونا والا شبنمـ مضمون. منهنجي امڙ ۽ شاهه لطيف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ڪنيا لال ليکواڻي۔ مضمون. شاهہ سائينءَ جي شعر جو پهريون انگريزي ترجمو.

هري موٽواڻي سنڌي۔ مضمون. هڪ شاعر ـ هڪ ولي. حوالو۔ ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ترتيب. رکيل مورائي. ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ. ڇاپو پهريون 2015ع.

ديودت کندارام شرما۔مضمون ”شاهہ سائينءَ تي ڪبير جو اثر“ سنڌو قسط 1 ـ مئي 1946ع ۽ قسط 2۔ جون 1946ع.

ايم ـ آرمائيندااساڻي۔مقالو”ڇا شاهہ جا بيت آيتون آهن؟ “ ڪتاب شاهہ نامہ (228هين عرس جي موقعي تي) اطلاعات کاتو ڪراچي 1980ع ۾ شايع ٿيو. مضمون ”شاهہ صاحب جا بيت“ رسالو روح رهاڻ جولاءِ 1964ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

صوفي نيپراج۔مضمون ”لطيف وڻجار ڪي ويس ۾“ ڪتاب لطيف نامو۔مرتب ڪريم بخش خالد۔اطلاعات کاتو ڪراچي ڊسمبر 1980ع.

پروفيسر ڊي ـ ايل ـ ڪاڪا۔مضمون ”شاهہ جي رسالي ۾ ڏنل سکيائن جو سار“ ماهوار ـ سنڌين جو سنسار. شمارو چوٿون, ايڊيٽر گهنشام داس نئي دهلي جنوري 1996ع ۾ شايع ٿيو.

چوئٿرام ولهيت۔**مقالو**۔سرڪاپائتيءَ ۾ ڪم آيل اسمن ۽ انهن جون معنائون. مقالو۔سر بلاول جو تاريخي ۽ ثقافتي جائزو.

پارومل پريمي۔(جنم 21 جنوري 1971ع. ڀيراني)مضمون۔ ”شاهہ لطيف جو پيغام“ ماهوار رسالو پيغام جلد 7۔ شمارو 5۔ ايڊيٽر ـ آفتاب ابڙو۔ڇپائيندڙ۔محڪمہ اطلاعات کاتو ڪراچي. اپريل 2005ع.

پروفيسر ڪي.اين واسواڻي۔ مضمون. شاهہ سائين ۽ شيڪسپيئر.

ايس ميواڻي۔”شاهہ جي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو“ پٽائي تحقيقي جرنل 1 ـ جولاءِ 1991ع. سنڌي شعبو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

ڪلاڌر متوا۔مقالو پٽائي وارن نج لفظن جو ڪڇ ۾ استعمال. سندس هي مقالو ڪتاب ”لوچان تي لاحد ۾“ شايع ٿيل آهي. مضمون سنڌ مان ڪڇ ويل جسمان اوڌڙ ۽ لاکو ڦلاڻي. حوالو ڪاوش دنيا آچر 24 مئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2015ع. ڪڇ ۾ پيل ڀٽائي سائينءَ جي ڳوڙهي. مدويڪ ڪاوش مئگزين اربع 22 جولاءِ 2015ع. مضمون. سنڌو سڀيتا جو شهر_لکپت، جتي گرونانڪ ۽ ڀٽائي سائين آيا هئا. مضمون. ڀٽائيءَ جو همعصر ۽ ڪڇ جو ڪوي ميکڻ ڏاڏو، ڪاوش دنيا مئگزين آچر 27 مارچ 2016ع.

ميوارام نجار (عمرڪوٽ)_مضمون_شاهه سنڌ ۽ سيارو.

رام اوڏ (ڪالم نگار)_ڪالم، (1) لطيف جي شاعري ۾ اڄ جو شاعر. (2) لطيف جي شاعريءَ ۾ تبديليءَ جو تصور.

تلريجا مينگهراج_ڪتاب "لطيفي سڏ" اسات ساهت مالها گجرات انڊيا ڇاپو سال 1995ع.

پوڄراج پوڪرداس_ڪتاب "رسالي جو انتخاب" پوڄراج پوڪرداس بوڪ سيلر شڪارپور 1935ع. هن ۾ شاهه جي رسالي مان چونڊ ڪلام ڏنل آهي.

موتي_ٽي_پنواڻي_هن جو شاهه لطيف جي شاعريءَ متعلق "مضمون شاهه ۽ شعر" مخزن نولراءِ جون 1941ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

نارائڻ داس ڪيئومل ساڌواڻي_تنقيدي ڪتاب شاهه جو انيڙ (ٻن ڀاڱن ۾) اين. ڪي. ساڌواڻي بمبئي سن 1958ع ۾ شايع ڪيو. هي ڪتاب شاهه لطيف جي فڪر ۽ مشاهدي تي مبني آهي. رسالي مان جداجدا شعر ڪڍي انهن ۾ سمايل رازن تي روشني وڌل آهي.

هريش واسواڻي_ڪتاب سنڌي تنقيد، هن ۾ شاهه ۽ سچل جي عنوان سان مضمون آهن.

ايس_ٽي_مٽاڻي_مضمون "شاهه جي شعر مان سنڌ جون ريتون ۽ رسمون" قليلي مئگزين 1956ع کان 1957ع وارن پرچن ۾ ڇپيس.

مترش_مضمون ڀٽائيءَ جي ڳولا (سرڪاپائتيءَ جو پسمنظر) هلال پاڪستان ڪراچي اپريل 1983ع.

چوئٿرام چوئٿ_مضمون "شاهه جي رسالي ۾ هٿيارن جوڙ ڪر" نئين زندگي سيپٽيمبر 1991ع ۾ ڇپيو.

ڪانجي مل_مضمون "ڀٽائيءَ جا ڀٽن تي ڀيرا" نئين زندگي اپريل 1993ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبچند هوتچند_مضمون ”شاهه عبداللطيف ۽ ڳوناٽي حياتي“ سنڌو جولاءِ 1935ع ۾ شايع ٿيو.

هاسو داگيا_مضمون ”شاهه صاحب جو سر ڪيڏارو“ ماهوار ڪونج بمبئي سيپٽمبر 1966ع. مضمون شاهه عبداللطيف، موهڻ ۽ موهجڙ تي، لطيف سالگره مخزن 1960ع واري شماري ۾ شايع ٿيو.

ڀڳوان داس دولتاڻي_مضمون ”شاهه ۽ چنڊ“ ساليانو ادبي چمن، گجرات سنڌي اڪيڊمي گانڌي نگر 1990ع.

ليلا رام رچنداڻي_مضمون ”شاهه جي فڪر جي اڏام“ ساليانو ادبي چمن، گجرات سنڌي اڪيڊمي گانڌي نگر 1990ع.

ايل جهارويندر_مضمون ”عورت عالمن ۽ شاهه جي نظر ۾“ ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر 1990ع .

پرتابراءِ بجلاڻي_مضمون ”مومل جا ورلاپ“ رسالو اخبارِ تعليم حيدرآباد.

موتي لعل لڇيرام ٻٽاڻي_مضمون ”شاهه ۽ برسات“ رسالو سنڌو جولاءِ سيپٽيمبر 1966ع احمد آباد.

ارجن ڪي جهوڙيملاڻي_ڪتاب لطيف ٻاري مرتب ارجن ڪي، ڇاپو ڀهريون جگتراءِ ايسرداس حيدرآباد، صفحا 52._مخزن لطيف ٻاري سال 1944ع واري پرچي ۾ مضمون شاهه ۽ شيڪسپيئر_1946ع واري آخري پرچي ۾ مضمون شاهه جو سنيهو شايع ٿيس.

ايڇ_ٽي دادلاڻي_مضمون شاهه جا سورما_مخزن لطيف ٻاري 1946ع.

سوڀراج نرملداس_مضمون شاهه طالب، مخزن ڊي_جي. سنڌ ڪاليج مسلني 1925ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي_(جنم 1 آڪٽوبر 1932ع قمبر لاڙڪاڻو)مقالو ”شاهه ڀٽائي جي سنڌي لوڪ ادب کي دين“ ساليانو ادبي چمن، گجرات سنڌي اڪيڊمي گانڌي نگر 1990ع .

ايس پرمانند پنجاڻي_ مضمون ”شاهه جا شهيدن تي قول“ سنڌو مخزن مئي 1947ع. سندس ٻيو مضمون ”مومل ۽ سندس گناهه“ سنڌو آڪٽوبر 1946ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروهت ڪي-وي-مضمون "شاهہ ڀٽائي ۽ وطن جي حب" نئين زندگي نومبر 1950ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

مايا ساگر اوڏ-مضمون "شاهہ سائين جا سر، سورميون ۽ سورما" ماهوار امرتا (شاهہ لطيف نمبر) مرتب ۽ ايڊيٽر فقير محمد ڏول. ڇاپو پهريون سال 2011ع ۾ ڇپيو.

گرداس واڌواڻي- (جنم 7 جون 1911ع حيدرآباد)مضمون "شاهہ جي رسالي جي شرح".

جواهر ٺاڪرداس- مضمون "شاهہ جو شاعراڻو تصور" ڪتاب " لطيف سالگره مخزن (ٻہ سؤ ستين ٻہ سؤ اٺين ورسي) " مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد سال 1960ع. ساڳيو مضمون ڪتاب گلستانِ لطيف، 13 جولاءِ 1962ع ۾ شايع ٿيل آهي.

نند جويري-مضمون "نوري ۽ ناري" ڪلاچي تحقيقي جرنل. ايڊيٽر ڊاڪٽر فهميده حسين. جلد اٺون شمارو ٻيون، ڇپائيندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي سال ڊسمبر 2005ع. مقالو- شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ مومل ۽ سسئيءَ جو ڪردار. حوالو- ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. سال 2015ع.

ڪلا پرڪاش-مقالو- شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ٻيجل ۽ اٺ جو ذڪر. ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. ۾ شايع ٿيل.

روچيرام گنگارام سڌاڻي- مضمون. شاهہ سائينءَ جي مارئي.

وي. ٻي. مولچنداڻي- مضمون. شاهہ سائينءَ جي مارئي. حوالو- ڪتاب. شاهہ لطيف هڪ تحقيقي ۽ تخليقي اڀياس. مرتب- رڪيل مورائي. ڇاپو پهريون 2015ع.

ڦلو ڪي، ميگهواڙ- مقالو "سر سامونديءَ جي واين تي اعتراض" ڪلاچي تحقيقي جرنل جلد نائون شمارو پهريون سال مارچ 2006ع. مقالو سر مارئي ۾ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو سماجي، لساني ۽ ثقافتي اڀياس. ڪلاچي تحقيقي جرنل ايڊيٽر پروفيسر محمد سليم ميمڻ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي جُون 2015ع. مقالو- شاهہ لطيف ۽ ٿر جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماج. حوالو ڪتاب. ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون. مرتب_ منظور احمد ڪناسرو. ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ. ڇاپو پهريون 2015ع.

ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي_مقالو ”حواسن ڪي حظ بخشيندڙ شاهه جو شعر“ ڪلاچي تحقيقي جرنل جلد ستون شمارو ٻيون سال جون 2004ع.

پيسومل، اُتمچند_ڪتاب ”رسالي مان شاهه عبداللطيف جا ڪلام“ ڇپائيندڙ اتمچند پيسومل بوڪ سيلرس حيدرآباد ڇاپو پهريون 1932ع.

خوشيرام خوشحالاڻي_ڪتاب ”درويشي ڪلام“ ڪوڙومل ساهتيه منڊل حيدرآباد 1941ع. هن ڪتاب ۾ ٻين صوفي درويشن جي ڪلام سان گڏ شاهه لطيف جو چونڊ ڪلام ڏنل آهي.

جيوتي آسراڻي_ڪتاب ”ڀٽائي جا بيت“ هڪ ننڍڙو مجموعو الهاس نگر مان 1966ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو.

ڪيول ملڪاڻي_(جنم 19 نومبر 1921ع حيدرآباد. وفات 27 آڪٽوبر 2003ع ممٺبي)_هن جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب (The Sindh Story) هن ۾ شاهه_سچل ۽ ساميءَ جي هڪ باب ۾ معلومات ڏنل آهي.

پروفيسر لڪشمڻ پرسرام هردواڻي_(جنم 3 مئي 1942ع سيوهڻ)_ پاران ديوناگري سنڌيءَ ۾ التوڪيل ”شاهه جو رسالو“ ۽ ”ساميءَ جا سلوڪ“ جيڪي اپريل 2006ع ۾ شايع ٿيا.

سرسوتي مولسنگهه بجاڻي_ڪتاب ” شاهه جون وايون (مڪمل) “ ڇاپو پهريون بمبئي 1988ع.

ڀاونداس خوبچند آڏواڻي_ڪتاب سر ڪيڏارو.

ڄيٺانند آڏواڻي_ڪتاب شاهه البم ڇاپو 1946ع.

خوشي رام سودائي_ هن جيڪو نسخو يا بياض 1880ع ۾ لکيو ان ۾ شاهه سائين، خوش خير محمد هيسباڻي، دريا خان، شاهه نصير، بيدل، دلپت ۽ سندس ڪلام ڏنل آهي.

دامودرلال بندو_ڪتاب ڪلڪ عرف شاهه جي سهٽي. ڇاپو پهريون گل گلزار پرڪاشن بمبئي 1959ع.

ڏيو ٻٽاڻي_ڪتاب ”شاهه جي ميناج ۽ گهرائي“ ڇاپو ٻيو ٻياس پبليڪيشن گجرات 1990ع.

گدومل ڪٽمل هرجاڻي-ڪتاب ”شاهہ جون ڪافيون“ ڇاپو پهريون- سرسوتي ساهتيہ گهر اجمير 1949ع. هن ليکڪ جو ٻيو ڪتاب ”ابيات عبداللطيف“ عرف شاهہ جو رسالو ڇپائيندڙ رميش هرجاڻي. هن ڪتاب ۾ شاهہ لطيف جا چونڊ بيت انگريزي ترجمي سان ڇپائي پڌرا ڪيا ويا.

ديال آشا-ڪتاب ”سنڌي شعر جي تواريخ“ هن ڪتاب ۾ لطيف سائين متعلق الڳ باب ڏنل آهي.

ڊاڪٽر ديال آشا- ڪتاب. سنڌي شعر جي تاريخ. ڇپائيندڙ انجلي پرڪاش الهاس نگر ممبئي. ڇاپو پهريون 1984ع. مضمون.صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هيءُ مضمون شاهہ سائين جي مجموعي شاعري بابت چڱو چوکو مواد سانديندڙ آهي. جيڪو سياڻي جي محقق لاءِ رهنما ٿيندو.

ڪومل موٽواڻي-مضمون- ڀٽائيءَ جو آدرشي انسان.

پريولال-مضمون-ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سجاڳيءَ جو سڏ .

پريش ڪمار-مضمون- ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سجاڳيءَ جو سڏ .

گهنشام داس-مضمون- ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سجاڳيءَ جو سڏ .

ڊي-ڪي منشاراماڻي-مضمون. رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو. هي هڪ اهڙو مضمون آهي جيڪو نہ رڳو آڳاٽو آهي پر آڳاٽن رسالن جي مرتبن ۽ لکندڙن بابت پڻ اسهمتيون ظاهر ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه لطيف جي لوڪ قصن تي مشتمل هندو ليکڪن جا ناٽڪ

ڪڇ ۾ شاهه جي مريد فقير تمر ناٽڪ طرز ۾ شاهه جا شعر اُچاريندو هو. جو اِڳتي هلي شاهه جي بيت، ناٽڪي انداز ۾ اُچارڻ بني ڪڇ ۾ پرمپرا (روايت) بڻجي وئي. اهڙي طرح وري لاڙ سنڌ ۾ ٻين ماڳن تي شاهه سائينءَ جي دوست مدن ڀڳت ان روايت کي برقرار رکيو.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ناٽڪ جي پهريون پيرو نشاندهي ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ڊي-جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهائڻ دوران پنهنجي تقريرن، مضمونن ۽ مقالن ۾ ڪئي هئي. هن شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي حوالي سان شاهه جي سورمين ۽ سورمن جي ڪردار نگاريءَ کي ناٽڪي ڪونيو آهي. هو لکي ٿو ته ”شاهه جو نمونو به انگريزي شاعر شيڪسپيئر وانگي ناٽڪ جهڙو آهي.

شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي ڊرامائي روپ کي نظر ۾ رکندي شاعريءَ جي پس منظر ۾ سنڌي ناٽڪ لکڻ جي شروعات سنڌي ناٽڪ ۾ حقيقت نگاريءَ جي باني خانچند درياڻيءَ 1922ع ۾ ڪئي. هن سُر مومل راڻي تي پهريون ناٽڪ ’مومل مينڌرو‘ لکيو. جنهن جو بنياد شاهه سائين جي شاعريءَ تي هو. هن ناٽڪ کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ هنڌ هنڌ تي شاهه يتائيءَ جي شاعري ڪتب آندي. جنهن سندس ان ڪامياب تخليق کي وڌيڪ دلچسپ بڻايو. اهو ناٽڪ پهريان سنڌي ساهت سوسائٽي شايع ڪرايو جنهن کانپوءِ اهو ناٽڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي هدايتن هيٺ ’ڊي-جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچيءَ‘ پاران اسٽيج ڪيو ويو. ان ناٽڪ ۾ اداڪاري ڊي-جي ڪاليج جي شاگردن ڪئي. ناٽڪ جي هدايتڪار پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ان ناٽڪ جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته ”ان ۾ بيت ۽ ڏوهيڙا شاهه صاحب جا ڪم آندل هئا ۽ ڪردارن جي زباني اهي ٺهڪندڙ هئا. هن ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي هڪ ڇوڪري مڪند لالا ڏاڍي نفيسائي ۽ اُتساهه وچان ڪيو هو ۽ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا ميناج پريا ڳايا هئا، راڻي جو پارٽ موتي جڳتياڻيءَ ڪيو هو“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ناٽڪ ڪانپوءِ لعل چند امر ڏني مل عمر مارئيءَ جي قصي تي ’عمر مارئي‘ لوڪ ناٽڪ لکيو جيڪو رابندر ناٿ ڊرئمٽيڪ ڪلب حيدرآباد پاران 1925ع ۾ اسٽيج ٿيو. اهو ناٽڪ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ساڳئي ناٽڪ منڊليءَ ور ور ڏئي ڏهہ ٻارهن ڀيرا اسٽيج ڪيو هو. 1929ع ۾ ساڳيو ناٽڪ ”عمر مارئي“ حيدرآباد شاخ وارن ڪراچي ٿياسافڪل هال ۾ انڊين گرلس اسڪول جي ساهتا لاءِ ڪري ڏيکاريو جنهن ۾ موسيقي ۽ هدايتڪاري برک سنگيت ماهر احمد چاڳلا ڪئي ۽ راڳين سان طرحين طرحين جا ساز وڄايا هئائين، اتي بہ ناٽڪ ڪامياب ويو. لعل چند امر ڏني ٻيو ناٽڪ ’سهڻي ميهار‘ لکيو پر اهو اسٽيج تي نہ اچي سگهيو. جنهن ڪانپوءِ هن ’سسئي پنهون‘ ناٽڪ ڍنگومل سان گڏجي لکيو پر اهو بہ اسٽيج نہ ٿي سگهيو ۽ نہ وري شايع ٿي سگهيو. 1930ع ۾ روچيرام سڌاڻيءَ قصو عمر مارئي لکيو. 1932ع ۾ مزاحيہ اداڪار منگل سنگهہ رامچنداڻيءَ ’سسئي پنهون‘ ناٽڪ لکيو هو جيڪو ’ينگ سٽيزنس ڊرئميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد‘ پاران اسٽيج تي آندو ويو. ان ۾ بہ شاهہ جون ڪافيون ۽ وايون ڏنل هيون. ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻي 1936ع ۾ ’ليلا چنيسر‘ جي لوڪ داستان تي ناٽڪ ’هڪڙي رات‘ جي نالي سان لکيو. هي ناٽڪ اسٽيج تي ڪونہ آيو پر ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. جنهن جو مهاڳ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو.

شاهہ جي شاعريءَ جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لوڪ ناٽڪ لکڻ جي پختي روايت سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻي وڌي. هن 1941ع ۾ ڊي-جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ تي ڪاليج جي غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هڪ ناٽڪ ’مومل راڻو‘ لکي اسٽيج تي آندو. جنهن جون هدايتون ڪاليج جي استادن هيرانند ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ ڏنيون. هن ناٽڪ ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي شاگرد ياڻي مئنا واسواڻيءَ ادا ڪيو هو جنهن شاهہ جا بيت ۽ وايون سُريلي آواز ۾ ڳايون. راڻي جو ڪردار ڪملا ڪرپلاڻيءَ مرداڻي انداز ۾ ڪيو. رُڪَ آڏواڻي سومل بڻي. رام پنجواڻيءَ شاهہ جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ لوڪ داستان ’عمر مارئي‘ تي ’پکي ۽ پدمڻي‘ جي نالي سان لکيو. جيڪو 1943ع ۾ ڪاليج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شاگردياڻين پنجواڻي صاحب جي ’سنڌي سرڪل‘ جي پليٽ فارم تان سندس ئي هدايتڪاريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. جنهن ۾ عمر جو ڪردار مئنا. مارئيءَ جو ڪردار ڪملا ٿڏاڻي ادا ڪيو هو. هن ناٽڪ ۾ رام پنجواڻي پڳت جي روپ ۾ پيتائيءَ جي شاعري موهيندڙ انداز ۾ ڳائي هئي. رام پنجواڻيءَ جو شاهہ جي لوڪ ڪهاڻين تي رچيل ناٽڪ، ڪتاب سنڌ جا ست ناٽڪ 1977ع ۾ شايع ٿيو.

نئيدي ڪند جي ورهاڱي جي هلچل تيز ٿيڻ سبب هن دؤر ۾ ناٽڪ سرجڻ گهٽجي ويا ۽ ورهاڱي کان اڳ 1946ع ۾ نانڪرام ڏرمداس لوڪ ناٽڪ ’سهڻي ميهار‘ لکيو جيڪو ماهوار ’پارت جيون‘ حيدرآباد ۾ شايع ٿيو ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ آخري لوڪ ناٽڪ ’سسئي رُل مُئي‘ لعل چند امر ڏني مل 1946ع ۾ لکيو جيڪو ’مهراڻ مخزن‘ ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو.

قاسم راڄپر پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ. ورهاڱي سبب سنڌي ناٽڪ جي جُڙيل شاندار روايت پوئتي پئجي وئي، سنڌي ناٽڪ جا سرپرست، ليکڪ ۽ فنڪار گهڻي ڀاڱي هندو هئا، جيڪي لڏي هندستان هليا ويا. جنهن سبب سرحد جي ٻنهي پاسن کان سنڌي ناٽڪ ڪجهہ سال ماٺ رهيو پر چوندا آهن تہ ناٽڪ ڪڏهن مرندو ناهي. هند ۾ سنڌي ناٽڪ کي ٻيهر جيئارڻ جي ڪوشش بہ لطيف جي نالي سان رام پنجواڻيءَ ڪئي. هن سنڌ ۾ شاهہ جي ستن ئي سُورمين تي لکيل پنهنجا ناٽڪ پناهگير ڪئمپن ۾ آباد سنڌين کي هٿ جي ٺهيل اسٽيج تي ڪري ڏيکاريا. ايئن لطيف جي ڪلام وسيلي وندرائي، هن سنڌين جي ڏکن جو بار هلڪو ڪيو. ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪن جو پهريون مجموعو رام پنجواڻيءَ جو ’سنڌ جون ست ڪهاڻيون‘ 1952ع ۾ شايع ٿيو جيڪو گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ ئي لکيو ويو هو. ان ۾ شاهہ جي ستن ئي سورمين کي سندس ڪلام جي روشنيءَ ۾ ڊراما ئي روپ ۾ اسٽيج تي پيش ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ساڳئي سال جئہ هند ڪاليج سنڌي سرڪل، بمئبيءَ پاران اهي ست ئي سورميون اسٽيج تي بہ آيون. 1955ع ۾ موتي لعل جوتواڻي، نيم تاريخي قصي تي ٻڌل ناٽڪ ’ليلان چنيسر‘ لکيو جيڪو سنڌي نوجيون سڀا دهليءَ پاران اسٽيج تي آيو. جڏهن تہ 1952ع ۾ ڪشنچند نيپراج ڏيواڻيءَ جو لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناٽڪ ’سهڻي ميهار‘ چندن پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. سدا حيات پوپٽي هيرا نندائي شاهه جي ڪلام کي بنه نئين انداز ۾ ناٽڪي روپ ڏنو. اهو نرتيه ناٽڪ (Ballet) جو انداز هو. جنهن ۾ پوپٽيءَ جو ڪوثاني نه هو. هن شاهه جي ڪلام جي پس منظر ۾ 1962ع ۾ نرتيه ناٽڪ ’راءِ ڏياچ ۽ سورٺ‘ ، سنڌي پڳت ’مومل راڻو‘ لوڪ سر بمبئيءَ پيش ڪيو. ’مومل راڻو‘ پڳت تماهي ’استيج‘ مخزن، جنوري_مارچ 1998ع ۾ شايع ٿي. ان ۾ به هن شاهه جو ڪلام ڪتب آندو آهي. پوپٽيءَ جو هڪ ٻيو نرتيه ناٽڪ ’سهڻي ميهار‘ به نه رڳو بمبئي توڙي ٻين شهرن ۾ استيج تي آيو پر شايع به ٿيو. ارجن حاسد، لطيف جي سورمي مارئيءَ تي نرتيه ناٽڪ ’عمر مارئي‘ لکيو جيڪو 26 جون 1983ع ۾ احمد آباد ۾ غير سنڌين جي هڪ ناٽڪ منڊليءَ پاران پيش ڪيو ويو. ان ناٽڪ جو هدايتڪار چمن تپودن به سنڌي نه هو. هي سنڌي لوڪ سنگيت ناٽڪ جو هڪ ڪلاسيڪل تجربو هو. اهو ناٽڪ استيج مخزن ۾ به شايع ٿيو.

سنڌ هند جي برک اديب لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘ 1967ع ۾ ’سُر سورٺ‘ ۽ 1969ع ۾ ’سُر سامونڊي‘ تي مشتمل ٻه ناٽڪ لکيا، جڏهن ته هن ٽيون ناٽڪ ’مومل راڻو‘ 1969ع ۾ لکيو. جيڪي سنڌو ڪلا ڪيندر دهليءَ پاران رنگ منچ تي به آندا ويا. جڏهن ته اهي ڪيترائي ڀيرا شايع به ٿيا. اهي ٽئي سنگيت ناٽڪ به شاهه سائينءَ جي ڪلام کي ذهن ۾ رکي لکيا ويا. گوردن ڀارتي هند جو مڃيل شاعر ۽ ناٽڪ نويس آهي. هن به شاهه سائينءَ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ ڪيترائي ناٽڪ لکيا، جن ۾ مومل راڻي جي لوڪ داستان تي مشتمل ’رات رُسي ويو راڻو‘ ، لوڪ ڪهاڻي سهڻي ميهار تي ’ آءُ ڪنن ۾ ڪاهي‘ ۽ عمر مارئيءَ جي قصي کي بنياد بڻائي، هن شاهه سائينءَ جي سُر جي روشنيءَ ۾ ’ڪوٽن ۾ قرار‘ لکيو. اهي ناٽڪ پڻ 1968ع ڏاري لکيا ويا. جيڪي سنڌي ڪلچرل سوسائٽي دهليءَ پاران منچ تي آيا. 1973ع ۾ رام ٻيلاڻي خمار به سنگيت ناٽڪ ’راءِ ڏياچ‘ ۽ ’مومل راڻو‘ لکيا. جيڪي جوتي ڪلامندر بمبئيءَ پاران رنگ منچ تي آيا. 1975ع ۾ هوندراج دکايل جو لوڪ ڪهاڻيءَ جي بنياد ’عمر مارئي‘ ناٽڪ لکيو جيڪو سنڌو ڪلامندر گانڌي ڌام آديپور پاران استيج ڪيو ويو. جئپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪاش واڻيءَ تان گورڌن ڀارتيءَ جا شاهہ جي سٽن سورمين تي لکيل ناٽڪ پيش ٿي چڪا آهن، جن ڪي هند ۾ بيحد سارا هيو ويو. انهن ناٽڪن جو هدايتڪار موهن مرچنداڻي هو. هنن ناٽڪن سنڌي ريڊيو ناٽڪن کي هڪ نئون روپ ڏنو. احمد آباد آڪاش واڻيءَ تان ڊاڪٽر لکمي چند پريم، جا لکيل ناٽڪ 'ليلا چنيسر' ۽ 'مومل راڻو' نشر ڪيا ويا.

هند ۾ ڊاڪٽر جيتو لالواڻي اهو محقق ۽ ناٽڪ نويس آهي، جنهن نہ رڳو هر قسم جا سنڌي ناٽڪ لکيا آهن پر سنڌي ناٽڪ تي سڀ کان وڏيڪ تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا هن جا ئي لکيل آهن. شاهہ جي شاعري نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ جيتي هڪ نئون تجربو ڪيو. هن 'عمر مارئي' داستان تي شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ پپيٽ ناٽڪ عمر مارئي لکيو. جيڪو دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پپيٽ ماهرن مهيپت ڪوي ۽ ليلا ڪوِي پيش ڪيو. هند ۽ سنڌ ۾ اها پهرين وٽنڊڙ ۽ لاجواب ڪوشش رهي. هڪ ڪلاڪ جي ان پپيٽ ناٽڪ جي ڊي-وي-ڊي هند توڙي ٻين ملڪن ۾ ڪافي مقبول آهي، جنهن ۾ نرتيہ انداز ۾ سنگيت بہ شامل ڪيو ويو آهي.

هندستان ۾ دور درشن بمبئي تان ڪان موتيهار جو لکيل 'سهڻي ميهار' ۽ دور درشن احمدآباد تان لکمي چند جو لکيل 'مومل راڻو' پيش ٿي چڪا آهن. هندستان ۾ ڪجهہ ٻيا لوڪ ناٽڪ بہ دور درشن تان ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن. شاهہ سائينءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي حوالي سان هندستان ۾ سڀ کان اهم ڪم منوهر بيدي ۽ جڳديش لڇاڻيءَ جو لکيل ٽي-وي ناٽڪ 'نيڻين نِندَ حَرام' آهي. اهو ناٽڪ ويڙا پبليڪيشن الهاس نگر پاران 1993ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي ناٽڪ اڃا تائين ٽيليڪاسٽ نہ ٿي سگهيو آهي. هن وڊيو ناٽڪ جي مهاڳ شاهہ جو شارح پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ لکيو آهي.

شاهہ جي شاعريءَ جي پسمنظر ۾ هندستان ۾ ناٽڪ نہ رڳو گهٽي ۾ گهڻا لکيا ويا، پر گهٽي ڀاڱي اسٽيج بہ ڪيا ويا. اهو سلسلو اُتي اڄ بہ جاري آهي. مٿي ذڪر ڪيل ناٽڪن ڪانسواءِ بہ اڻ ڳڻيا سنڌي لوڪ ناٽڪ، شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ واري پلاٽ کي نظر ۾ رکي لکيا ويا آهن. گهڻن ناٽڪن

جو مرڪزي خيال پتائيءَ جي شاعريءَ فلسفو آهي. ان جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ گهڻ ناٽڪ لکيا ويا ۽ اسٽيج بہ گهڻ ٿيا.

شاهہ جي رسالي جو هندي ترجمو

ڀارت ۾ شاهہ جي رسالي جو پهريون هندي ترجمو هڪ غير سنڌي عالم مٽي شنڪر دوويديءَ "شاهہ لطيف ڪاڪاويہ" نالي سان نثر ۾ ڪيو. هي ڪتاب ساهتيہ اڪادمي دهلي 1969ع ۾ شايع ڪيو آهي.

شنڪر آزاديءَ بعد حيدرآباد کي خيرآباد چئي پنهنجي اباڻي شهر جوڌپور (راجستان) رهڻ لڳو. مٽي شنڪر کي مهاراج نيٽورام جي پٽ لوڪرام شرما پنهنجي پتا جو لکيل هڪ گٽڪو ڏنو. ان مان ديوناگري لپيءَ مان شاهہ جا ڏيڍ هزار کن چونڊ بيت پڙهيا ۽ بمبئيءَ ۾ ٿيل هندي ڪانفرنس ۾ ويهن صفحن جو هڪ مقالو ان تي پيش ڪيو. اهو مقالو هندي عالم راج رشي پرشوتم داس ٽنڊن کي بيحد پسند آيو ۽ هن کيس ترجمي لاءِ همٿايو تہ جيئن شاهہ جو فڪري پهلو عوام تائين پهچي، پوءِ مٽي شنڪر بيتن جو اڀياس شروع ڪيو ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ تي جيٺمل پرسرام ۽ لالچند امرڏني مل کان مدد ورتائين. ان کان پوءِ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي وٽ سڄو مهينو هر روز وڃي سيئي بيت ان کي پڙهايائين ۽ سمجهيائين. جيڪي هن ترجمي ڪرڻ لاءِ چونڊيا هئا. اهڙي طرح چونڊ بيتن جو ترجمو وڏي جاکوڙ ۽ اڀياس سان ڪيائين ۽ بيتن جي پڙهڻي ڪلياڻ آڏواڻي واري "شاهہ جي رسالي" جي طرز مطابق رکيائين. هن ترجمي جا پروف ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻيءَ چيڪ ڪيا. هن ترجمي ۾ ٽيهن ئي سرن مان چونڊ 660 بيت ترجمو ڪيا. مترجم جي وفات 8 اپريل 1967ع ۾ ٿي. افسوس جو مٽي شنڪر پنهنجي محنت کي ڪتابي صورت ۾ ڏسي نہ سگهيو. اهڙي طرح اهو ڪتاب سندس وفات کان 2 سال پوءِ سال 1969ع ۾ "شاهہ لطيف ڪاڪاويہ" نالي شايع ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀارت ۾ ڇپيل شاھ جي رسالي جو انگريزي ترجمو

دھلي ۾ ڪٿا نالي اداري سال 2005ع ۾ شاھ جو چونڊ شعر ”شاھ عبداللطيف ـ سيڪنگ دبلوبد“ انگريزيءَ ۾ شايع ڪيو. اھو ترجمو انجو ماڪيجا ۽ سدا حيات شاعر ھري دلگير جو ڪيل آھي. ڪتاب جو مھاڳ انجو ماڪيجا ۽ ھري درياڻي دلگير لکيو. ھن ترجمي ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي شاھ جو رسالو آڌار ڪنيو ويو آھي. سر مطابق ھر بيت ھيٺان داستان ۽ بيت جو نمبر پڻ ڏنل آھي. ھندي ۽ گجراتي ترجمي ۾ اھا وڏي کوٽ ھئي. جنھن ڪري انھن بيتن کي رسالي ۾ ڳولڻ تمام ڏکيو محسوس ٿئي پيو. ھن ۾ بيتن جي چونڊ ان جي ادبي ملھہ، موضوع ۽ شاھ جي فلاسافيءَ جي آڌار تي ڪئي ويئي آھي. ھر سر جي شروعات ۾ ان بابت ٿوري گھڻي ڄاڻ ڏنل آھي.

شاهہ جي رسالي جو گجراتي زبان ۾ ترجمو

ڈُليراءِ ڪاراڻي گجراتي ۽ ڪڇي ٻوليءَ جو عالم ۽ محقق هو. هن سنت ساهتيہ لوڪ ادب ۽ ڪڇ جي تاريخ جو اونهو اڀياس ڪري ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. پاڻ جڏهن شاهہ جو شعر پڙهيائين تہ ان جو شائق ٿي پيو ۽ ان جو گجراتي ترجمو ڪري گجراتي ادب کي ان سان واقف ڪرايائين. دليراءِ ڪاراڻيءَ هيءَ ترجمو ”رسالو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو“ احمد آباد گجرات مان 1979ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڈُليراءِ ڪاراڻي ترجمي جي شروعات ۾ شاهہ جي جيون ۽ سندس شعر بابت تفصيل سان ڄاڻ ڏني آهي. شاهہ جي شعر جي ساراهہ ڪندي پاڻ لکي ٿو تہ شاهہ جي رسالي ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي پريم ڪٿائن جا ڪردار سسئي پنهون، سهڻي ميهار، راڻو مومل، ليلان چنيسر، عمر مارئي وغيره کي اهڙي نموني دل کي ڇهندڙ بيتن ۽ ڪافين ۾ سجايو آهي، جو لوڪ جي دلين مان اهو ڪڏهن بہ ميسارجڻو ناهي.

هن رسالي جي مهاڳ ۾ ”ڪاراڻيءَ“ شاهہ جا بہ بيت درج ڪيا آهن جن ۾ نارايڻ سرووَر ۽ ڪوٽيشور جو ذڪر ڪيل آهي. شاهہ لطيف جو گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪيل بيت

ٺَهايہ جي نارائڻ سر، سمري هڪڙي ساءِ،
اوڏو آئيہ الله، ڪوٽيسر جي ڪنڌ ۾.

ڪوٽيسر جي ڪُنڌ تين، رئو آهي رام،
جن سنياسين سمريو اندر ٿيو آرام،
ڪروڙ ۽ ڪام، ويا وجودان نڪري.

(شاهہ)

ڪاراڻيءَ مطابق شاهہ جي اصلي رسالي ۾ تہ لڳ ڀڳ پنج هزار بيت آهن. پر هن پنهنجين محدودگين کي ڌيان ۾ رکندي هڪ اڌهزار بيت ئي ترجمو ڪيا آهن. هن مهاڳ ۾ راجستان سرڪار (مومل جي لوڪ ڪهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مومل جي ماڙيءَ جو فوٽو موڪلڻ لاءِ) ۽ پاڪستان سرڪار جي (شاهہ جي مقبري جي تصوير موڪلڻ لاءِ) شڪر گذاري مڃي آهي.

دليراءِ واري هن ترجمي ۾ ڪل 36 سر آهن. ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري رسالي ۾ ڏنل ٽيهن سُرن کان سواءِ ڇهہ ٻيا سر شامل آهن جن ۾ ٻيراڳ هندي، هير رانجهو سينهن ڪيڏارو ڏول مارئي، ڏناسري ۽ بسنت بهار. هر سُر جي شروعات ۾ ان سر بابت ڪجهہ معلومات بہ ڏنل آهي.

نوٽ:- وِمي سدارنگاڻي- مقالو ”شاهہ جي رسالي جا پارت ۾ ٿيل ترجما“ هي مقالو (شاهہ سائين جي 266هين عرس) 2010ع تي ڀٽ شاهہ ۾ انٽر نيشنل شاهہ لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو هو. مٿيون مواد ان مقالي مان اختصار ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

گجراتي زبان ۾ شاهہ لطيف متعلق مختصر ڪتاب

ڊاڪٽر شرت پائي نڪر جو ڪتاب ”شاهہ عبداللطيف“ (جيون ۽ رهسيہ درشن) هي تحقيقي ڪتاب 1992ع ۾ گجراتيءَ ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ، ڪڇ، گجرات، راجستان، بلوچستان ۽ افغانستان جي جن جن علائقن جي زيارت شاهہ عبداللطيف ڪئي هئي ان جو نقشو پڻ ڏنو ويو آهي. صوفي عشق کي پيش ڪندڙ شاهہ صاحب جون لوڪ ڪٿائون، سهڻي ميهار، سسئي پنهون، مومل راڻو راءِ ڏياچ جهڙن قصن جون گجراتيءَ ۾ بيت سمجهاڻيءَ سميت ڏنل آهن. ڊاڪٽر شرت نڪر هن ڪوجنا تمڪ ڪتاب جوڙڻ ۾ گجراتيءَ جي 40، سنڌيءَ جي 3، هنديءَ جي 32، سنسڪرت جي 11 ۽ انگريزيءَ جي 215، جملي 301 ڪتابن جي مدد سان ڪتاب جوڙيو آهي.

ڊاڪٽر جينولالواڻي لکي ٿو تہ ڪڇي ادب جيڪو گهڻي ڀاڱي گجراتي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل آهي تنهن ۾ شاهہ صاحب کي ڪڇ جو سر تاج شاعر سڏيو ويو آهي. ڪتاب ڪڇ ني جهوني وارتائون (1928ع) ۽ ڪڇ ني رس ڌارا (1952ع) -ليک جيورام اجرامل گوا، ڪتاب ڪڇ ني رس ڌارا (1927ع) -جيرامداس نئہ گانڌي،ڪتاب ڪڇ ني لوڪ ڪٿائون(1929)

لالجي موڙجي جوشي، ڪتاب ڪڇ لوڪ ني لوڪ وارتائون 1943ع- ڏونگرشي ڌرمشي سنپٽ. ان ڪانسواءِ راٽا منگل سنگهہ ڪتاب ڪڇ ناسنتو (1958ع)- ڪرشن داس ماٽيڪ سنڌي ني پريم ڪٿائون نالي ٻہ ڪتاب شايع ڪيا، جن ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ لوڪ ڪٿائن، شاهہ جي سورمن ۾ سورمين جو ذڪر ڪيو آهي. ڪرشنداس ماٽيڪ ”چارڻ ٻيجل راءِ ڏياچ“ ڪي ننڍي ناول جي روپ ۾ شايع ڪيو.

سنڌي- گجراتيءَ جي ٻر ڪ اديب جينت ريلواٽي گجراتيءَ ۾ (1) شاهہ لطيف (جيون چريتر) (2) سنڌو تارا وهتاپاٽي (3) ڪڇ سنڌ ناسنتو (4) رهسيہ وادي صوفي سنتو ۾ (5) ”ڪچڙي سنڌو نير“ ڪتابن ۾ شاهہ صاحب جو ذڪر ڪيو آهي.

شاهہ صاحب جو ڪلام ٻني ڪڇ ۾ هر هنڌ، هر موسم ۾ هر خوشيءَ جي موقعي تي جهونگاريو ويندو آهي. اتي اهڙي ڪابہ ڪچهري نہ هوندي آهي. جتي شاهہ صاحب جي ڪلام جي پلٽ پلٽان نہ ٿيندي هجي. ڪچهري جڏهن مچندي آهي. تڏهن سگهڙ هڪ ٻئي ڪي ڳجهارتون ۾ پروليون ڏيڻ شروع ڪندا آهن جن ۾ گهڻيون ڳجهارتون شاهہ جي رسالي جي سرن تي آڌارت هونديون آهن.

ڊاڪٽر پرسوگدواڻي ۾ لالجي همٿوجي سوٿهڙ سر سسئي- مارئي- سر سهڻي ميهار- سر مومل راڻو- سر ليلاچنيسر- سر سورٺ تي آڌارت انيڪ ڳجهارتون ڏئي. ڪتاب ڳجهارتون 1990ع ۾ شايع ڪيو ۾ ڪلاڌرمتوا- ڪتاب ڳجهارتون ترتيب ڏنو جيڪو 2012ع ۾ شايع ٿيو. ڪلاڌر متوا جي محنت جاري آهي. ٻني ڪڇ ۾ داستان مارئي- ٿيہ اڪري- ٿيہ راتيون- مارئي جون ٿيہ تاريخون ڳائيندڙ سگهڙ لالجي همٿوجي سوٿهڙ جيڪو پڻ ڪچهريءَ ۾ موج مچائيندو آهي. جيٺي لالواڻيءَ جو ڪتاب- سنڌو نو وهيتو نير 2003ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ بہ شاهہ صاحب جي لوڪ ڪٿائن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جي واين جو ديوناگري ٻوليءَ ۾ انيل ڪمار جو ڪيل ترجمو

پريالوءِ (خيرپور) سنڌ جي نوجوان انيل ڪمار ٿن مهينن اندر شيخ اياز جو اردو ترجمو ڪيل شاهہ جي رسالي جو هندي رسم الخط ديوناگري ۾ ترجمو ڪيو آهي. انيل ڪمار ٻڌائي ٿو جون 196 وايون اردو مان ديوناگري ۾ ترجمو ڪيون آهن. هن نوجوان شاهہ جي شيدائيءَ اهو ترجمو 2006ع ۾ ٽن مهينن ۾ لکي مڪمل ڪيو. پاڻ ان کي ڇپائڻ لاءِ سرڪاري ادارن جا چڪر ڪاٽي رهيو آهي. پر ڪيس نااميديءَ جو منهن ڏسڻو پيو. سندس خواهش آهي تہ دنيا جي ڏيڍ ارب هندي ٻولي ڳالهائيندڙ بہ لطيف سرڪار کي ديوناگري ۾ پڙهن ۽ سمجهن. هندي گلوڪار هن کي ڳائين تہ جيئن لطيف جو پيغام عام ٿئي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين رسي.

شاهہ جي رسالي جي لغتن جو مختصر جائزو

شاهہ جي رسالي جي اهنجن اکرن جي لغات لکڻ جي شروعات، هندو ليکڪن مان سڀ کان پهريائين ليلارام وطن مل لالواڻي 1889ع ۾ ڪئي هن شاهہ صاحب جي حياتي ۽ ڪلام تي انگريزي زبان ۾ ڪتاب "دي لائيف رليجن اينڊ پوئٽري آف شاهہ لطيف" جي نالي سان ڇپايو. جنهن جي ٻئي ڀاڱي ۾ رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏني. ان لغت کي لکڻ لاءِ ليلارام، آخوند احمدي ڪان پڻ مدد ورتائين. ليلارام لکي ٿو تہ شاهہ جي رسالي جا ڪيترائي منجهائيندڙ تڪ، جيڪي ڏهن آخوند صاحب مونکي نہ سمجهائي ها تہ مان سوين چڪون ڪريان ها. شاهہ صاحب جي رسالي جي جيتري سُڌ ڪيس آهي. تنهن جي اڌ جيتري بہ سڄي سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن کي ڪانهي. ليلارام کان پوءِ پيرومل مهرچند آڏواڻي غريب اللغات سن 1907ع ۾ قيصريہ پريس حيدرآباد مان ڇپائي. هن ۾ رسالي جي ابتدائي ٽن سرن (ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ کنڀات) جون معنائون ڏنل آهن. پيرومل لغت تيار ڪرڻ وقت سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ ويو. خاص طور لاڙ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿـر ۾ ورجي ڪيتـرن ئـي لفظـن جـون معنـائـون معلـوم ڪيـائين. پـاڻ آخونـد عبدالرحيم محمد وفا عباسي جي قلمي (سنڌي ـ فارسي لغت) مان پـڻ گهڻـي مدد ورتائين ۽ ٻارنهن ورهين جي محنت کان پوءِ تعليم کاتي وارو رسالو آڏو رکي اها لغت تيار ڪيائين. هندستان مان تيج قابل ـ شاهہ جي رسالي جي ڏکين لفظن جي ڪوش ”شاهہ فرهنگ“ جي نالي سان ڇاپو ڇپرايون انـڊيا وشنو پبليڪيشن 1994ع ۾ شايع ڪئي. مرزا قليچ بيگ ”لغات لطيفي“ ڇپرايون ڇاپو 1914ع ۾. (سنڌي ادبي بورڊ ٻيو ڇاپو 1967ع). ٽيون ڇاپو 1994ع (1415هہ). مرزا صاحب کي هن لغت تيار ڪرڻ ۾ 7 سال لڳي ويا. هيءَ رسالي جي پهرين مڪمل لغات آهي. جنهن ۾ معنيٰ سر وار ڏني وئي آهي. ڪل 37 سر (ڏاڙئين ڪلام سميت) هـن لغات ۾ شامل آهـن. نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي. ڪتاب ـ ٻاروچي ٻولي. ڇپائيندڙ ـ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو. ڇاپو ڇپرايون ڊسمبر 1984ع بمطابق ربيع الثاني 1405هہ. هيءَ لغت تيار ڪرڻ لاءِ سيد نجف علي شاهہ ڪمتر پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي 35 سال شاهہ عبداللطيف جي رسالي ۽ سندس ڪلام جي معنيٰ جي باري ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ، جهر جهنگ، ٿر ۽ بر ۾ ڏونگر ڏوريندو رهيو. پر افسوس جو ڪيس زندگيءَ ساٿ نہ ڏنو ۽ فقط هڪ جلد ”الف“ سان شايع ڪرائي سگهيو. ڪتاب ٻاروچي ٻوليءَ جو پهريون جلد جنهن ۾ شاهہ جي رسالي جا جيڪي بہ اکر ”الف“ سان شروع ٿين ٿا انهن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، روشني (شاهہ جي ڪلام جي لغت) ادارو ـ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد ڇاپو ڇپرايون 2002ع. صفحا 557. هيءَ لغت شاهہ جي ڪلام ۾ اساسي سنڌي ٻوليءَ جي لغت آهي. هن لغت ۾ شاهہ جي بيتن ۽ واين مان گهٽي ۾ گهٽ لفظن، حرفن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ شامل آهي، جن جو تعداد ساڍن سترهن هزارن جي لڳ ڀڳ آهي. ان کان علاوه ٻيون بہ شاهہ جي رسالي جون لغتون ۽ شرحون شايع ٿيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آغا تاج محمد

خان صاحب آغا تاج محمد ولد آغا عبدالمجيد خان 16 سيپٽمبر 1904ع تي ڳوٺ باگڙجي تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو هي مشهور اديب، شاعر، مقرر ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي.

آغا تاج محمد پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ ورتي ۽ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال سان سکر شهر جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي ۽ اتي پاڻ فارسي زبان ۾ علم استاد قاضي علي رضا کان ورتائين. آغا صاحب ڇهين درجي ۾ فارسي زبان جو ايترو تہ ذهين ٿيو جو فارسي بيت بازيءَ ۾ جيڪي اسڪولن ۾ ڇتاپيٽيون ٿينديون هيون انهن ۾ پاڻ بهرو وٺندو هو ۽ کيس گهٽ ۾ گهٽ 3 هزار فارسي بيت ياد هئا. پاڻ اسڪولن جي ڇتاپيٽيءَ جي پروگرامن ۾ تمام گهڻا انعام ۽ پوزيشنون حاصل ڪيائين. ان سبب هي آهي جو پاڻ سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانن ۾ نهايت سٺي تقرير ڪري سگهندو هو هن " آغا" جي تخلص سان شاعري بہ ڪئي.

آغا صاحب 1925ع ۾ سکر جي ميونسپل هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري پوءِ ڊي-جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو جتان سال 1929ع ۾ بي-اي پاس ڪيائين. ڪاليج وارو سمورو عرصو سنڌ مدرسي اندر ماستريءَ جي ملازمت بہ ڪندو رهيو ۽ 1932ع مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ مان بي-ٽي جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ کيس 1935ع ۾ سکر ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ ۾ فرسٽ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر ۽ پوءِ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. آغا صاحب تعليم سان گڏ جيڪو سوشل سروس جي سلسلي ۾ نمايان ڪم ڪيو تن خدمتن جي اعتراف ۾ کيس جون 1941ع ۾ "قيصر هند" جو تمغو عطا ٿيو.

1942ع ۾ کيس خيرپور رياست جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ان وقت خيرپور ۾ ايترو تعليم جو چرچو ڪونہ هو. آغا صاحب رياست جي انتظاميہ جي مدد سان پوري رياست جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تعليمي سرشتو پهچايو جهنگ جهر ۾ اسڪول کوليائين ۽ بهتر استاد پيدا ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو اهو پسمانده حصو تعليمي حيثيت سان اڄ

سنڌ جي ٻين علائقن کان اڳڀرو آهي. خيرپور رياست اندر هن صاحب جيڪو تعليمي ترقيءَ واسطي پاڻ پتوڙيو تنهن جي اعتراف ۾ کيس سال 1945ع ۾ ”خان صاحب“ جو خطاب مليو. اها به مزي جي ڳالھ آهي تہ ان وقت جن بہ صاحبن کي سرڪاري لقبن سان نوازيو ويو هو انهن مان آغا صاحب ننڍي مان ننڍي عمر وارو آفيسر هو.

1947ع ۾ کيس سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون رجسٽرار مقرر ڪيو ويو ۽ آخر تائين ان عهدي تي رهيو. آغا صاحب علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جهڙي عظيم شخصيت جي زير سايہ رهي سنڌ يونيورسٽي کي جيڪو عروج بخشيو اهو وسارڻ جهڙو نہ آهي.

آغا صاحب ڪجهہ غير ملڪي سرڪاري دورا بہ ڪيا. 1952ع ۾ اقوام متحده جي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل جو اجلاس نيويارڪ ۾ اپريل کان جولاءِ تائين منعقد ٿيو هو ان ۾ پاڻ پاڪستاني وفد جو اهم ميمبر هو ۽ اجلاس ۾ يونيسڪو رپورٽ تي يادگار تقرير ڪيائين. 1957ع ۾ تعليمي ماهرن جي مٽا سٽا جي اسڪيم تحت آمريڪا حڪومت جي خاص دعوت تي ٽن مهينن لاءِ آمريڪا جو دورو ڪيائين. پاڻ ايران جي دوري تي بہ ويو هو هن انهن سرڪاري دورن ۾ اتي جا تعليمي ۽ سماجي ادارا ڏٺا، عالمن ۽ ماهرن سان رهاڻيون ڪيون، مختلف گڏجاڻين ۾ پرمغز ۽ پرجوش تقريرون ڪيون ۽ پنهنجي ملڪ جي تعليمي اصلاح لاءِ گھڻو ڪجهہ حاصل ڪيو.

آغا صاحب کي سنڌي ادب سان بہ والهانہ شغف هو. هن 24 کن ڪتاب لکيا، جيڪي گھڻي ڀاڱي درسي آهن. انهن مان سنڌي گرامر ڀاڱو ٻيو نهايت مقبول نڪتو. جو هندستان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڻ پڙهايو ويجي ٿو.

آغا تاج محمد 1947ع کان 1959ع تائين شاهہ لطيف جي ساليانہ ڪانفرنس جو روح روان رهيو. سال 1949ع ۾ سيد ميران محمد شاهہ جي قابلِ احترام هدايتن هيٺ ”لطيف يادگار ڪاميٽيءَ“ جو بنياد پيو تہ ان ڪاميٽيءَ جو سيد ميران محمد شاهہ چيئرمين ۽ آغا تاج محمد سيڪريٽري ٿي رهيا. پوءِ 1949ع کان وٺي لطيفي لات جي تنوار شروع ڪئي وئي ۽ ان ڪاميٽيءَ جي ماتحت وڏي پئماني تي ادبي ڪانفرنس جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آغاز ٿيو. 49_1948ع ۾ ادبي ڪانفرنس ڪراچي جي ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۾ سڏائي وئي، جنهن جا مکيہ منتظم محترم سيد ميران محمد شاهہ، مرحوم شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم آغا تاج محمد صاحب جن هئا. ڪانفرنس نهايت ڪامياب ٿي. ان ڪانفرنس جي ڪاميابي شاهہ صاحب جي شيدائين کي پٽ پلاريءَ جو پيرو ڪرايو ۽ ٻئي سال محترم شاهہ صاحب جي سرڪردگيءَ ۾ پٽ شاهہ جي لطيفي مهمانن جو شاهاڻو انتظام پٽ شاهہ جهڙي ننڍڙي ۽ بي وسائل ڳوٺ ۾ ڪيو ويو. سنڌي اسڪول جي اردگرد لطيفي ڪئمپ جو رنگ رچايو ويو.

شاهہ جي فلسفي کي عام ڪرڻ، پٽ شاهہ ۾ ثقافتي مرڪز جو قيام، اقامتگاهہ جي تعمير، لائبريريءَ جو قيام، ڪراڙ ڍنڍ جي تعمير، اهي اهڙيون خدمتون آهن، جن ۾ آغا صاحب جي ڪوشش جو وڏو دخل هئو.

پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر، "لطيفي يادگار ڪائونسل" جو بنيادي ميمبر ۽ اعزازي سيڪريٽري ۽ شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز جو سيڪريٽري بہ ٿي رهيو هو. لطيف يادگار ڪائونسل سندس لازوال خدمتن کي خيال ۾ آڻيندي سندس انتقال پرملال بعد متفق فيصلو ڪيو تہ سندس شايانِ شان يادگار قائم ڪجي، هڪ ادبي شخصيت لاءِ هن کان وڌيڪ خراجِ عقيدت ڪهڙي پيش ڪري سگهجي ٿي تہ هن جي ادبي يادگار هڪ ادبي گلدستي جي صورت ۾ عوام اڳيان آڻجي. ان رٿ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ رٿيو ويو تہ "لطيف يادگار ڪائونسل" جي طرفان 1952ع کان جيڪي بہ ادبي گلدستا ديس واسين جي آڏو صفحہ طباعت تي اچي چڪا آهن، ان جو ادبي انتخاب پيش ڪجي. پوءِ ان ڪائونسل ڪتاب "يادگار لطيف" مرحوم آغا تاج محمد نمبر شايع ڪيو. جنهن ۾ ستن سالن جي شايع ٿيل "يادگار لطيف" مخزن جو نادر انتخاب 1953ع کان 1959ع تائين، مضمون ڏنل آهن اهو ڪتاب بيگم زينت عبدالله چنہ ترتيب ڏنو جيڪو 1960ع ۾ شايع ٿيو.

حيدرآباد ۾ "آغا تاج محمد اڪيڊمي" نالي سان سندس يادگار قائم ڪيو ويو آهي. آغا تاج محمد 30 سيپٽمبر 1959ع تي شام جو ساڍي ٽين بجي اچانڪ دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاھ جا ابيات آھن، آيتون قرآن جون،
جن سان ٿين ٿيون آ شڪارا منزلون فرقان جون.

هن لطيف سائين کي اردو دنيا سان متعارف ڪرائڻ لاءِ ھڪ مختصر اردو ڪتاب "**عڪس لطيف**" لکيو جنھن کي اردو دان طبقي گھڻو پسند ڪيو آھي.

ڪتاب "**عڪس لطيف**" حصو پھريون، اردو ترجمو رسالہ شاھ عبداللطيف. آزاد بڪ ڊپو صدر بازار حيدرآباد. ڇاپو پھريون آگسٽ 1951ع. ليکڪ پنھنجي محنت مرحوم علامہ امداد علي قاضي جي نانءُ ڪئي آھي. ڪتاب جو مقدمو خليل حيدرآبادي 17 جولاءِ 1951ع تي لکيو آھي ڪل صفحا 112.

ڪتاب عڪسِ لطيف ۾ مضمونن جي فھرست:

(1) گذارش مؤلف پاران. (2) مقدمو ڊاڪٽر خليل حيدرآبادي. (3) شاھ عبداللطيف ڀٽائي، حالات زندگي (مؤلف). (4) سنڌي رسم الخط جي متعلق- رشيد حيدرآبادي. (5) **عڪس لطيف** اردو ترجمو رسالہ شاھ عبداللطيف.

ڪتاب جي آخر ۾ فقط سر ڪلياڻ جي 77 بيتن ۽ ٽن وائين جو نثري اردو ترجمو ڪيل آھي. ھي اوائلي ترجمن ۾ بھترين ترجمو آھي. ترجمي جو نمونو-

سوئی راہ رد کرے، سوئی رہنماءُ،

وَ تُعِزُ مَن تشاء وَ تُذِلُ مَن تشاءُ.

وہی گمراہ کرنے والا ہے اور وہی رہنما ہے،

وہ جسے چا ہے عزت دے اور جسے چا ہے ذلت دے.

آغا صاحب جا شاھ لطيف جي ڪلام متعلق اردوءَ ۾ لکيل ہہ مضمون (1) **شاہ کا کلام اور اردو ترجمے کی اھمیت**(2) **شاھ جو رسالو کی تفصیل**.سندس ھي مضمون اردو ڪتاب **نغمات لطيف**، محکمہ اطلاعات 1960ع ۾ شايع ٿيا. شاھ سائينءَ تي ليکڪ جا ٻيا مضمون هن ريت آھن.

مضمون. شاھ ۽ اقبال- ڪتاب- يادِ لطيف، ايڊيٽر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شايع ڪندڙ شاھ عبداللطيف يادگار ڪميٽي حيدرآباد 1953ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضمون شاهہ عبداللطيف ناصح جي حيثيت ۾، ماهنامو ”عام راءِ“ ڪراچي سيپٽمبر 1950ع ۽ جنوري فيبروري 1951ع ۾ ساڳيو مضمون ڪتاب نذرِ لطيف، ايڊيٽر ڊاڪٽر سيد عارف شاهہ گيلاني، محمڪمہ اطلاعات ڪراچي، 1954ع ۾ شايع ٿيو. مضمون سسئي پنھون، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد مارچ 1955ع. مضمون- شاهہ ۽ سندس شعر، مخزن ڊي-جي سنڌ ڪاليج مسلني، 1929ع. انگريزيءَ ۾ مضمون.

Some Aspects of Shahs,
Peot laurate of Sindh,
Directorate of Information, Hyderabad_ 1961.

ڪتاب- لطيف سالگره مخزن (207، 208 ورسي) مرتب- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1960ع تان هيٺيون مضمون ڪنيل. هي مضمون آغا صاحب شاهہ سائينءَ جي بہ سؤ ستين ورسي 1959ع ۾ پڙهيو هو.

مضمون- شاهہ جي نظر ۾ خالق ۽ مخلوق

سر زمين هند و پاڪ اڄ تائين بہ اهم فلاسافر پيدا ڪيا آهن، اهي ٻئي فلاسافر شاهہ ڪري سڏيا ويندا آهن ۽ انهن ٻنهي شاهن وٽ قوم لاءِ ساڳيو پيغام آهي ۽ ساڳيا بنيادي اصول آهن.

اهي بہ شاهہ آهن هڪ شاهہ ولي الله دهلوي ۽ ٻيو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي.
انهن ٻنهي فلاسافرن وٽ “Humanity in one Personality” آهي.

ظاهر آهي تہ اهو يونيورسلزم جو اصول جيڪو انٽرنيشنلزم کان اوچو ۽ اعليٰ آهي سو اسلامي اصولن سان گهرو ۽ گهاٽو تعلق ٿو رکي. جنهن موجب رب کي رب العالمين ۽ رب جي رسول کي رحمت اللعامين چيو وڃي ٿو.

شاهہ ولي الله دهلوي پنهنجي اصولن کي واضح ۽ مشهور ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقو استعمال ڪيو سو Head_Reason يعني عقل تي مبني هو ۽ جيڪو ذريعو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ استعمال ڪيو سو Heart_ Reason يعني عشق تي منحصر هو.

پهريون بنيادي اصول جنهن تي شاهہ ڀٽائي پنهنجو ڪلام قائم ڪيو سو هو عشق ۽ محبت، Love، جيئن ڪلام مان ظاهر آهي تہ شاهہ ولي يا عارف باالله، Saint پهريون هو ۽ شاعر بعد ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولين وانگر هن عقل کي ننديو آهي، ان ڪري طالب جي مطلوب لاءِ محبت صرف عشق تي مبني آهي. هو پنهنجي عام فهم ۾ سهڻن الفاظن ۾ فرمائي ٿو:

الله ڏاهي مر ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،

مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

ساڳيو فلسفو علامہ اقبال ۽ روميءَ پڻ بيان ڪيو آهي.

علامہ اقبال فرمائي ٿو تہ:

گزرجا عقل سے آگے کہ یہ نور،

چراغ راہ ھے،منزل نہیں ھے.

هو اڳتي هلي فرمائي ٿو:

عقل می گوید کہ خود را پیش کن

عشق گوید امتحان خویش کن

عقل گوید شاد شو آباد شو

عقل گوید بندہ شو آزاد شو

وري مولانا رومي فرمائي ٿو: دانند **آنکھ نیکھ بخت و محرم است، زیر کی ز ابلیس، عشق از آدم است.**

شاهہ صاحب جو بندي ۽ خالق جو نظريو پڻ خيالي نہ آهي، مگر هڪ حقيقت آهي. علامہ اقبال، بندي _ خالق جو نظريو بيان ڪندي فرمائي ٿو:

تو ھے محیط بیکراں،میں ھوں ذرا سی آب جو

یا مجھے ھمکنار کر یا مجھے بیکنار کر.

شاهہ صاحب، خالق جي لامحدوديت ۽ بنده جي محدوديت بيان ڪندي فرمائي ٿو:

لوچان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد

سپريان جي سونهن جي، نہ ڪا حد نہ مد

هت لچڻ لا عدد، هت پرينءَ پرواهہ نہ ڪا

شاهہ صاحب پالڻهار جي لامحدوديت بيان ڪندي سندس استغنا پڻ بيان ٿو ڪري. ٽئگور ساڳيو ئي نظريو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

”مان پنهنجي خدا سان ان ڪري ٿو محبت ڪريان جو هن مونکي اختيار بخشيو آهي تہ ڪيس مڃان يا نہ“. مگر شاهہ هڪ قدم اڃان بہ اڳتي وڌي ٿو ۽ چوي ٿو تہ خدا سان محبت صرف ان ڪري نہ ٿي ڪئي وڃي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪيس نہ مڃڻ جو اختيار ڏنو آهي پر ڇاڪاڻ جو هو انهن ڪي بہ پيو پالي جيڪي ڪيس نٿا بہ مڃن، فرمائي ٿو تہ:

ڏمرجي تہ بہ ڏئي، پرچي تہ پاٽ پري
جنگ جکري ڪي، ٻئي چڱايون ڇِت ۾.

شاهہ پنهنجي خالق لاءِ نظريو عمر خيام وانگر آهي، جيڪو چوي ٿو تہ:

من بد کنم و تو بد مکافات دهی
پس فرق میاں من و تو چیست بگو.

شاهہ جو خالق ۽ بندي بابت تصور ان تي قائم آهي تہ انسان ڪلي خطا آهي ۽ خدا ڪلي عطا آهي. اهڙيءَ طرح شاهہ جو ڪلام عجز انڪساري سان ڀرپور آهي، ڇاڪاڻ تہ هو انسان کي ڪلي طرح ”ڏوهہ“ ٿو سمجهي ۽ خدا کي ڏيڻ وارو ۽ بخشڻ وارو ڏاتار ٿو سڏي. انسان کي لوهہ ۽ خدا کي پارس ٿو سمجهي، فرمائي ٿو تہ:

تون سپڙ آءُ سيڪڙو تون ڏاتار آءُ ڏوهہ
تون پارس آءُ لوهہ جي سڃين تہ سون ٿيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد سومار شيخ

محمد سومار ولد الله بچايو شيخ پهرين جنوري 1935ع تي ڳوٺ شيخ قرهيو پانداري بدين ۾ ڄائو. پاڻ لاڙ علائقي جو لطيفي جو ليکڪ، مشهور اديب، محقق ۽ تاريخدان ٿي گذريو آهي.

محمد سومار شيخ ابتدائي سنڌي تعليم ڳوٺ دينار خان ٽالپر ۾ حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسي ميانجي عارف ۽ هاشم منڊري وٽ پڙهيو. 1952ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري سنڌي ماستر مقرر ٿيو. 1967ع ۾ اديب فاضل جو امتحان بہ پاس ڪيائين.

محمد سومار شيخ لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ لاءِ جيڪو جاکوڙيو اهو قابلِ داد آهي. هن لاڙ ۽ ٺر جي علائقن جي ادبي ۽ ثقافتي ورثي کي گڏ ڪرڻ لاءِ سوين ميل پنڌ ڪري شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهن سان ملي ادبي رهاڻيون رچائي مختلف قومن، ريتن رسمن، شخصيتن، ماڳن، مڪانن قتل ڏورن ۽ واهن وغيره متعلق معلومات حاصل ڪئي. هن هر اديب، سگهڙ، شاعر، مولودي، واڍي، لوهار، ڪنڀار ۽ ڪنهن واتهڙو کي بہ اهم سمجهي ان کان ڪجهہ نہ ڪجهہ پڇندو رهيو ۽ جيڪوانهن ٻڌايس اهو لکندو رهيو. شيخ صاحب 50_60 صفحن جو ڪتاب هڪ ڏينهن ۾ لکي وٺندو هو. شاهہ لطيف سان انس سبب ڪچ جو رڻ اڪري پڇ تائين وڃي نڪتو هو ۽ اتان شاهہ صاحب ۽ ڪجهہ ٻين شاعرن جو اڻ لڀ ڪلام هٿ ڪري آيو. اهڙي طرح هن سوين ڪتاب لکي لاڙ جي ماڻهن کي علمي ۽ ادبي زيور سان مالا مال ڪري ڇڏيو.

پهري جنوري 1975ع تي بدين کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو جنهن کان پوءِ شيخ صاحب جي ڪوشش سان ضلعي اندر ميلن، ملاکڙن، نمائشن ۽ ادبي ڪانفرنسن جي شروعات ٿي. سندس ڪوشش سان 1976ع ۾ يادگار بدين جو ثقافتي ميلو ملهايو ويو. جنهن ۾ هڪ پاسي لاڙ جي مختلف هنرن، راندين ۽ ثقافت جي نمائش ٿي تہ ٻئي پاسي ادبي ڪانفرنس ۾ ضلعي جي مختلف شخصيتن تي مقالا پڙهي انهن جي خدمتن بابت ڄاڻ ڏني وئي. لاڙ ميوزم پڻ سندس ئي يادگار آهي. جنهن لاءِ هن تمام گهڻي جاکوڙ ڪري

علائقي مان وڏي تعداد ۾ نادر شيون گڏ ڪيون هيون. تنهن کان سواءِ شيخ صاحب بدين ۾ هڪ پريس ۽ هڪ اشاعتي ادارو پڻ قائم ڪيو هو جيڪو مختلف نالن جهڙوڪ بدين پبليڪيشن، ساگر پبليڪيشن وغيره سان هلندو رهيو.

محمد سومار شيخ کي مجتا طور ڪجھ ايوارڊ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ مليا جن ۾ اڳوٽي صدر جنرل ضياءَ هٿان لطيف ڪانفرنس سکر جي موقعي تي 1985ع ۾ مليل ”فڪر و نظر ايوارڊ“ بہ شامل آهي. هيءُ قلمي پورهيت، محقق، تاريخدان، لطيف شناس، ٻوليءَ جو ماهر، لوڪ ادب جو ڄاڻو سچو سپاجهڙو ۽ محنتي ماڻهوسائيءَ جي بيماريءَ جو شڪار ٿي ۽ آخر ۾ جيري جي ڪينسر وگهي 24 آڪٽوبر 1986ع تي صبح جو ساڍي پنجين وڳي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻ ميڊيڪل يونيورسٽي) حيدرآباد ۾ گذاري ويو.

شيخ صاحب آثار قديمہ، ثقافت، تاريخ، لوڪ ادب، سوانح، افسانا، شعر ۽ شاھ لطيف وغيره جي موضوعن تي ننڍا وڏا اٽڪل ٽي سؤ کن ڪتاب لکيا جن مان شايع فقط 75 جي قريب ٿي سگهيا. انهن مان ڪجھ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. ڪتاب- سنڌي آوازن جا تبادلا.

(1) پرڏيهين ڏانهن پيغام-1954ع. (2) شاھ جا گم ٿيل بيت-1956ع. (3) تاريخ شعراءِ لاڙ-1956ع-1972ع. (4) آڌي رات(ناول)-1956ع. (5) هڪ ندي ٻہ ڪنارا(ناول)-1958ع. (6) نوراني جاسوس(ناٽڪ)-1958ع. (7) قلم وهي ويو ڪانهن-1969ع. (8) پير قرهيو پانداري (تحقيق ۽ تنقيد)-1970ع. (9) ڪلام مرڪان شيخڻ (ترتيب ۽ تحقيق)-1971ع. (10) روپا ماڙي-1971ع. (11) ڪوٽن ڪني آهيان(ترتيب)-1971ع. (12) غزليات احمد(ترتيب)-1972ع. (13) بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ- چپائيندڙ لاڙ ادبي سوسائٽي بدين-1975ع. هن ۾ شاھ لطيف جو ذڪر صفحي 106-111 ۽ 135 تي آهي. (14) ڪچين جا قول-1977ع. (15) بدين ضلعي جو مطالعو(تحقيق). (16) ڪڇ جو رڻ- ڊسمبر 2006ع. (17) لاڙ جا ماڳ ۽ مڪان- ڇاپو ٻهريون- سال 2006ع. (18) لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا-1986ع.هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ۾ ڪل 5 باب آهن.جن ۾ لاڙ جي ماڳ مڪانن، شاهه جي تڪين، شاهه کان اڳ جي بزرگن ۽ سندس همعصر بزرگن جو ذڪر ڪيل آهي.

ڪتاب "ڪڇ جو رڻ تاريخ جي روشنيءَ ۾" سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇاپو پهريون 2006ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ سنڌو سڀيتا جي اوج جي هڪ جامع ڪهاڻي ڏنل آهي. ڪڇ جي جاگرافي کان سواءِ سڪندر اعظم، موريا خاندان جي حڪومت، راءِ گهراڻو برهمڻ گهراڻي کان سنڌ ۾ هباري دور، سومرا گهراڻو سما گهراڻو ارغون گهراڻي جي دورِ حڪومت کان انگريز دؤر تائين ڪڇ جي سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو ورتل آهي. ڪڇ جون وستيون واهڻ، ماڳ مڪان، ڪڇ ۽ سنڌ جو قديم آبپاشي نظام، ڪڇ جا نقشا، ڪڇ جا اوائلي بزرگ ۽ ڪڇ جون تاريخي لوڪ ڪهاڻيون، سارو سنگهار۔ڪارايل ۽ ڪپوري، ليلا چنيسر، دودو ۽ ابڙو۔دودو ۽ چنيسر، انڙ انڙاڻي، اوڍوڪيهر ۽ هوتل، جسوڏن سمو، لاکو ڦلاڻي، پنرويڊاماڻي، انهن لوڪ ڪهاڻين کي شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جوڳي جاءِ ڏني آهي. مٿين ڪردارن جي ساراهه ۾ چيل شاهه لطيف جي رسالي مان ليکڪ فقط 22 بيتن جي چونڊ ڪري هن ڪتاب ۾ ڏنا آهن.

محمد سومار شيخ هڪ "شاهه جو رسالو" بہ ترتيب ڏنو هو جنهن ۾ هن شاهه جي رسالي جي سمورن سرن ۾ موجود بيتن کي شاعريءَ جي "ڇند وديا" جي اصولن تحت پرکيو هو. سندس اهو رسالو شايع نہ ٿي سگهيو. سندس شاهه لطيف تي لکيل مضمونن ۽ مقالن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

مقالو۔ سر ڪلياڻ جا ڏوهيڙا، ڪتاب سر ڪلياڻ جو مطالعو مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڇاپو پهريون، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1970ع. شاهه جا ڪي شاعر فقير، لطيف سالگره مخزن، مرتب۔ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڇاپو پهريون 1969ع. مقالو۔ پٽائي جو سفرنامون. ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد جنوري 1980ع. مضمون۔ پٽ ڌڻيءَ جو ريڻ تان ڦيرو، ماهوار نئين زندگي مئي 1980ع. مضمون۔ شاهه صاحب جو پراڻ تان ڦيرو، ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1980ع. ساڳيو مضمون ڪتاب۔ فڪرِ لطيف، مرتب۔ بشير احمد شاد، ڇاپو پهريون 1985ع ۾ شايع ٿيل.مضمون۔ عبداللطيف قيصر، ماهوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين زندگي مئي 1969ع. مقالو- شاهہ جون ملاقاتون، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، آڪٽوبر 1986ع. مضمون- شاهہ جا گمر ٿيل بيت- مهراڻ شمارو-2 ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1956ع. مقالو- شاهہ جي دور ۾ شاعرانہ محفلون، مهراڻ 5 جنوري 1962ع. (سالگره نمبر) سنڌي ادبي بورڊ. مقالو- شاهہ جون همعصر شاعرن سان ڪچهريون، ڪتاب- لطيف سالگره مخزن 1961ع. مضمون- شاهہ ۽ ڪڇ، لطيف سالگره مخزن 1964ع. مقالو- شاهہ جو رسالو تاريخ جو اشاراتي ماخذ، ڪتاب فڪر لطيف- فڪر و نظر سڪر. مرتب- قربان علي ميمڻ، ڇاپو پهريون 1986ع. مقالو- منهنجو ساجن سپنيان سهڻو ڪتاب- فڪر لطيف. ادارو فڪر و نظر پبليڪيشن سڪر. سال- صفر 1408هہ- آڪٽوبر 1987ع. مضمون. لاڪو ڦلاڻي، مرتب قاضي مقصود احمد، ڇپائيندڙ. لاڪو ڦلاڻي پبليڪيشن نوابشاهہ 2007ع.

ڪتاب- شاهہ جا گمر ٿيل بيت- (سرمائي) ادارو- لطيف پبليڪيشن بدين 1956ع. (هن ڪتاب ۾ ڪڇ جي روايتن ۽ مقامي ماڻهن وٽان بيت گڏ ڪري ڏنل آهن). ڪتاب- شاهہ جا گمر ٿيل بيت(مختصر سر)، ڇاپو پهريون-اسلاميہ دارالاشاعت، حيدرآباد 1957ع ڪل صفحا 74. هن ڪتاب ۾ مختلف روايتن تي مبني تقريبن ٻہ هزار نوان بيت ڏنل آهن، سرن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

(1) سر ڪلياڻ. (2) سر يمن ڪلياڻ. (3) سر ڪنيات. (4) سر سريراڳ. (5) سر سامونڊي. (6) سر سهڻي. (7) سر سورٺ. (8) سر بروه. (9) سر راڻو. (10) سر ڪاهوڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جو شيدائي مولائي شيدائي

رحيمداد خان ولد شير محمد خان شهواڻي(بروهي) 9 جولاءِ 1894ع ۾ سکر ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو ناميارو مؤرخ، محقق، اديب، سگهڙ ۽ لطيفي پارکو ٿي گذريو آهي. تاريخ جو هي روشن ستارو 12 فيبروري 1978ع تي راهہ رباني ٿيو. سندس آخري آرامگاهہ آدم شاهہ ڪلهوڙي جي قبرستان ۾ آهي.

مولائي شيدائي جا وڏا اصل بلوچستان جي علائقي مستونگ جا رهاڪو هئا، جتان سندس ڏاڏو لڏي اچي پهريائين سيوهڻ ۽ پوءِ ڪوٽڙي ۾ وينو. جتي شيدائي جو والد صاحب ڄائو جيڪو بعد ۾ سکر رهائش پذير ٿيو.

مولائي شيدائي ابتدائي تعليم آخوند خدابخش ابڙي ۽ آخوند عبدالحڪيم پٽني جي سکر وارن مدرسن مان ۽ پرائمري تعليم بہ اتان ئي حاصل ڪيائين. تنهن بعد انگريزي تعليم سکر جي ميونسپل هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. سندس والد ريلوي کاتي مان رٽائر ٿيو تہ هن مولائي شيدائي کان تعليم ڇڏرائي ڪيس ريلوي کاتي ۾ فائر مين ڀرتي ڪرايو. رحيمداد جي شروعاتي ماهوار پگهار ست روپيہ هئي. ڪجهہ عرصي بعد سندس ماهوار پگهار چاليهہ روپيہ مقرر ڪئي وئي، اهڙي طرح هيءُ ترقي ڪندو گارڊ جي عهدي پهتو ۽ 1939ع ۾ ريلوي مان رٽائر ٿي حيدرآباد ۾ فوجي ڪارخاني ۾ پارٽ سپروائيزر طور پيهر سول ملازمت اختيار ڪيائين.

مولائي شيدائي کي تعليم واري زماني کان ئي مطالعو جو جنون هو ملازمت واري دور کان وٺي جيسين سندس جسم ۾ ست هو تيسين مضمون، مقالا، سنڌ جي تاريخ، بلوچستان جي تاريخ ۽ لطيفيات تي لکندو رهيو.

سندس پهرئين ڪاوش "ممتاز محل" نالي سان 1934ع ۾ توحيد رسالي ۾ شايع ٿي. محترم امير علي بروهي لکي ٿو تہ سکر مان جڏهن پير علي محمد ۽ پير حسام الدين راشدي جي ادارت هيٺ "سنڌ زميندار" اخبار نڪرندي هئي تن ڏينهن ۾ رحيمداد خان تاريخ جي حوالي سان پنهنجو پهريون مضمون اخبار ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ راشدي پائرن وٽ کڻي ويو هو تہ علي محمد راشدي سندن ادبي نالو "شيدائي" تجويز ڪيو ۽ پير حسام الدين راشدي سندن فقيراڻي طبيعت کي ڏسندي سندن قلمي نالو "مولائي"

تجويز ڪيو اهي ٻئي نالا ٻڌي پاڻ ڪلندي وراڻيو هئائين تہ ٻئي راشدي پائر منهنجا محسن آهن. تنهن ڪري هنن ٻنهي کي ناراض نٿو ڪري سگهجي. اڄ کان آءٌ اهي ٻئي نالا پنهنجي لقب طور استعمال ڪندس. ان ڏينهن کان پوءِ رحيمداد خان شهواڻي ”مولائي شيدائي“ ٻڌجي ويو. سندس تي چرچي چرچي ۾ رکيل قلمي نالو سنڌ جي سيپتا ۽ ساهت ۾ ساپيان وارو نالو ايريو ۽ مشهور ٿي ويو. سندس تربيت ۾ مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر عمر بن داؤد پوٽو ۽ راشدي پائرن جو وڏو هٿ رهيو. اهڙي طرح پاڻ ستاره سنڌ. سنڌ زميندار ۽ توحيد ۾ لکندو رهيو. ان کان پوءِ سنڌ جي سڀني ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ تاريخ، ادب، شخصيات، لطيفيات تي سندس لکيل لاتعداد مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا.

نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ کيس صحافت جو شوق ٿيو ۽ صحافتي زندگيءَ جي شروعات مولانا عبدالڪريم چشتيءَ جي ادارت هيٺ ڪراچي مان جاري ٿيل ”اخبار آزاد“ کان ڪئي، بعد ۾ ڪاروان حيدرآباد ۽ مهراڻ جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ڪجهہ وقت حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ اخبار ”هلال پاڪستان“ جو 1950ع ۾ ايڊيٽر ٿي رهيو. ان ئي عرصي دوران سنڌ يونيورسٽي (ڪراچي) ۾ فيلو مقرر ٿيو.

مولائي صاحب کي سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ تي تمام گهڻو عبور هوندو هو ۽ پاڻ ان وقت جي ڪيترن ئي ليکڪن جي ڪيل تحقيق مان غلطيون ڪڍي انهن جي درستگي پڻ ڪندو هو. پاڻ سن 1941ع ۾ پنهنجي خرچ تي ”مختصر تاريخ بلوچستان“ شايع ڪرايائين. سندس ڪجهہ تصنيفون هيٺ ڏجن ٿيون.

سنڌ جي تاريخ تي هڪ جُلدي ڪتاب ”جنت السنڌ“ پهريون ڀيرو 1958ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيو هو. هن ۾ اٺ باب ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌ جون قديم حدون، آدمشماري، ايراضي، سنڌ تي نالي پوڻ جو سبب، مطلب تہ قديم بادشاهن کان وٺي سنڌ جي تهذيبي، تمدني، سياسي، اقتصادي حالتن ۽ سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، قومن جا شجرا ۽ راڄن جو احوال تفصيل سان ڏنل آهي.

ان کان علاوه سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ متعلق ٻيو ڪتاب ”تاريخ تمدن سنڌ“ جيڪو پهريون ڀيرو 1959ع ۾ شايع ٿيس ۽ ان جو ڇاپو 1995ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران شايع ٿيو.

ڪتاب مختصر تاريخ بلوچستان 1941ع. تاريخ خاصخيلي 1961ع. تاريخ سکر 1992ع. ٽالپرن جي مختصر تاريخ 1983ع. سنڌ جا قديم شهر 1983ع. سرزمين بلوچستان(اردو) 1996ع. بلوچستان ۾ مهدوي تحريڪ(اردو) 1952ع. تاريخ قلات(اردو) 1983ع. سفينة النوح 1993ع. تاريخ ترڪستان. مقالات شيدائي. اقاليم اسلام- موسوين جي تاريخ. سنڌ جي اقتصادي ۽ تجارتي تاريخ-تاريخ هندستان(ترجمو). سر غلام حسين هدايت الله(سوانح). روضة سنڌ(تاريخ). انسائيڪلوپيڊيا آف بلوچستان(سنڌي ۾) ۽ تاريخ بکر وغيره جو شمار شاهڪار ڪتابن ۾ ٿئي ٿو.

سندس لطيفيات تي ڪيل ڪم جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

رحيمداد خان مولائي شيدائي پهريون محقق آهي جنهن شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ جاڳايل ڪجهہ ڳوٺن، وستين واهڻن، شهرن ملڪن جي معلومات، بيتن جي حوالي سان ڏني آهي. ان کان علاوه هن شاهہ لطيف جي سورمن ۽ سورمين تي بہ تحقيقي روشني وڌي آهي. هن شاهہ جي شيدائيءَ شاهہ لطيف جي ڪلام مان مختلف عنوانن تي ويهن کان وڌيڪ مضمون مقالا لکيا آهن. جيڪي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن. انهن ڇڙيل پکڙيل مقالن مان فقط 12 مقالن کي ڊاڪٽر مخمور بخاري صاحب ترتيب ڏنو آهي. سندس اهو سهيڙيل ڪم ڪتاب ”لئج لات لطيف چئي“ ليکڪ رحيمداد خان مولائي شيدائي-ترتيب، ايڊيٽنگ، مقدمو-ڊاڪٽر مخمور بخاري- ڇاپو پهريون نومبر 2014ع. ڇپيندڙ-نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ ڪراچي. ڇپائيندڙ سيڪريٽري ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو حڪومت سنڌ-صفحا 128.

هي ڪتاب حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 271هين عرس مبارڪ جي موقعي تي ڇپجي پڌرو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو سنواءُ- پبلشر جو نوٽ-منظور احمد قناصرو. مهاڳ ۽ مقدمو ڊاڪٽر مخمور بخاري.

ڪتاب ۾ شامل مقالن جي ترتيب:

(1)شاهہ جي شعرن ۾ ڄاڻايل شهرن ۽ ڳوٺن جي جاگرافي. (2) شاهہ جو پنيور. (3) شاهہ جي لنڪا. (4) ڪيچ. (5) شاهہ جا گندرا. (6) شاهہ جي رسالي ۾ تاريخي اشارا. (7) شاهہ جي شعر ۾ سنڌ جي تهذيب. (8) سنڌين جي تهذيب(سر مومل راڻو). (9) سر مومل راڻو. (10) سنڌي ٻولي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي. (11) شاهہ جي عبادت. (12) مهيسر جي مڏ جي سرڪي.

مٿئين ڪتاب مان رهجي ويل مولائي شيدائي جا مضمون ۽ مقالا هيٺ ڏجن ٿا.

(1) مضمون-شاهہ عبداللطيف جي بلوچن سان پريت. ماهوار نئين زندگي حيدرآباد جنوري 1951ع ص-37 کان 38.

(2) مضمون- شاهہ جو سر سارنگ. ماهوار اديون ڪراچي. اپريل-مئي 1971ع ص-24 کان 26.

(3) مقالو- شاهہ جو ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن سان پيار. رسالو ڳوٺ سڌار حيدرآباد سيپٽمبر 1956ع ص-4 کان 7.

(4) مقالو-شاهہ جي سنڌڙيءَ جون حدون. ماهنامہ روح ادب حيدرآباد آڪٽوبر 1954ع ص-11 کان 19.

(5) مضمون- شاهہ جو ڪانگل. ڪتاب يادگار لطيف. مرتب بيگم زينت عبدالله چنا 1960ع صفحہ 145 تي.

(6) مضمون-**شاہ کي پيشنگوئي اور پاڪستان. ڪتاب نغمات لطيف(اردو)** مرتب اختر انصاري اڪبر آبادي محڪمہ اطلاعات حيدرآباد 1960ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف جو پارکو فقير استاد قربان علي ميمڻ

استاد قربان علي ميمڻ جي پيدائش سنڌ جي هڪ ننڍڙي واهڻ ڳوٺ ٻيڊل خان ميمڻ ۾ 4_1_1923ع تي ٿي. شروع کان ئي پاڻ حساس طبيعت جا مالڪ هئا. غم برداشت نہ ڪري سگهندا هئا ۽ نہ ڪنهن کي ڏکيو ڏسي سگهندا هئا. جڏهن ماڻهن تي جاگيردارن جا ظلم ڏسندا هئا تہ انتهائي جذبات ۾ اچي ويندا هئا. پوءِ ماڻهن کي ظلم جي خلاف لڙڻ ۽ حق سچ چوڻ لاءِ ذهني طور تيار ڪندا هئا.

استاد قربان علي چوندو هو زندگي جون سڀ رونقون سڀ خوبصورتيون، سڀ روشنيون هاري جي اگهاڙن پيرن، سخت هٿن ۽ اجهاٽيل چلهہ مان ڦٽي نڪرنديون آهن. ڌرتي مان ڦٽي نڪتل فصل انسان کي سگهہ ڏيندا آهن. استاد قربان علي چوندو هو تہ چڱن جون چڱايون ٻڌڻ سٺي ڳالهہ آهي. انهن کي وري من ۾ ويچارڻ بهتر آهي.سندن زندگي مڪمل هڪ اعليٰ نموني واري هئي. پاڻ سدائين حق ۽ سچ جي تبليغ ۾ تائيم گذاري ڇڏيائون. پاڻ سدائين هن اڌوهي ڪاڏل سماج جي خلاف بغاوت ڪندي گذرين. هڪ سچي صوفي وانگر زندگي بسر ڪيائون. ائين حق سچ جو علم بلند ڪندي هن فاني دنيا مان 6_7_2004ع تي پاڻ رحلت فرمائي ويا.

استاد قربان لطيف سائين جي فڪر کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي نجات جو وسيلو سمجهندو هو ۽ لطيفي ذڪر کي عام ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيو. پاڻ چوندا هئا تہ دنيا جي امن کي تباهہ ڪندڙ منفي لاڙن کي روڪڻ لاءِ اسان کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان لاءِ اسان کي رهبر لطيف جي واٽ وٺڻي پوندي چو تہ اسان سڀني جي نجات لطيف جي فلسفي ۾ سمايل آهي. لطيف جو پيغام ئي آهي جيڪو اسان جي نجات ۽ ڇوٽڪاري جو رستو بنيو آهي. استاد قربان علي ميمڻ ”تنظيم فڪر و نظر سکر“ جو جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي دوران لطيف سائين متعلق هينيان بہ ڪتاب ترتيب ڏنا.

ڪتاب فڪرِ لطيف (مجموعہ مقالات) 1986ع مرتب: قربان علي ميمڻ. فڪرونظر پبليڪيشنس سکر_

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست مضامين. 1_ شاھ جي عظمت. اي_ڪي_بروهي. 2_شاھ جي رسالي ۾ علمي فلسفو. پروفيسر محمد اڪرم انصاري. 3_شاھ لطيف جا همعصر ۽ هم صحبتي فقير. ڪريم بخش خالد. 4_شاھ جو رسالو: تاريخ جو اشاراتي ماخذ. محمد سومار شيخ. 5_ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سماواتي ايراضيءَ ۾ سير ۽ سفر_عاصي عبدالواحد هڪڙو. 6_اسلامي تصوف ۽ شاھ عبداللطيف ڀٽائي. پروفيسر غلام احمد بدوي. 7_شاھ ۽ عشق رسولﷺ. پروفيسر مير محمد پيو. 8_ڀٽائي توحيد جو علمبردار.پروفيسر عنايت الله زنگيجو. 9_شاھ ۽ رسالت النبيﷺ. پروفيسر نذير احمد صديقي. 10_شاھ آفاقي شاعر. امير بخاري. 11_شاھ عبداللطيف جي ناصحانه ڪلام تي هڪ نظر. مير محمد نظاماڻي. 12_شاھ رهنماءِ سالڪ. پروفيسر شير محمد بلوچ. 13_شاھ جي شاعريءَ ۾ توحيد پرستي ۽ خدا شناسائيءَ جو پيغام. غلام مصطفيٰ دادوي. 14_ڀٽائي ۽ علم ادب. مخدوم غلام احمد. 15_شاھ صاحب کان اڳ ۽ سندس زماني ۾ سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون. ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي. 16_شاھ لطيف عزم ۽ استقلال جو پيامبر. ڊاڪٽر غلام علي الانا.

ڪتاب_فڪر لطيف(مجموعہ مقالات) شاھ لطيف عالمي ڪانفرنس_1987ع.

مرتب: قربان علي ميمڻ_فڪر و نظر پبليڪيشن_سنڌ اسلامڪ سينٽر, غازي عبدالرشيد پارڪ سکر.

فهرست_ خطبئہ استقباليہ محمد خان جوڻيجو وزيراعظم پاڪستان_ خطبئہ استقباليہ سيد غوث علي شاھ وزير اعليٰ سنڌ.

1_شاھ جو رسالو سنڌ جي تاريخ جو ماخذ. ڪريم بخش خالد. 2_شاھ پيامبر جُهد وعمل_بشير احمد شاد. 3_شاھ عبداللطيف ڀٽائي بحيثيت هڪ عالمي شاعر_پروفيسر نذير احمد صديقي. 4_حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي آفاقي شاعري_پروفيسر غلام احمد بدوي. 5_ منهنجو ساجن سينيان سهڻو_محمد سومار شيخ. 6_شاھ جي ڪلام ۾ جاگرافيائي اهڃاڻ_عزيز جعفراڻي. 7_شاھ سنڌي زبان جو محسن_ پروفيسر مير محمد پيو. 8_پارت ۾ شاھ لطيف جي ڪلام جو مطالعو_

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر مرلي ڏرجيٽلي. 9_جي تو بيت پانئيا_عبدالغفار صديقي. 10_ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پيامبر جُهد وعمل_سيد لعل شاهہ بخاري. 11_ پنھونءَ جي ڪردار ۾ شاهہ صاحب جي تمثيل نگاري_پروفيسر ڊاڪٽر گل حسن لغاري. 12_شاهہ جا ملاقاتي شاعر_احمد خان ڪيريو. 13_شاهہ سائين ۽ حبِ رسول الله_حبيب سنڌي. 14_حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌو جا وهڪرا_عاصي عبدالواحد هڪڙو. 15_ ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ شاهہ لطيف _ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي.

نورالدين سرڪي

نورالدين سرڪي ولد ڪمال الدين سرڪي 5 مارچ 1927ع تي شڪارپور سنڌ ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم اتي ئي حاصل ڪيائين. ميٽرڪ 1945ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان ڪيائين. سرڪي صاحب انٽر سائنس سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور سنڌ، ايم_ اي 1955ع ۾ ايس_اي آرٽس ڪاليج ڪراچي ۽ ايل_ايل_بي ايس ايم لا ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين. نورالدين سرڪي 1948ع ۾ انجنيئرنگ پڙهندو هو پر ملڪ اندر سياسي ۽ سماجي تبديلين سبب ۽ ڪجهہ ترقي پسند سياسي ۽ ادبي جماعتن ۾ سرگرم ٿيڻ سبب انجنيئرنگ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. اهو سنڌس زندگي جو هڪ هنگامي دور هو انجنيئرنگ ڇڏي واپس شڪارپور موٽي وڃڻ ڪانپوءِ بي_اي ڪرڻ سان گڏ نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ 1951ع کان 1953ع تائين ماستري بہ ڪيائين، اڳتي هلي ڪراچي موٽي اچي 1954ع کان 1967ع تائين اسلاميہ آرٽس ڪاليج ۾ سنڌي ليڪچرار ۽ اسسٽنٽ پروفيسر پڻ ٿي رهيو. ڪيئل داس فاني سنڌس استاد هو نصاب ۾ ٽالسٽاءِ جون آکاڻيون بہ رکيل هيون. جن سرڪي جي ذهن تي وڏو اثر وڌو. اتي فانيءَ ڪيس انسان دوستي ۽ هڪجهڙائي جا اصول سيکاريا. شاعري جو علم عروض سيکاريو ۽ هن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪيو جڏهن تہ سرڪي هن نابرابري واري سماج جي خاتمي لاءِ 1948ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيو تہ اهو مثال بہ سنڌس سامهون هو شڪارپور

۾ جماڻي هال ۾ ڪرشنا لائبريري ۾ وڃي، هو پنهنجي پڙهڻ جي اڄ اڃهائينڊو هو جتي سڄي هندستان جا رسالي ۾ اخبارون اينديون هيون. انهن مان بولچند راجپال جو ماهوار ’سنڌو‘ رسالو ۽ پيو جيٺمل پرسرام جو ’روح رهاڻ‘ رسالو وڏي شوق سان پڙهندو هو پاڻ 1948ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر ٿيو انهي دور ۾ سندس واسطو ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ سان ٿيو پوءِ اڳتي هلي جڏهن 1956ع ڌاري سنڌي ادبي سنگت کي پيهر سرگرم ڪرڻ جو فيصلو ٿيو ته سرڪي صاحب انهي ۾ سرگرمي سان حصو ورتو ۽ سنگت سان لاڳاپيل رهيو. 1950ع ۾ ترقي پسند ساٿين جي رٿ ۾ سهڪار سان سرڪيءَ صاحب هفتيوار ’صداقت‘ اخبار جاري ڪئي، جنهن جو پاڻ انچارج هو. قادر بخش نظاماڻي انهي جو ايڊيٽر ۽ رسول بخش پليجو اسسٽنٽ ايڊيٽر طور ان ۾ ڪم ڪندا هئا. ”صداقت“اخبار سنڌ ۾ سياسي شعور ۽ ترقي پسند ادب جي پيڙهه جو پٿر هئي، جنهن کي اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت وڌيڪ ترقي وٺائي انهي دوران هن شاعري ڪئي ۽ ادبي مضمون لکيا ۽ ترجما به ڪيا. 1957ع ۾ سندس شادي ٿي. سندس گهر واري بيگم شمس به سٺي لکندڙ ۽ مترجم رهي آهي. پاڻ سرڪي صاحب سان شادي کان اڳ اردو ۾ افسانا ۽ ادب لطيف لکندي هئي، تنهن ڪانسواءِ استاد محمد ابراهيم جويي جي همت افزائي تي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڏنل ڪتاب ”سنڌو ماٿري جي سيپتا“ پڻ ترجمو ڪيائين. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو. سرڪي صاحب 1957ع ۾ ٽالسٽاءِ جي ڪتاب ” واٽ دين مسٽ ويدو“ جو سنڌي ترجمو ڪيو. جيڪو ’نيٺ ڇا ڪجي؟‘ جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيو ۽ ان وقت اهو ڪتاب سڄي ننڍي کنڊ ۾ فقط سنڌي ۾ ترجمو ٿي ڇپيو اهو ڪتاب سرڪي صاحب پنهنجي زندگي جي رهنما اصول طور ڪتب آندو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1994ع ۾ ڇپيو. سياسي حوالي سان سرڪي صاحب شادي کان ٿورو اڳ پنهنجون سرگرميون گهٽائي ڇڏيون هيون، جڏهن ته 73_1972ع ۾ نعپ جو ميمبر ٿيو.

مٿين ڪتابن ڪانسواءِ شاهہ لطيف جي چونڊ شعرن جو مجموعو ”جي تو بيت ڀانيا“ (1999ع) ۾ هند جي سنڌي اديبن ۽ دوستن جي چونڊ خطن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجموعو ”ڪي وسرن نہ مور“ (2001ع) ڇپيل اٿس. نورالدين سرڪي 26 سيپٽمبر 2007ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي.

ڪتاب ”جي تو بيت پانئيا“ شاهه جي شاعريءَ مان فقط چونڊ بيت- چونڊيندڙ نورالدين سرڪي- ڇاپو پهريون مارچ 1999ع. ڇاپو ٻيو سيپٽمبر 2004ع- ڇپائيندڙ نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي صفحا 207.

نورالدين سرڪي هن ڪتاب ۾ پنهنجي پاران لکي ٿو تہ شاهه عبداللطيف ۾ هڪ وڏي شاعر جون سڀ صفتون موجود آهن. هن پنهنجي نياپي کي ڪمال ڪاريگريءَ سان لفظن جو لباس پارايو آهي. اعليٰ مقصد کي عاليشان فن سان سنڌيءَ ۾ آڻي، شاهه لطيف نہ فقط پاڻ کي پر اسان جي ٻوليءَ کي بہ هميشہ لاءِ جياري ڇڏيو آهي. هن ڪتاب جي فهرست.

پنهنجي پاران- نورالدين سرڪي- ذات وڏي شيءِ آهي- نورالدين سرڪي (1) سر ڪلياڻ ۾ 29 بيت. (2) سر يمن ڪلياڻ ۾ 47 بيت. (3) سر کنڀات ۾ 14 بيت. (4) سر سريراڳ ۾ 19 بيت. (5) سر سامونڊي ۾ 13 بيت. (6) سر سهڻيءَ ۾ 62 بيتن جي چونڊ. (7) سر سسئي آبريءَ ۾ 32 بيت. (8) سر معذوري ۾ 16 بيت. (9) سر ديسي ۾ 20 بيت. (10) سر ڪوهياري ۾ 7 بيت. (11) سر حسيني ۾ 54 بيت. (12) سر ليلان چنيسر ۾ 17 بيت. (13) سر مومل راڻو ۾ 28 بيت. (14) سر مارئي ۾ 71 بيت. (15) سر ڪامود ۾ 10 بيت. (16) سر گهاتو ۾ 4 بيت. (17) سر سورٺ ۾ 19 بيت. (18) سر ڪيڏارو ۾ 12 بيت. (19) سر سارنگ ۾ 12 بيت. (20) سر آسا ۾ 18 بيت. (21) سر رپ ۾ 20 بيت. (22) سر ڪاهوڙيءَ ۾ 9 بيت. (23) سر بروو سنڌي ۾ 15 بيت. (24) سر رامڪليءَ ۾ 34 بيت. (25) سر پورب ۾ 8 بيت. (26) سر ڪارايل ۾ 8 بيت. (27) سر پرڀاتي ۾ 6 بيت. (28) سر ڏهر ۾ 17 بيت. (29) سر بلاول ۾ ڪل 6 چونڊ بيت ڏنل. چونڊ بيتن ۽ سرن ڪان پوءِ هن ڪتاب ۾ 7 مضمون مقالا ڏنل آهن.

(1) شاهه ۽ شاهه جو ڪلام- ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ.

(2) شاهه جو شعر ۽ شاعري- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي.

(3) شاهه جو رسالو- پروفيسر ڪلياڻ بولچند آڏواڻي.

(4) وچئين دور جو آخري وڏو شاعر- ايچ- ٽي- سورلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) شاهه عبداللطيف دنيا جو سڀ کان وڏو شاعر- ٻلديو تاراچند گاجرا.

(6) تحقيق-شاهه لطيف جي دؤر ۾- محمد ابراهيم جويو.

(7) شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سر سارنگ- اينمري شمل. سنڌيڪار علي احمد بروهي.

شاهه لطيف متعلق سندس ٻيو ڪتاب- ڀهاڪا ڪلام جا ڏيئا (ڀهاڪا ۽ شاهه جي شاعريءَ مان سون ورنيون سٽون) سهيڙيندڙ- نورالدين سرڪي. ڇپيندڙ- نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي سال نومبر 2006ع صفحا 281. انتساب- آغا گل حسن خان پٺاڻ.

ڪتاب جي فهرست-

اداري پاران- مهاڳ- نورالدين سرڪي.

ڀهاڪا- الف کان ي تائين 1165 سهيڙيل ڀهاڪا- سون ورنيون سٽون- الف کان ه تائين 681 شاهه لطيف جي ڪلام مان سهيڙيل ڀهاڪن طور سون ورنيون سٽون ڏنل آهن.

سنڌ جي ناليواري اديب، دانشور بيحد قربائتي ۽ اتساهه بخشيندڙ شخصيت سائين نورالدين سرڪيءَ جو سهيڙيل هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ ڀهاڪا ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون اهي سون ورنيون سٽون ڏنل آهن جيڪي پڻ اسان وٽ ڀهاڪي جيان ڪم اچن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالغفور الستي

نالي وارو تعليمي ماهر ۽ شاهہ لطيف جو پارکو ليکڪ عبدالغفور 1931ع ۾ دڙو شهر (ٺٽو) ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌ مدرسي مان تعليم پرايائين ۽ ڪيترن ئي اهم عهدن تي فائز رهيو. هن نياڻين جي تعليم لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. عبدالغفور الستيءَ ”الست“ نالي سان ٺٽي ۽ سجاول ضعلن جي انهن علائقن ۾ اسڪول کوليا جتي نياڻين کي تعليم ڏيڻ تمام گهٽو ڏکيو ڪم هو. عبدالغفور الستي نہ رڳو شاهہ لطيف جي رسالي جو منظوم انگريزي ترجمو ڪيو پر شاهہ جي اڀياس جي نالي سان 3 ڪتابڙا بہ لکيا. ان کان علاوه سنڌس آتم ڪهاڻي بندهن ٻروچن جو بہ شايع ٿيل آهي. هن ”مليئر ڊائجسٽ“ نالي رسالو ڪڍي ان ۾ زبردست ايڊيٽوريل لکيا. ان کان علاوه لاتعداد خاڪا، مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڊراما بہ لکيائين. هن فقير صفت انسان جي اجرڪ جو ٽڪو سڄاٽپ ٻڌي. هن شاهہ ۽ سنڌ جي الستي عاشق جو وصال خميس 5 محرالحرام 1435هہ بمطابق 30 آڪٽوبر 2014ع تي ٿيو.

شاهہ جي رسالي جو منظوم انگريزي ترجمو

سنڌ مان آسمان سحر / شفق Celestial sun_rise from Sindh

مترجم: فقير عبدالغفور الستي

ڇاپو پهريون: آسمان لطيف، سوشل ويلفيئر هائوس دڙو ٺٽو 1986ع صفحا 232.

ڇاپو ٻيون: آستان لطيف، سوشل ويلفيئر هائوس دڙو 1987ع صفحا 232.

ڇاپو ٽيون: آستان لطيف، سوشل ويلفيئر هائوس دڙو 1994ع صفحا 232.

شاهہ جي رسالي جا ڪافي انگريزي منظوم ترجما ٿي چڪا آهن. فقير عبدالغفورالستيءَ بہ شاهہ جي رسالي مان تقريباً سيني سرن جي 786 بيتن جو انگريزي منظوم ترجمو ڪيو آهي. سندس اهو ترجمو ستن سالن جي محنت جو نتيجو آهي. جيڪو عوام ۾ پڻ مقبول آهي. هن ڪتاب جي

پھرئين باب ۾ شاھ جي زندگي ۽ فڪر بابت منظوم انگريزيءَ ۾ ذڪر ڪيو ويو آھي. باب ٻئي کان رسالي جو ترجمو شروع ڪيو ويو آھي. ھيءُ ترجمو ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل رسالي 1958ع جو منظوم انگريزي ترجمو سامھون رکي ڪيو ويو آھي ۽ ان سان گڏ ھر سر بابت ڄاڻ ڏنل آھي ۽ حاشيي ۾ بيتن جو مفھوم پڻ ڏنو ويو آھي. سر ڪنيات ڪانپوءِ تصوف بابت خاص طرح سان لکيو ويو آھي. ھيٺين سرن جو ترجمو ڪيو ويو آھي.

(1)سر ڪلياڻ. (2) سر يمن ڪلياڻ. (3) سر ڪنيات. (4) سر سريراڳ. (5) سر سامونڊي. (6) سر سھڻي. (7) سر سسئي آبري. (8) سر معذوري. (9) سر ديسي. (10) سر ڪوھياري. (11) سر حسيني. (12) سر ليلان چنيسر. (13) سر مومل راڻو. (14) سر مارئي. (15) سر ڪاموڏ. (16) سر گھاتو. (17) سر رپ. (18) سر ڪاھوڙي. (19) سر برووسنڌي. (20) سر رامڪلي. (21) سر ڪاپائتي. (22) سر پورب. (23) سر ڪارايل. (24) سر پرياتي. (25) سر ڏھر. (26) سر بلاول. (ترجمي جو نمونو)

بيت:

”ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي.
تن! تنين سين ڪَٽِ، اوڏا اڏي پکڙا.“

ترجمو:

But with those, sitting in whose company,
Doth this pain decline.
With them, your heart intertwine,
And build thy but, even nearer them.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ ليکڪن جا مضمون. مقالا

لطيف اياز پنهور_مضمون. شاهہ جي شاعريءَ ۾ اظهار جي آزادي.

ايم_ايچ_چانڊيو_مقالو. شاهہ جي شاعريءَ ۾ ذاتين جو ذڪر.

ڊاڪٽر علي اڪبر ڍڪڻ_مقالو. چرخو چوري ڪت ڪاتار.

خالد سيف الله ۽ رميش ڪمار_ڪتاب. جي تو بيت پانئيا.ڇاپو ڀهريون ٻارڙا پبليڪيشن عمرڪوٽ 1979ع.

ثاقب علي لاڙڪ_مضمون. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ تعليم جو تاڪيد.

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي_مقالو. لطيف ۽ لائوصو(چيني شاعر).

سيف الله خالد يوسفاڻي_مقالو. شاهہ جي رسالي جي سسئي جي سر ۾ ڍاٽڪي لهجي جا لفظ.

عمران اسلم_مضمون. جيئي لطيف.

عبدالحفيظ قريشي_مقالو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حقيقي تصوير جوڙڻ.

عنايت اُنڙ_مضمون. مينهان ۽ نينهان ٻئي اڪر هيڪڙي.

پروفيسر ميان بخش لغاري_مقالو. لطيفي لات: تعليم شاهہ جي نظر ۾.

نور محمد شاهہ_مقالو. زندگي، عمل ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي.

عابد حسين ڀرڙو_ مضمون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ جانورن ۽ پکيئڙن جي پچار.

ثاقب سومرو_ مضمون لامحدود ذات ڏٺي منهنجو پيت ڏٺي.

دادا سنڌي_ مقالو شاهہ جو غريبن لاءِ پيغام.

سحر امداد_مضمون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ روايتون.

عبدالجبار قاسم نظاماڻي. مضمون. شاهہ جي شاعريءَ ۾ غم جو عنصر.

شاهه لطيف جي ورسيءَ جشنِ سالگرهه جو مختصر احوال

سيد ميران محمد شاهه يٽ شاهه تي 1928ع کان راڳ جي محفل جي ابتدا ڪرائي، جيڪا درگاهه جي اڱڻ ۾ موجوده ڏمال واري جاءِ کان ڏکڻ طرف ٿيندي هئي. يٽ شاهه تي 1932ع کان ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ جون محفلون ڪراڙ ڍنڍ جي اتر پاسي موجوده گرلس پرائمري اسڪول واري جاءِ تي ٿيون. يٽ جهڙي ويران وستيءَ تي 18 جون 1932ع ۾ پهريون جديد نوعيت جو ميلو مچائڻ ۾ سيد ميران محمد شاهه سان سائين جي.ايم سيد ٻانهن ٻيلي ٿيو. اهو پنجن ڏينهن وارو ميلو يادگار ميلو ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي مسلمان اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ ڪيئي غير مسلم اديب پڻ ان ميلي ۾ شوق سان شريڪ ٿيا. ڪراچي مان 40 کن مرد ۽ عورتن جي شموليت ڪئي ۽ ڄيٺمل پرسرام، لعل چند امر ڏنومل، منگهارام ٺهلرا ماڻي، پرنسپال گوڪلي وغيره. حضرت شاهه عبداللطيف جي شخصيت ۽ ڪلام جي مختلف پهلوئن کي ظاهر ڪيو ۽ هن ميلي ۾ سنڌ جي ڌار ڌار ثقافتي رنگن کي به متعارف ڪرايو ويو.

ڊنگو ڪند نمل تڏاڻي مضمون "يٽ واري درگاهه" ان ۾ لکي ٿو ته هن ادبي ڪانفرنس (1932ع) ۾ ڄيٺمل پرسرام "يٽ شاهه" تي تقرير شاهه لطيف جي هن بيت سان شروع ڪئي.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

۽ تقرير جو اختتام هن بيت سان ڪيائين:

جي تو بيت ڀائين سي آيتون آهين،
نيومن لائين، پريان سندي پار ڏي.

سيد ميران محمد شاهه هڪ ئي وقت سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ جو چيئرمين ۽ شاهه عبداللطيف جي ساليانې ميلي ۽ ٻين ثقافتي سرگرمين جي سربراهه طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ ۽ صوفي مڪتبِ فڪر کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، مرڪز صلاحڪاري بورڊ جي 21 آڪٽوبر 1940ع واري ميڙ ۾، هڪ سب ڪاميٽي هن ڪم لاءِ مقرر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي، جنهن ۾ صلاح مصلحت ڪان پوءِ اها رٿ تيار ڪئي ويئي تہ سنڌ جي ناميارين شاعرن، بزرگن ۽ عالمن جا ٻارهن ماهي (سالياني) جلسہ ڪرايا وڃن. انهيءَ سب ڪاميٽيءَ جي پيش ڪيل رپورٽ بورڊ پنهنجي 19 فيبروري 1941ع واري اجلاس ۾ بحال ڪئي. ان ڪم جي شروعات غالباً شاهه عبداللطيف جي پياري ڏينهن ملهائڻ سان ڪئي ويئي. ان لاءِ فيصلو ڪيو ويو تہ مارچ 1941ع جي 12 ۽ 13 تاريخ تي ڪراچيءَ جي سرليسلي ولسن هاسٽل ۾ اهڙي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي، اها ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس ڪن مجبورين سبب، سرليسلي ولسن هاسٽل بجاءِ، اها ڪانفرنس پٽ شاهه کان ٻاهر پهريون ڀيرو تاريخ 12 مارچ 1941ع تي ساڍي ستين بجي خالقڏنوهال ڪراچي ۾ وڏي اهتمام سان ٿي. ان پروگرام ۾ جلسي جو افتتاح شيخ عبدالحميد ڪيو ۽ تقرير بہ ڪئي. تنهن کان پوءِ جلسي جي باقي ڪارروائي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي زيرِ صدارت هلي، ڪجهہ ڳائڻ وڄائڻ کان پوءِ مسٽر پيرومل مهر چند آڏواڻي مضمون شاهہ سيلاني پڙهيو. ڪجهہ موسيقيءَ کان پوءِ مسٽر سوپراج نرملداس شاهه جي شان ۾ 56 سٽن تي مشتمل نظم پڙهيو. ان مان ڪجهہ سٽون هي آهن. (عنوان شاهہ سپ ڪجهہ)

عبداللطيف عارف، نوري نگاهہ وارو

حق جي شناس پارس، هي مرد حق پيارو.

۽ ماستر لعلچند مضمون شاهه محب وطن پڙهيو.

آخر ۾ عثمان علي انصاري مضمون ”شاهہ صاحب جي ڪيمياگري“ پڙهيو.

ٻي نشست 13 مارچ تي ٿي، ان جي صدارت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڪئي. ڊاڪٽر داؤد پوٽي ۽ آسانند شاهہ تي مضمون پڙهيا ۽ حڪيم فتح محمد، ليکراج عزيز، ڪشنچند بيوس ۽ مولوي محمد نورنگ زادي شاهه جي شان ۾ شعر پڙهيا. ان ڪانفرنس جو احوال، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب هن ريت لکي ٿو.

13 مارچ 1941ع تي خالقڏني هال ۾ ڪانفرنس جي ڪارروائي پنجين بجي شام جو شروع ٿي. اوائل ۾ سيد ميران محمد شاهه يتائي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام مان مختلف بيتن جون پهريون دعائيه سٽون پڙهيون. اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

(1) الله جنءَ نالو تنءَ مون وڏو آسرو.
(2) منو جنءَ نالو تنءَ مون وڏو آسرو.
(3) جيڏو تنهنجو نان، ٻاجهه به اوڏيائي مڱان.
(4) ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙوئي مڱان.
(5) ستر ڪج ستار آءُ اگهاڙي آهيان.
(6) تون حبيب تون طبيب تون درد جي دوا.
(7) تون حبيب تون طبيب تونهين ڏٿن ڏيا.

مٿين بيتن جي فقط منڍ واري سٽ، مون لکي آهي، جڏهن تہ سائين ميران محمد شاه اهي بيت مڪمل پڙهيا هئا. ان جلسي جي ڪارروائي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي زيرِ صدارت هلائي ويئي. سڀ کان پهريائين ان جلسي ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ”مضمون شاه جي نظر ۾ انسان جو تصور“ حاضرين کي پڙهي ٻڌايو. تنهن کان پوءِ حڪيم فتح محمد، مسٽر ليکراج، ڪشنچند ۽ مولوي محمد نورنگزاده شاه ۽ سنڌ جي شان ۾ رچيل نظم انهيءَ مبارڪ موقعي تي ميڙ ۾ پڙهي ٻڌايا ۽ مسٽر ٺڪرڪرپالاڻي، شاه صاحب جي شعر مان واقعا چونڊي دلڪش نقش چٽيا، جن تي کين تمام گهڻو داد مليو. ٿوري ڳائڻ وڄائڻ کانپوءِ مسٽر آسانند مامتورا ”شاه جو وشنودرشن“ عنوان تحت مضمون پڙهيو. مرڪزي صلاحڪاري بورڊ جي سهاري هيٺ سڏايل هي ميڙ، جنهن جي سر انجامي سنڌ پروانشل اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۽ ڪراچي مسلم اسٽوڊنٽس يونين حتي المقدور بہ پاڻ پتوڙيو.

جلسي جي ڪارروائي ختم ڪندي ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب، فرمايو تہ هڪڙي ڳالهہ جنهن تي شاه صاحب اسان لوڪن جو خاص ڌيان ڇڪائي ٿو. سا هيءَ آهي، تہ نہ هندو پنهنجي هندڪارتي ۽ نہ مسلمان پنهنجي دين تي سچا آهن. ملڪ ۾ ممڻ بہ انهيءَ ڪارڻ مَتو آهي.

لطيف سائين مسلمانن کي چوي ٿو تہ:

ان پر نہ ايمان، جنءَ ڪلمي گوڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندن کي چوي ٿو:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر نہ ڪوٺاءِ،

هندو هڏ نہ آهيين جڻيو تو نہ جڳاءِ،

تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

گربخشاڻي صاحب حاضرين کي عرض ڪيو تہ هندو مسلم ايڪتا جي جڙ هن بناءَ تي ٻڌل آهي تہ هندو پنهنجي هندڪار سان ۽ مسلمان پنهنجي دين سان سچا رهن، ڌرين جي وچ ۾ ويچارن. مت ڀيد جي مخالفت ٿي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن نيت سچي آهي ۽ منافقت کان ڪم نٿو ورتو وڃي تہ پوءِ ڌرين کي هڪٻئي لاءِ پريم ۽ عزت ٿي سگهي ٿي. پڇاڙيءَ ۾ مسٽر لعلچند امر ڏني مل بورڊ جي پاران اُٿي، صاحبِ صدر ۽ حاضرين صاحبان جا ٿورا بجا آندا. انهيءَ بعد جلسي جي ڪارروائي ختم ٿي.

خالقڏني هال ڪراچي ۾ ملهايل ورسيءَ ۾ جيڪي تقريرون، شعر، نظم پڙهيا ويا، تن کي پيرومل مهر چند قلمبند ڪري ”پٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف جي ورسي“ عنوان هيٺ ڪتابڙي جي شڪل ۾ 1942ع ۾ هي ڪتاب پهريون ڀيرو اداري سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو هي ڪتاب 64 صفحن تي مشتمل آهي.

اهڙن مڪيہ پروگرامن مان هڪڙو پروگرام 28 فيبروري 1947ع تي ڪراچيءَ جي ٿياسافيڪل لاج ۾ ٿيو. جنهن ۾ ڄيٺمل پرسرام ۽ مولوي عبدالڪريم چشتيءَ شاهه صاحب متعلق خيالن جو اظهار ڪيو. جڏهن تہ جلسي جي ڪارروائي بورڊ جي چيئرمين سيد ميران محمد شاهه هالائي هئي.

25 مئي 1947ع ۾ شاهه لطيف جي 215 هين جشنِ سالگرهہ جي موقعي تي ڀٽ شاهه تي ٽيئون مل ۽ ڀڳت هيمنداس. شاهه سائين جي ڪافي ـ تلنگ ـ ٻول ـ ڪاڪيون قريبن جي اڳيان، ڪتيم ڪين ڪي.

ٻي رات 26 مئي 1947ع تي ساڳين فنڪارن ساڳئي ڪافي ڳائي، ان ئي رات ڪافي ـ راڻو ـ ٻول ـ ”پلوڙي پينر ماري آهيان“. ڳائي داد حاصل ڪيو.

13 مئي 1968ع ۾ شاهه سائينءَ جي 216هين عرس مبارڪ جي موقعي تي محفلِ موسيقي جي ٻي نشست ۾ فنڪار ٽيئون مل ۽ سندس

ساڻين ڪافي-ڪاڪيون قريبن جي اڳيان، ڪتيم ڪين ڪي چا ٻڌايان. 14 مئي 1968ع تي محفلِ موسيقيءَ جي ٽين نشست ۾ ٽيئون مل ۽ ساٿين. شاهہ سائين جي ڪافي_پسي ڳاڙها گل متان ڪو گل چانگي ڪي چاري. محفل موسيقي جي پنجين نشست ۾ ٽيئون مل ۽ ساٿي-ڪافي-جت زوراور ذات اديون. اها ڪافي مڌر آواز ۾ ڳائي داد حاصل ڪيو.

21 اپريل 1970ع تي شاهہ سائين جو 218هون عرس مبارڪ ملهايو ويو. ان رات محفل موسيقي جي ٻي نشست ۾ پيگت ٽيئون ۽ سندس ساٿين شاهہ سائين جي ڪافي

(1) پسي ڳاڙها گل متان ڪوگل چانگي ڪي چاري.

(2) ڪاڪيون قريبن جي اڳيان، ڪتيم ڪين ڪي.

22 اپريل 1970ع تي محفل موسيقي جي ٽئين نشست ۾ پيگت ٽيئون ۽ ساٿي. پيرويءَ ۾ ڪافي ٻول-ڪاڪيون قريبن جي اڳيان، ڪتيم ڪينڪي چا ٻڌايان. ان ڪا پوءِ محفل موسيقي جي پنجين نشست ۾ پيرويءَ ۾ ڪافي-ٻول-منهنجو ملڪ ملير. هن ڪافيءَ تہ ماڻهن تي وجد طاري ڪري ڇڏيو.

22 اپريل 1970ع 218هون عرس مبارڪ.

فنڪار-مهراج هيمنداس.

ڪافي-تلنگ-ٻول-پنهون پاڻ سجاڻ آءُ ساڳيائي.

مارچ 1973ع تي شاهہ سائينءَ جي 2 سؤ ايڪيهن ورسي ملهائي ويئي، ان موقعي تي بہ پيگت ٽيئون مل شاهہ سائين جو ڪلام ڳائي خوب داد حاصل ڪيو هو. نوٽ:_ هن ورسيءَ ۾ ٻين فنڪارن بہ حصو ورتو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي ۾ شاهہ جي ورسي

26 ۽ 27 فيبروري 1983ع تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ٽي سؤ سالہ ورسيءَ جو پروگرام بمبئي جي ”دياونتي“ هال ۾ منعقد ٿيو. 26 تاريخ تي سپ ڪان پهرين پروفيسر رام پنجواڻي، شاهہ لطيف جي خيالي تصوير کي هارپارائي پوءِ محفل موسيقي شروع ڪئي. راڳ جي محفل ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين ڀهرو ورتو. ان پروگرام ۾ ٻيا سنڌي اديب، شاعر ۽ ليکڪ جن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي. موهن ڪلپنا، ٽيڪچند مست، رام پنجواڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪتاب- يادن جا ورق. ليکڪ- علي احمد قريشي (وڪيل) سال 2012ع. ايڊيٽر- پروفيسر اعجاز احمد قريشي. صفحي 125 تي ڄاڻايل ٿو تہ، اها محفل تقريباً شام 7 وڳي پوري ٿي. ٻئي ڏينهن تاريخ 27 فيبروري 1983ع تي مقالن پڙهڻ جو پروگرام ٿيو. جنهن ۾ پوپٽي هيرانندڻي، موهن ڪلپنا، گوبند مالهي، پروفيسر شيئو ڪرماڻي ۽ ٻين مقالا پڙهيا. جيئن تہ 27 تاريخ شام جو سميلن پورو ٿيو. اهو سيمينار ”اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا“ پاران منعقد ڪيو ويو هو.

ڊاڪٽر مرليڌر صاحب لکي ٿو تہ ڀارت ۾ مرڪزي سرڪار جي تعليم کاتي طرفان سال 1983ع ۾ بمبئيءَ ۾ قومي سطح تي ”شاهہ لطيف سيمينار“ ڪيو ويو. جنهن ۾ ڀارت جي جداجدا شهرن مان سنڌي عالم آيا هئا ۽ لطيف سائينءَ جي شعر جي جداجدا پهلوئن تي ۽ ان جي ٻوليءَ جي خوبين تي بہ سيمينار ۾ پيپر پڙهيا ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽرنيشنل لطيف سيمينار

وينا شرنگي 1983ع ۾ ڀارت جي سنڌي عورتن لاءِ سماجي تنظيم ”مارئي ڪلچرل آرگنائيزيشن“ نالي قائم ڪئي. هن تنظيم پاران 1987ع تي دهليءَ ۾ ”انٽرنيشنل لطيف سيمينار“ ڪوٺايو ويو. هن سيمينار ۾ سنڌ مان چڱاخاصا اديب شريڪ ٿيا. جن ۾ سليمان ڏاهري، تاج جويو مريم پليجو غلام شاهہ نور محمد ڏاهري، آپا شمس عباسي، آصف بالادي، نورنبي پليجو عابد چنہ. جمن دربدر-ظفر خواجہ منير شاهہ لونگ خان چنہ. ٽيڪامل- روشن ٻگهيو. جان محمد راڄڙ ڪمال ڄامڙو ۽ اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا شامل ٿيا.

16 آڪٽوبر 1987ع تي شام 5 بجي دهليءَ ۾ سيمينار جي شروعات ٿي. سڀ کان پهريائين مارئي سنگت جي سيڪريٽري وينا شرنگي سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. جنهن بعد مهمانن لطيف سائين جي پورٽريٽ آڏو ڏيئو روشن ڪري پروگرام جو باقاعده افتتاح ڪيو ۽ ان کان پوءِ هڪ ٻئي پويان ماؤلنڪر هال جي خوبصورتي اسٽيج تي اينڊڙ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل سنڌي فنڪارن محفل کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. هڪ پاسي لطيف جو پروقار پورٽريٽ، ته ٻئي پاسي لطيف جي سورمي مارويءَ جي خوبصورت خيالي تصوير، وچ ۾ مائيڪ آڏو بينل پونم ۽ جيسواني جي خوبصورت آواز ۾ گونجندڙ لطيف سائين جي ڪافي ” ننڊ نہ ڪر نماڻي“. اها ڪافي ڳائي محفل کي رونق بخشي.

ڪانئن پوءِ سنڌيءَ جي ناماري موسيقار ڪانِ موتهار جي رهنمائي ۾ راڌيڪا واڌواڻي، راڌا، مارئي آرگنائيزيشن جي صدر ۽ مشهور ڪلاسيڪل فنڪاره شانتي هيرانند ۽ ٻين فنڪارن بہ فن جو مظاهرو پيش ڪيو. ان رات آخر ۾ وينا شرنگي-مريم-راڌيڪا-جمن دربدر ۽ اياز لطيف پليجو هو جمالو ڳايو.

پروگرام جي ٻئي حصي طور ٻئي ڏينهن صبح جو مقالن جي نشست رکي وئي. جنهن ۾ سليمان ڏاهري، مريم پليجو نور محمد ڏاهري، تاج جويو عابد چنہ اي-جي اتم-هيرو ٺڪر، آپا شمس عباسي، اياز لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليجو ۽ آصف ”لطيف جي شاعري ۾ انقلابي ڪردار“ تي مقالا پڙهيا. ان کان علاوه محترم غلام علي الاناصاحب ۽ محمد ابراهيم سنڌيءَ جا موڪليل مقالا پڙهيا ويا. آخر ۾ سوالن جوابن جي نشست ٿي، جنهن ۾ اياز لطيف ۽ اي جي اتم، ڪجهه ساٿين جي، لطيف جي شاعريءَ متعلق پڇيل سوالن جا جواب ڏنا.

ساڳئي ڏينهن شام جو مشاعري جي نشست رکي ويئي جنهن جو مهمانِ خاص ناميارو سنڌي شاعر، نارائڻ شيام هو. ان مشاعري ۾ نام ديو رولاڪ پهريون پيرو هي شعر پڙهيو.

پلي دربدر ٿئي پلي چشم ترٿئي،
مگر دال دشمن جي هاٺي نہ ڳرندي.
سيئي ڏونگر ڏاري اچي توسان ملبو،
سواءِ هاڻ تنهنجي اسانجي نہ سرندي.

انهن سٽن تي نام ديوکي زبردست داد مليو. تنهن کانپوءِ جمن دربدر، تاج جويو، عابد چنہ، منير شاهہ، آصف-اياز لطيف-وينا شرنگي. سندري اتم چنداڻي نظم پيش ڪيا. تنهن بعد نارائڻ شيام پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي. ڪانئس پوءِ ڊاڪٽر هرومل هي نظم پڙهيو.

آيا جي پيا پنڌ تہ چا ٿا سوچيو
وک اڳتي وڌو پنتي ڏسڻ پنتي ڇڏيو،
منزل بہ وڌي چرن اوهان جا چمندي،
پرشرط اهو واٽ ۾ ساهي نہ پٽيو.

اهڙيءَ طرح آخر ۾ هڪ پيرو وري بہ پروگرام هوجمالي جي ڪورس سان اختتام پذير ٿيو. مارئي تنظيم دراصل لطيف ۽ سندس ٻوليءَ پاران، پاڻ تي عائد ٿيندڙ تاريخي قرض چڪايو آهي.

مسافر اياز لطيف پليجو لکي ٿو تہ، ٻئي ڏينهن صبح جو آڪاشواڻي ريڊيو وارن ”لطيف ۽ نوجوان“ جي حوالي سان هڪ مذاڪرو رڪارڊ ڪيو. جنهن ۾ اياز لطيف، سليمان ڏاهري، عابد چنہ، ظفر خواجہ حصو ورتو. جڏهن تہ ٻيو مذاڪرو بعنوان ”لطيف ۽ عورت“، ان متعلق مريم پليجو، آپا شمس عباسي ۽ وينا شرنگي پنهنجا ويچار پيش ڪيا. ”انٽرنيشنل لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيمينار“ جو ليڪڪ مسافر اياز لطيف پليجو. مٿي ھن مضمون جو مختصر احوال جناب اياز لطيف پليجو صاحب جي ٽورن سان ڏنو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مددي ڪتاب

(1) شاهہ لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو پي-ايچ-ڊي ٿيسز-ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو. (2) شاهہ لطيف تي ببليو گرافي-سهيڙيندڙ- ڊاڪٽر درشهوار سيد (3) ببليو گرافي شاهہ تي لکيل ڪتابن جي-عبدالجبار جوڻيجو. (4) سنڌ جون سون ورنيون دليون-پروفيسر عبدالستار بلوچ. (5) ڪوي عمر ڪوٽ جا-مرتب اڪبر لغاري. (6) سنڌ ۽ سنڌو ماتريءَ ۾ وسندڙ قومون-ترجمو-محمد حنيف صديقي (7) سنڌي نثر جي تاريخ-پروفيسر منگهارام ملڪاڻي (8) روهڙيءَ جا روشن ستارا-هدايت پريم (9) سنڌي ٻوليءَ جا محقق-ڊاڪٽر هدايت پريم (10) ڪنزاللطيف-ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (11) سک نہ ستا ڪڏهين-مرتب منظور احمد قناصرو (12) مون ۾ تون موجود-سهيڙيندڙ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي (13) روح رهاڻ-ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (14) شاهہ جا سرمور-منوهر متلاڻي (15) لاڙڪاڻو امر شخصيتون-عبدالستار پتي (16) روبرو-ريتا شاهاڻي (17) فڪرِ لطيف-قربان علي ميمڻ (18) شاهہ جي رسالي جا سرچشما-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (19) مغربي سنڌ شناس-مختيار احمد ملاح (20) سنڌي ادب تي هڪ نظر-مختيار احمد ملاح (21) سنڌي موسيقيءَ جا سرتار-سنڌيڪار خليل الرحمان شيخ (22) شاهہ جو رسالو منهنجي نظر ۾-پيرومل مهرچند (23) لطيفي سٿر-پيرومل مهرچند (24) يادن جا ورق-علي احمد قريشي (25) وساريان نہ وسرن-ممتاز مرزا (26) لطيف سنڌ آهي-منصور قادر جوڻيجو (27) ڪوڙين ڪن سلام-مرتب رڪيل مورائي (28) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ-ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (29) جنب گذاريم جن سين-ٻہ جلد-جي ايم سيد (30) سنڌ جي هندن جي تاريخ-ٻئي جلد-پيرومل مهرچند (31) چاڙ سچل جي-ياسر عبدالغني خاصخيلي/حاجي حسين جلباڻي (32) پيهي منجهہ پاتال-ڊاڪٽر بشير احمد شاد (33) لطيف ذهني چتا پيتي-ڊاڪٽر ڪمال جامڙو (34) امرتا-(شاهہ لطيف نمبر) مرتب فقير محمد ڊول سال 2011ع (35) ڪلاچي تحقيقي جرنل ڊسمبر 2014ع (36) ڪونج-ڊسمبر 2012ع نندچگاڻي

(37) چهہ ماهي سنڌي ادب۔ ڊسمبر 2003ع (38) چه ماهي سنڌي ادب۔ ڊسمبر 2002ع (39) چهہ ماهي سنڌي ادب۔ 77۔1976ع (40) ڪارونجهر۔ايڊيٽر۔ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جون 2014ع (41) ماهوار سنڌين جو سنسار۔ايڊيٽر ڊاڪٽر گهنشيام داس۔جنوري 1996ع (42) ماهوار نئين زندگي۔اپريل 2006ع (43) ماهوار پيغام۔جنوري 2005ع۔ اپريل 2005ع. (44) لطيفي لات۔ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (45) شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري۔ڊاڪٽر نبي سڏايو (46) ڀٽائيءَ جو ثقافتي ورثو۔منظور احمد قناصرو (47) مقدمہ لطيفي۔ ڊاڪٽر گربخشاڻي (48) سر رامڪلي۔ مرتب حميد سنڌي (49) ڪستي منجهہ ڪٽان۔فقير امداد علي سرائي۔ڇاپو 1995ع. (50) پيج ڀٽائي مئگزين۔14۔2013ع. (51) لطيف سالگره مخزن۔1967ع۔ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. (52) ڪتاب۔سامي سِجَ وڙاءُ۔(ناول) مراد علي مرزا. (53) لطيفي معلومات، موضوع وار. ترتيب۔ راهب علي لاڙڪ. روشني پبليڪيشن ڇاپو ڀهريون 2006ع.

مهراڻ (سوانح نمبر ڊسمبر 1990ع) مهراڻ۔ 4۔1990ع۔1۔ 1990ع۔4۔1986ع۔نمبر 4۔2013ع. نمبر۔2 2013ع.

ڪينجهر۔1994ع۔1995ع۔2005ع۔2010ع۔2011ع.

عبرت مئگزين 1987ع.

ڪاوش دنيا۔12 جنوري 2014ع۔گرجيف۔آصف رضا موريو.

عوامي آواز سنڌي مئگزين۔28 جون 2015ع.

عبرت اخبار۔30 جنوري 2010ع. مختلف رسالا ۽ اخبارون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book